# موزون آڪاٽين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوٽيون

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (188) **”موزون آڪاٽين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي پهاڪن ۽ چوڻين جي ڪتاب جو سهيڙيندڙ عبد الوهاب سهتو آهي.

هي ڪتاب **المنعر لائبرري لاڙڪاڻي** پاران اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن،  راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو  منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

# پہ اکر

جيڪو تو ماڻهو ملي سو تو پڇي: ”ابا! اهو انجنيئر ڪٿان هٿ ڪيو اٿئي؟ واهه جو ڪم پيو ڪري. شابس اٿس. سنڌي پهاڪن، چوڻين ۽ اصطلاحن کي پهريون دفعو الڳ الڳ ظاهر ڪيو اٿس ۽ هاڻي عام ماڻهوءَ توڙي اسان جي اديب ۾ پهاڪي، چوڻي ۽ اصطلاح جي وچ ۾ تميز پيدا ڪئي اٿس.“

هڪڙي بزرگ منهنجي سامهون ڪانئس پڇيو: ”سهتا صاحب! اهي پهاڪا ۽ چوڻيون آڻيو ڪٿان ٿا؟ جو ڪينجهر جو جيڪو پرچو ڪڍ، ان ۾ اوهان جو پهاڪن بابت طويل مضمون موجود آهي.“

جواب ۾ چوڻ لڳس ته: ”اوهان محسوس ڪيوهوندو ته اوهان ويني ڳالهايو ۽ مون ويني خاموشيءَ سان ٻڌو، ائين هر ماڻهوءَ جي ڳالهه ٻولهه مان ڪجهه نه ڪجهه جهٽي ونندو آهيان.“

لاڙڪاڻي جو هڪڙو ڊاڪٽر دوست چوندو اٿم: ”ناز! ڪڏهن ٿا وهاب سهتي جا پهاڪا ۽ چوڻيون ختم ٿين ته اسين ڪينجهر ۾ ايڏا طويل مضون لکون!“ وهاب مونکي ان جو جواب ڏنو: ”ناز! اهو ڪم ايڏو وڏو آهي جو مون واري زندگي پوري ٿي نه پوندي، ان لاءِ الائي ڪيترين زندگيون کپن.“

انهن سمورين ڳالهين مان اسين اندازو ڪري سگهون ٿا ته وهاب، پنهنجي ان ڪم کي ڪيترو نه سنجيدگيءَ سان ڪنيو آهي جو سنڌي ساهت گهر طرفان ان موضوع تي سندس هيءُ ٽيون ڪتاب آهي ۽ خبر ناهي وٽس اجا ڪيترا ڪتاب تيار پيا آهن.

وهاب جيڪو خلوصِ دل ۽ نيڪ نيتيءَ سان اهو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي ۽ ڪنهن جو ٻڌايل هڪ پهاڪو به ضايع ٿيڻ نه ڏنو اٿس ته سنڌ جا ماڻهو به يار جي انهيءَ پورهئي سان پيار ڪرڻ لڳا آهن.

**ناز سنائي**

**حيدرآباد سنڌ**

**١٢ جولاءِ ٢٠٠٤**

# ستاءُ

ٻه اکر
ستاءُ
سادا اکر
مقدمو
پهاڪا ۽ چوڻيون: پس منظر ۽ ڪارج
مددي ڪتاب
ڏسٽي

# سادا اکر

جيئن انساني زندگيءَ جي تاريخ جي ڪهاڻي پراڻي آهي، تيئن پهاڪن جي تواريخ به پراڻي آهي. اچ تائين ڪو به پڪ ۽ وثوق سان چئي نه سگهيو آهي ته انسانن سان آباد هن رنگين دنيا جي سيني ٻولين منجهان اها ڪهڙي ٻولي آهي، جنهن ۾ پهريون دفعو ڪنهن پهاڪو ٻڌو ۽ ڻاهيو؟ ائين ئي هيءُ سوال به اجا تائين حل طلب آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون پهاڪو ڪڏهن نهيو؟ يا پهريون پيرو سنن لفظن تي مشتمل مڪمل يا اڌورو جملو ڪنهن چيو؟ جيڪو معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان ايترو ته پرپور هيو جو سيني انسانن متفق ٿي ان کي پهاڪو ڪوٺيو؟!! يا اهو ايترو وڻندڙ ۽ وزندار هيو، جو سيني کي وڻيو ۽ باقي پهاڪا پنهنجو پاڻ هڪ ٻئي جي پويان نهندا ويا. اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته دنيا جي سيني قومن جي مختلف اٿڻي ويهڻي ۽ تهذيبي تضاد جي باوجود پهاڪا/چوڻيون معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان رڳو هڪجهڙا نه آهن، پر جڻ هڪ ٻئي جو نعم البدل آهن، هڪجهڙائي به ايتري جو، هڪ کي لڪائي ٻئي کي ڪڍ! ان جو هڪ سبب هيءُ به نظر اچي ٿو ته انساني جبلتون هڪجهڙيون آهن، ڀلي جسماني رنگ ۽ رت جو گروپ مختلف ڇو نه هجي.

ٿوريءَ دير لاءِ ويچارُ ڪجي ته جيڪڏهن هيءُ وڻندڙ اُڀُ/ آسمان، ستارن يا انهن جي جهرمر کان سواءِ هجي ها يا مٿس فقط هڪڙو ستارو هجي ها يا اهو چنڊ کان سواءِ هجي ها ته ڪيڏو نه اونداهو، بد-زيبو ۽ اڻ وڻندڙ لڳي ها. ائين پهاڪا/ محاورا/ چوڻيون، ڪنهن به ٻوليءَ جا، آسمان تي چمڪندڙ ۽ جرڪندڙ ستارن سمان آهن. جيڪڏهن ٻوليءَ ۾ پهاڪا/ چوڻيون نه هجن ته ٻولي ويران، رُکي، سونهن کانسواءِ، ٻُسِي ۽ ٻُٺِي هجي ها، جيئن ڪا پَري، اَپسرا يا خوبصورت، حسين و جميل عورت زيورن کانسواءِ! ڪنهن به ٻوليءَ ۾ پهاڪي، محاوري ۽ چوڻيءَ کي اها حيثيت حاصل هوندي آهي، جيڪا ادب ۾ تشبيهه ۽ استعاري کي هوندي آهي يا پلاءُ ۾ لوڻ/ مرچ ۽ مصالحي کي هوندي آهي. جيڪا ڳالهه اينگهه ۽ ڊيگهه ۾ ڪري سگهجي يا سمجهائي سگهجي، تنهن کي پهاڪو ٻن ٽن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو، يعني پهاڪو/ چوڻي لڪيت/ گفتگوءَ جي ڊيگهه کي ختم ڪري ٿو.

ڪو مڃي يا نه پر هيءَ هڪ حقيقت آهي ته اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا پهاڪا هيٺئين طبقي سان تعلق رکندڙ انسانن جي ايجاد آهن. جنهن جو ثبوت هيءُ آهي ته ڪجهه پهاڪن/ محاورن/ چوڻين ۾ مٿانهين طبقي تي، جن ۾ خوشحال، شاهوڪار، سڪيا ستابا ۽ وڏيرا اچي وڃن ٿا، **ٽوڪ، ٺٺول، چٿر ۽ طنز** ڪيل آهي. انهيءَ وضاحت لاءِ هت ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

١. واندو آهين ته وڃ وڏيرڪي گهر/اوطاق.

٢. پالها مل! وڃ سڪئي مل جي گهر.

٣. ڪڪڙ ڪوريءَ جو، نانءُ وڏيري جو. (ورجيس)

۴. شاهوڪار جو ٽِٽُ به، ڪستوري.

۵. وڏيرڪو ٻار: ڇريو، چور، ڇچلو يا ڇلولو.

٦. وڏيرڪي ڪڪڙ به، ٽه- مٽي. يا وڏيرڪي ٻلي به، ٻه- مٽي.

7.جيڏو ناٽو، تيڏي ٻڪ.

8. مروان موت، ملوڪان شڪار.
9. جيستائين سڪيو ڪٽي ساهه، تيستائين غريب جو وجي پساهه.
١٠. ڏاڍي جي نه اڳيان ڏجي نه پنيان.
١١. شينهن کي ڪير چوندو: تنهنجي وات ۾ ڏپ آهي.
١٢. امير گونهه کائي ته چوندا: وَٿَ (لذت / لست) ٿو وني.
١٣. شاهوڪارن جو / وياج خورن جو، ناٽو به ويامندو آهي.
١٤. ڏاڍي جي لٺ کي، به مٿا.

اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪن پهاڪن/ محاورن ۽ چوڻين جو انساني معاشري يا زندگيءَ سان تعلق آهي. زراعت جي شعبي سان لاڳاپيل پهاڪن/ چوڻين جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

١. لٽي لاباري ڪُڇر/ ڪاهل ٻڌو ڪانيو، نه سرنهن نه ڄانيو. (پهاڪو)
٢. اهو ڪي ڪجي جو، ٻين ڏاندين هر هلي. (پهاڪو)
٣. گهٽين ڏاندين هر نه هلي، گهٽين رنين گهر نه هلي. (پهاڪو)
۴. خرار مان مُٺِ پرڻ. (اصطلاح)
۵. نموني جي مُٺِ مان پرکجي ٿو خرار. (پهاڪو)
٦. ٻئي مٿا وڏيرو ڪٽي ويو. (ڪڙميءَ جو سمورو ان ڪجي وڃڻ). (جملو)
7. جتي لٽندو لوڪ، اتي سڪندين سنگ لاءِ. (شعري سٽ)
8. فقير پنندي هُهِين، اجايو لاباري جا ڏينهن ٿو وڃائين. (جملو)
9. چونديندي چور، وجي پيا ڪڪڙين تي.

گذريل ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، زندگيءَ جي هر شعبي اندر تيل ٻي انتها نئين ايجادن ڳوٺن ۽ جهر جهنگ کي شهرن سان ملائي، هڪ عالمي ڳوٺ (Global Village) جوڙي ڇڏيو آهي. پر پهاڪن محاورن ۽ چوڻين ۾ ڪا به ترقي (واڌارو يا نواڻ) ٿي نه سگهي آهي ۽ ساڳيا ئي پهاڪا استعمال ٿي رهيا آهن. ٢١ فيبروري ١٩٨٥ع جي رات جو آل انديا ريڊيو جي اردو سروس ۾ "زبان ۾محاوري ڪي اهميت" نالي سان هڪ ادبي مذاڪرو نشر ڪيو ويو هو. جنهن جو ميزبان مسعود هاشمي هيو. ان ۾ شريڪ گفتگو پروفيسر مسعود حسين خان، جناب رشيد حسن خان ۽ ڊاڪٽر امير الله شاهين جهڙا هندستان جا چوٽيءَ جا اديب ۽ لسانيات جا ماهر هيا. ڊاڪٽر اميرالله شاهين پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو هيو: "تو ميرا يه احساس هي ڪه اس وقت جو نسلين هين وه اس پوزيشن مين نهين هي ڪه ڪچ نئي محاوري، ڪچ نئي لفظيات پيي دين...... نئي ووڪيبلري يا نيا محاورا نهين آرها. ڪيون ڪه محاوري سازي ڪسي اديب ڪي بس ڪي بات نهين هي، يه تو عوام دين گي. ليڪن عوام تو ڪسي انتشار سي دوچار هين. اس لئي انتشار ڪا شڪار هوني ڪي سبب وه ڪسي نئي محاوري ڪو جنم ديني سي قاصر هين. تو ميرا يه احساس هي ڪه نيا محاورا جو نهين آرها اس ڪي وجه شايد يهي هي."

پروفيسر مسعود حسين خان، ايڊيٽر رسالا "هم زبان" شريڪ گفتگو هيو. ڊاڪٽر امين الله شاهين جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته پروفيسر صاحب ڪنهن جڳهه تي لکيو آهي: "لڳي ته ائين ٿو ته جنهن زماني ۾ پهاڪا ۽ محاورا ناهيا ويا، ان زماني جا ماڻهو اڄوڪي دور جي ماڻهن کان وڌيڪ

سياڻا، دور-انديش ۽ پنهنجين ٻولين جا ماهر هيا، جو پهاڪا / محاورا جوڙي ٻوليءَ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪيائون. پر اسان وارو نسل ان معاملي ۾ شايد گونگو ۽ ٻوڙو آهي، يا ذهني طور سست، ڪاهل، توتي، ڏڏ آهي. پاڻ ڪجهه به نه ٿو ڪري رڳو اڳين زماني ۾ ايجاد ڪيل پهاڪن يا محاورن تي پاڙيو ويٺو آهي.”

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن تي پهريون دفعو ڪم گڏريل اوڻويهين صديءَ ۽ ويهين صديءَ ۾ ٿيو. پهاڪن تي ڪم ڪندڙ عالمن جڏهن پنهنجي ميڙي چونڊي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي ته انهن پنهنجي اهڙين محنتن تي نالا ڏاڍا سهڻا، وڻندڙ، مناڻ ڀريا ۽ ذائقيدار رکيا!!

ديوان ڪيولرام سلامت راءِ آڏواڻيءَ ١٨٦٩ع ۾ سنڌي پهاڪن تي مشتمل ڪتاب لکيو ته نالو ڏنائينس “گلشڪر” ۽ ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ به پنهنجي گڏ ڪيل محنت يعني پهاڪن ۽ اصطلاحن جي مجموعي جو نالو رکيو “گلقند”. ورهاڱي کان پوءِ ١٩٥٦ع ۾ غلام اصغر وندير، محاورن جو مجموعو شايع ڪيو ته نالو رکيائين “ڪٽمنڙا.” گل شڪر، گلقند ۽ ڪٽمنڙا جهڙا نالا ٻڌڻ سان ئي زبان گلن ۽ مناڻ جي ذائقي سان ڀرجي وڃي ٿي ۽ ڪنهن سٺي شيءِ جي ذائقي جو احساس پيدا ٿي وڃي ٿو، جيڪو دل ۽ دماغ کي تر ۽ تازو ڪري ڇڏي ٿو.

پنهنجي ٻوليءَ جي ڄاڻ اسان کي ڪيتري آهي؟ ٻوليءَ جي سونهن، پهاڪا / محاورا ۽ چوڻيون آهن. انهن بابت اسين ڪيتري ڄاڻ رکئون ٿا؟ سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ کانپوءِ پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ جن دوستن به جتن ڪيا آهن، انهن منجهان ڪهڙن پهاڪن / محاورن ۽ چوڻين تي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي؟

ماضيءَ جي تاريخ ۾ جڏهن سنڌ بمبئي سان ڳنڍيل هئي، ليئو پايون ٿا ته خبر پوي ٿي ته هڪ يورپين آفيسر، جنهن جي مادري زبان نه سنڌي هئي ۽ نه ئي ان بابت ڪيس پوري ڄاڻ هئي، سو اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ عالم ديوان روچي رام گجو مل ڪرپالاڻيءَ کي اتساهي/ آماده ڪري ٿو ته هو سنڌي پهاڪا گڏ ڪري ۽ انهن سان نهڪندڙ معنيٰ ۽ مفهوم وارن پهاڪن جي لغت تي مشتمل ڪتاب شايع ڪري. ديوان روچي رام گجو مل ڪرپالاڻي، اهڙي عالم ۽ غير تعصبي انسان ۽ يورپي آفيسر بابت پنهنجي ڪتاب

“A hand book of Sindhi Proverbs” ( ) ١٨٩٢جي ديباچي ۾ لکي ٿو :

“The need of hand book of Sindhi proverbs rendered into English ﷺ.. Contrasted with their English equivalents has been felt and was once prominently brought to notice by a high European Officer desirous of studying the Sindhi language”

مون لاشعوري زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پهاڪو پنهنجي گهر ۾ والد صاحب جي واتان ٻڌو. منهنجو والد صاحب عبدالحميد سومرو ١٩٤١ع ۾ جڏهن علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان تعليم پرائي پنهنجي گهر سنڌ ڏانهن موٽيو پئي آيو ته علي ڳڙهه شهر ۾ لڳندڙ ساليانيءَ نمائش مان چانهن پيئڻ وارو ڪوپ-بسين جو سيٽ ورتيون آيو هو. پنهنجي شاگرديءَ واري دور ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽي جي يادين کي تازو رکڻ خاطر سانڍيل سوکڙيءَ يعني ان ٽي سيٽ جو وڏو خيال رکڻ لاءِ گهر جي سمورن ڀاتين کي ڏاڍو تاڪيد ڪندو هو. ٽي سيٽ هيو به ڏاڍو خوبصورت ۽ انتهائي نفيس ۽ نازڪ ۽ ڪنهن زود حس انسان جيان ٺانڪوڙو. هڪ دفعي اسان جي گهر ۾ درياءَ پار

وارا مائٽ مهمان ٿي آيل هئا. ڪنهن لاپرواهه مهمان جي بي احتياطيءَ وچان، ڪوپ هٿن مان ڇڏائجي هيٺ ڪري ڇينهون ڇينهون ٿي ويو ته بابا سائينءَ ڏک وچان امالڪ چيو ته: ”ڌوٻيءَ / ڪتيءَ جي گهران وئي ڇُووو!!“ مون دل ۾ چيو ته: ”ڪوپُ اسان جو ڀڄي پيو ۽ ڀڳو به اسان جي مهمان جي هٿان ته ان ۾ ڪپڙن ڌوئڻ واري ماڻهوءَ يعني ڌوٻيءَ جو ڇا وڃي؟ ان ۾ ڌوٻيءَ جو ڪهڙو قصور؟!“ ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن مهمان موڪلائي ويا ته بابا سائينءَ کان ”ڪتيءَ جي گهران وئي ڇووو“ بابت پڇيم ته پاڻ ٻڌايائون ته: ”ڪتيءَ / ڌوٻيءَ کي گراهڪن جي ڪپڙن لاءِ ڪو به احساس يا خيال نه هوندو آهي ۽ انهن کي پرائو مال سمجهندو آهي. هو مليل ميرن ڪپڙن کي ڌوئڻ لاءِ ڪاٺ مان ٺهيل ڦرهي تي زور ۽ زوم وچان بيدرديءَ سان سٽيندو آهي، پوءِ ڀلي اهو ڪنهن جو بوسڪيءَ يا ململ جو نازڪ ۽ نرم ڪپڙو ڇو نه هجي! ڪتي/ڌوٻي ڪپڙي کي ڦرهي تي سٽڻ مهل پنهنجي وات مان هر هر رڳو **ڇووو** جو آواز ڪڍندو آهي. پرائو نرم ۽ نازڪ ڪپڙو ڀلي ڦاٽي ۽ ليڙون ليڙون ٿي ڇو نه وڃي، پر ڌوٻيءَ جي گهران ڇا ويندو؟ سواءِ لفظ **ڇووو** جي آواز ڪڍڻ جي !! نقصان ته ڪپڙي جي مالڪ جو ٿيندو. ظاهر آهي ته جنهن جو نقصان ٿيندو، ڏک ۽ تڪليف به ان کي پهچندي، ٻئي کي ڪانه پهچندي!“

١٩٦٢ع ۾ نئين تعليمي پالسيءِ جي نافذ ٿيڻ کان اڳ درسي ڪتابن ۾ موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل سبق شامل هوندا هئا. اهڙن درسي ڪتابن ۾ ڳالهه جي ڳالهه به هوندي هئي ۽ شاگردن لاءِ سبق جو سبق به هوندو هو. سڀ کان وڌي ڳالهه ته انهن آکاڻين نما سبقن ۾ صراط المستقيم تي هلڻ لاءِ تاڪيد ڪيل هوندو هو. ٻاراڻن توڙي جوان جماڻ شاگردن لاءِ مخصوص درسي ڪتابن ۾، اهڙين نصيحت آموز آکاڻين تي جڙيل سبقن ڏيڻ جو مقصد به اهوئي هوندو هو ته نئون نسل تعليمي ادارن مان **انسان** بنجي ٻاهر نڪري ۽ ڪٿي ڪيس اهو مهڻو نه ملي ته: ”اٿو ڏئي پڙهيو آهي“ يا ”پڙهيو آهي پر ڪڙهيو ناهي.“ ان زماني جي شاگردن ۽ هاڻي پنجاه واري عمر کان مٿي چڙهيل ماڻهن کان اهي سبق ڪٿي ۽ ڪيئن وسريا هوندا؟!!!

مثال: ”پرائي ڪم ۾ ٽنگ نه اڙائجي“ واري پهاڪي جي پس منظر ۾ ڏنل درسي سبق ۾ هڪ سنت ۽ ساڌو يا ڪنهن الله لوڪ انسان جي ڳالهه لکيل هئي. جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته هو پڃري ۾ قيد ۽ بند ٿيل شينهن تي رحم کائي کيس آزاد ڪري ٿو ته شينهن ڪيئن کيس کائڻ لاءِ اُلري اچي ٿو ۽ آخر ۾ گدڙ اچي ساڌو/ سنت جي جان ائين بچائي ٿو جو شينهن کي ڪنهن اٽڪل سان ٻيهر پڃري ۾ بند ڪري ٿو. يا ”تڪڙ ڪم شيطان جو“ واري پهاڪي تي جوڙيل سبق ۾ مائيءَ ۽ نورَ جي ڳالهه لکيل هئي، جنهن ۾ تڪڙ، جلد بازي، عُجلت ۽ اُبهرائپ کان پاسو ڪرڻ جو ڪيڏو نه عمدو مثال ڏئي سمجهايو ويو هو!! اهڙا ڪيترائي مثال ڏجن!!

سيني ڪلاسن جا درسي ڪتاب اهڙين موزون آکاڻين تي مشتمل سبقن سان ڀريل هوندا هئا. سنڌي پرائمري درسي ڪتابن ۾ ”خدا هر هنڌ حاضر ناظر آهي“ جي چوڻيءَ تي جوڙيل آکاڻي نما سبق ۾ **پير مرد معلم** جي ڳالهه لکيل هئي، جيڪا هن ڪتاب ۾ پڻ موجود آهي. ان آکاڻيءَ جو مقصد هيو ته هڪ عام انسان (شاگرد) ۾ الله تعالي جي هر هنڌ حاضر و ناظر هئڻ جو احساس پيدا ٿئي ۽ ڪو به ڪُڌو ڪم ڪرڻ کان اڳ اهو سوچي ڪنبي وڃي ته ٻيو ڪو ڏسي يا نه ڏسي پر الله پاڪ ڏسي رهيو آهي. جيڪو ان ڪُڌي ۽ گندي ڪم تي ناراض ٿيندو. اهو اسان جو

تهذيبي ورثو هيو، جنهن کي جدت جي آڙ وٺي هڪ ڏک سان ختم ڪيو ويو ۽ نواڻ جي محبن اهو چيو ته اهو پراڻو ڪورس آهي، ان ۾ هينئر نواڻ اچڻ گهرجي! نواڻ جي نالي ۾ پڙهيل ڪڙهيل انسانن مان **انسانيت** ۽ ماڻهن منجهان **ماڻهپو** ختم ٿي ويو آهي. حالت اها آهي جو ڪنهن سياڻي درويش انسان جيان ڏينهن ڏٺي جو به چراغ يا بتي ٻاري هڪ **انسان** کي ڳولهڻو پوي ٿو ته **انسان** ڪٿي آهي؟!!!

پهاڪي جو ڪمال هيءُ آهي ته اهو وڏي مفهوم واري ڳالهه کي مختصر ڪرڻ جو گُرُ سيکاري ٿو. پهاڪو عام ۽ نجي ڪچهرين، فيصلن يا نثر توڙي نظم (شاعريءَ) ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڳالهه کي جرڪائي ٿو ۽ منجهس حسن پيدا ڪري ٿو.

منهنجي ننڍپڻ جي دوست ۽ همراز هڪ انسان- دوست، نذير احمد پيرزادي جو والد مرحوم خوش محمد پيرزادو، نئون ديري جي معزز شخصيتن منجهان هيو ۽ رٽائرڊ پرائمري هيڊ ماستر هيو. هڪ دفعي سندس مزاج پرسي ڪرڻ ويم. پاڻ پنهنجي گهر جي اندرئين ڪمري ۾ نهوار واري کٽ تي ليٽيل هيو. مان جيئن ئي اندر داخل ٿيم تيئن مون تي نظر پوڻ سان ئي اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڪمزوريءَ ۽ نحيف هئڻ سبب اٿڻ کان لاچار ٿي رهيو. مان پاڻ وڏي وجي مليومانس ته ڳراٽڙي پائي چيائين:

**"پٽ! سنج مڙئي ساڻ، پر جوين ريءَ جڏا ٿيا!"**

دل ۾ چيم ته: "پهاڪو انساني ڪيفيت جو ڪيڏو نه سنو ترجمان ٿئي ٿو. سائين خوش محمد پيرزادو انسان به ساڳيو ئي آهي ۽ سيئي عضوا سلامت به اٿس پر انهن عضون ۾ قوت ناهي، ڪا طاقت ناهي ته اهي بيڪار ٿي پيا اٿس!!"

پهاڪي جاءِ انساني حالت ۽ ڪيفيت جي ترجمانيءَ جا ڪوڙ مشاهدا ٿيا، جن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. اسان جي پيٽيوي محمد علي سومرو، سابق هيڊ ماستر گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ديري واري جو هڪ پراڻو واقفڪار هيو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ وڏي نالي وارو ملهه ٿي گذريوآهي. اهو ڳاهي به ڳاهي اسان جي اوطاق ۾ ايندو رهندو هو. پوڙهائپ خود وڏي بيماري آهي. اهو ملهه به جواني هلي وڃڻ سبب هٿن ۾ ٿورو وزن به کڻي نه سگهندو هو ۽ هر هر ڪري پوندو هو. ادا محمد علي سومرو کيس پٽائيندو ۽ چيڙائيندو هو ته هو امالڪ پٽائي جي ضرب المثل شعري سٽ چئي ڏيندو هو.

**"جهونا ٿيا جهاج (جهاز)، سٽ نه جهلين سڙهه جي!"**

هڪ دفعي منهنجو وڏو چاچو، حاجي در محمد سومرو، نصير آباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هيو. اسان جي سئوٽ مولا بخش سومري مرحوم جو هڪڙو هم ڪلاسي دوست هيو، جيڪو ڪنهن زميندار جو پٽ هو. زميندارڪو ٻار هئڻ سبب پڙهڻ ۾ ڏڌ هو. تنهن مولا بخش کي چيو: "پنهنجي والد صاحب کي چئو ته: منهنجو نالو اسڪول مان ڪڍي ڇڏي! جو جو مان ڪونه پڙهندم!" اها خبر جڏهن سندس پيءُ کي پئي ته اهو چاچي سان ملڻ لاءِ اسان جي ڳوٺ آيو ۽ ڏک وچان چيائين: "حاجي صاحب! ڏک اهو آهي ته مان ته ڪونه پڙهيم پر منهنجو پٽ به هاڻي ئي **اٺ وانگر پنتي مُٽي ٻيهي رهيو آهي!** افسوس صد افسوس!!"

هڪ دفعي سنڌي ادبي سنگت خيرپور شاخ جو سيڪريٽري تاج سروهي، سنڌس دوست علي گل

ملاح، قدرة الله سومرو "قدرت" ۽ مان هڪ ٽيڪسي ڪار ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيا هئاسين. وات تي ڪار خراب ٿي پئي. پرسان ئي هڪ رهزن، بدنام، ماڻهن ڪان آجي، بدمعاش جو بظاهر وڏو خوبصورت بنگلو هيو. سانوڻ جا ڏينهن هيا، اج بہ ڏاڍو ستايو هو، سو پاڻي پيئڻ لاءِ ان جي بنگلي ۾ اندر ويا سين. اندريون منظر ڏاڍو پيانڪ هو. چاڪاڻ تہ اتي رُج ۽ سُڄ، چري عورت جيان وار کولي واڪا پئي ڪيا. بنگلي ۾ اندر ڪمرا فرنيچر ڪان خالي هيا ۽ بہ ٽي چنل چڳل موڙا ۽ بہ ٽي ٻانهون ڀڳل ڪرسيون ورانڊي ۾ رڪيل هيون. سيناريل دلي مان پاڻي پي ٻاهر نڪتاسين تہ سيني دوستن گڏيل آواز ۾ چيو: واقعي سياڻن ڪيڏو نہ سچ چيو آهي:

## "ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير!!"

هر سنو شعر پاڻ ئي پنهنجي سونهن آهي، پر جي ڪو سنو شاعر پنهنجي شعرن جي قالب ۾ پهاڪي، اصطلاح، محاوري ۽ چوڻيءَ کي فٽ ڪري ٿو تہ ان سان شعر جو حسن ٻيڻو ٿي پوي ٿو. جيئن نثر ۾ پهاڪو، اصطلاح، محاورو يا چوڻي استعمال ڪرڻ سان نثر وڌيڪ وڻندڙ ۽ پُر اثر ٿئي ٿو، ائين نظم (شاعري) ۾ پهاڪو، اصطلاح محاورو ۽ چوڻي استعمال ڪرڻ سان شعر جي علامتي معنيٰ زياده نمايان ٿي دل کي ڇهي ٿي. اردو ٻوليءَ ۾ مرزا اسدالله خان غالب، امن، ذوق ۽ جوش مليح آباديءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ پهاڪا ۽ تلميحون وڌيڪ ڪم آندا آهن. اردو نثر ۾ وري ڊپٽي نذير احمد ۽ ڪرشن چندر پنهنجي ناولن ۾ رڳو ممبئيءَ جا محاوار ۽ پهاڪا ڏنا آهن، سي بہ اهڙا جن کي رڳو ممبيءَ جي مخصوص طبقي سان وابستہ افراد ئي سمجهي سگهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن ۾ ڊُنڙي جو عارف الموليٰ، نظير ٽڪڙائي، استاد بخاري ۽ ٻيا ڪجهہ شاعر آهن، جن پنهنجي شعرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پهاڪا، اصطلاح، محاورا ۽ چوڻيون شامل ڪري پنهنجي شاعريءَ جي حسن کي وڌيڪ چمڪايو آهي. ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ڪنهن کي زوريءَ شاديءَ لاءِ بہ مجرائي نہ ٿو سگهجي، زوريءَ جي ميندي لڳندي ناهي.

١. تنهنجي ڳالهہ تہ مڄڻي ناهي،

"زور جي ميندي لڳڻي ناهي." ------ نظير ٽڪڙائي

٢. زاهد خشڪ سان عشق جون ڳالهيون،

"ردِ اڳيان رباب" چا چئجي؟!!

بي درد سان درد جون ڳالهيون،

انڌي اڳيان ڪتاب چا چئجي؟-------- عارف المولي

اسان سنڌي، ڪنهن جي ڪُڌي ڪم کي ڏسي افسوس يا نفرت سان چوندا آهيون: **ڪاريءَ (نانگ) تي پير اٿس.**

ڪر جو تر سان وير آ، ٻيو مڙئي خير آ،

نانگ تي پيو پير آ، ٻيو مڙئي خير آ------------ استاد بخاري.

ڪمزور، گيدي ۽ بزدل ماڻهو پنهنجي گهر اڳيان ٻيهي اجايو گوڙ يا ڏاڍ ڪندو آهي تہ بي اختيار ٿي چوندا آهيون: **"پنهنجي ڍر جي اڳيان گدڙ بہ شير آهي."**

مُند متبي ئي مِزاج هِن گهٽا متجي ويا،

تي گدڙ پيو شير آ، مڙئي خير آ----------------- (بخاري)
وڄايل موڙي ۽ چوري ٿيل قيمتي شين مان اڌوگابرو سامان موٽي ملڻ تي يا نالي ماتر ٽپڙ ٽاڙي ملڻ تي چوندا آهيون: **"ٻڏي ٻيڙيءَ جون هريڙون به چڱيون."**
هي جُهد جو جهندو، جو ڳڙن ۾ ڦڙڪيو،
ڦاٽي ويو سانديي رکو، ليڙون به چڱيون،
**استاد** ۾ چا دوست بچيو آهي، چيائين:
"ٻيڙي جي ٻڏي ته هريڙون به چڱيون." ------------ استاد بخاري
اسان جو محقق محترم عبدالوهاب سهتو، لک آفرين ۽ شاباس جي لائق آهي جنهن اسان جي تهذيب يا وڃايل موڙيءَ کي، انگريز شاعر ملٽن وانگر وڃايل بهشت کي ڳولهي ڦولهي هٿ ڪري ۽ هڪ هنڌ جمع ڪري هھڙو ڪتاب تيار ڪري اسان جي لوڪ ادب کي شاهوڪار ڪيو آهي. اسان پڙهيلن وٽان پهاڪا، اصطلاح، محاورا ۽ چوڻيون جھڙو املھ خزانو، هٿن ۾ واريءَ جيان ڪسڪي رهيو آهي. پهاڪا، محاورا ۽ چوڻيون ته پري رهيون پر اسان جو نئون نسل پنهنجي ٻوليءَ جي سونهن کي به ميرو ڪري رهيو آهي. سنڌي سماج ۾ ڀيڻ توڙي ڀاءُ جي ٿيل رشتي کي پڪو ڪرڻ واري عمل کي مڱڻو چيو ويندو آهي، پر نئون نسل ڀيڻ ته ڇا پر ڀاءُ جي مڱڻي جو سڏ ٻڌائڻ لاءِ چوي ٿو: "صبحاڻي منهنجي ڀاءُ جي مڱڻي آهي!"
لفظ مڱڻو مذڪر ۽ مڱڻي مونث!! پر نئين نسل کي ڪاٻه خبر ڪانهي. پنهنجي شاهڪار پهاڪن کي ڇڏي ٻين ٻولين جا اڻ نهڪندڙ پهاڪا ٻڌائڻ ۽ استعمال ڪرڻ تي زور اٿن!! خبر ناهي ته يونيورسٽين ۾ شعبي سنڌي جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبر صاحبان جو ڌيان هن طرف ڇو نه ٿو وڃي ته هو هھڙا ڪتاب ايم اي جي ڪورس ۾ شامل ڪن.
سرڳواسي روچي رام گجو مل ڪرپالاڻيءَ جيڪا اڄ کان هڪ صدي اڳ **آس** رکي هئي، تنهن کي اسان جي محقق عبدالوهاب سهتي **ساپيان** جو روپ ڏئي ڄڻ سنڌس آتما کان آسيس ورتي آهي.
ديوان روچي رام گجومل ڪرپالاڻيءَ انگريزي پهاڪن سان نهڪندڙ ٻن پاڱن تي مشتمل سنڌي پهاڪن واري ڪتاب تي ڪم ١٨٩٢ع ۾ شروع ڪيو هو ۽ سندس اهو ڪتاب سنڌ جي ڪمشنر جي ممبئي واري پريس مان شايع ٿيو هو. ديوان روچي رام گجومل ڪرپالاڻي پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:
آئنده (مستقبل ۾) سندس هن بنيادي ڪم کي نظر ۾ رکي ڪو وڏو ڪم (پهاڪن بابت) ترتيب ڏنو ويندو. ديوان روچي رام جو چوڻ آهي:
"I undertook this work in ١٨٩٢ but owing to press of office work, and sudden illness, my progress has been very slowﷺ It contains only those proverbs which are most common and generally understoodﷺ. Nor does it in any way profess to be free from errors. Defective as it is, it may however be found useful by students of Sindhi and may serve as a basis for a more complete work at some future period".
محترم عبدالوهاب سهتي جو هيءُ شاندار، شاهوڪار ۽ شاهڪار ڪم، ديوان روچي رام گجومل ۽ ٻين عالمن جي پهاڪن تي ٿيل سئو سال پراڻي ڪم جو ڄڻ ته تسلسل آهي ۽ ديوان روچي رام

جي ان آس جو پورائو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. بقول ديوان روچي رام گجو مل جي ته مستقبل ۾ **ڪو** اهڙو ماڻهو، محقق جي روپ ۾ پيدا ٿيندو، جيڪو سندس ڪم کي بنياد بڻائي وڏو ڪم سر انجام ڏيندو. هتي مان ان لکڻ / چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿو سمجهان ته ديوان روچي رام گجومل جنهن آئنده جي محقق جي آس رکي اشارو ڏنو آهي، اهو **ڪو** ٻيو نه پر يقيناً عبدالوهاب سهتو ئي آهي.

نندي ڪند جي ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن تي شايع ٿيندڙ هڪ ڪتاب ۾ پهاڪن جي پس منظر ۾ اهڙيون ڪِلَ جهڙيون ڳالهيون لکيون ويون آهن، جن جو منهن نه مٿو. جن کي عقل سالم مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ ڪنهن به دور ۾ تيار ئي ناهي! نامڪن ۽ اڻ ٿيڻ جهڙيون ڳالهيون "پهاڪن جي پاڙ" طور ڏنيون ويون آهن، جيڪو ٻيو ڪجهه به نه پر مرتب جو ذهني اختراع (Puerile) لڳن ٿيون ۽ مرتب، **پهاڪي ۽ ورجيس** ۾ فرق پيدا ڪري يا سمجهي نه سگهيو آهي ۽ ڪوڙ ورجيسون، چوڻيون ۽ اصطلاح، پهاڪن ۾ شمار ڪيا اٿس!! پر اسان جي محقق محترم عبدالوهاب سهتي جي موزون آکاٽين ذريعي جڙيل پهاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل هن ڪتاب ۾ پڙهندڙ کي ڪا هڪ آکاٽي به غير موزون نظر ڪانه ايندي. جيڪو مان سمجهان ٿو ته سندس تحقيقي ڪم جو پنهنجو پاڻ ئي ثبوت آهي. آئون محترم عبدالوهاب سهتي جي هن تحقيقي ڪم کي "A THING OF BEAUTY" سمجهان ٿو. حيرت وٺي ٿي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل پهاڪن، ورجيسن، محاورن ۽ چوڻين تي مشتمل ڪتابن تي نظر وجهئون ٿا ته اڪثر مرتب يا ته ساهتي علائقي سان تعلق رکن ٿا يا زمين تي آسمان جي ٽڪري لاڙڪاڻي سان. لاڙڪاڻوين منجهان شمس الدين ٽونيه قمبر وارو جنهن تازو سائنٽيفڪ ڊڪشنري پڻ ترتيب ڏني آهي، يا مرحوم عبدالڪريم سنديلو ۽ محترم عبدالوهاب سهتو شامل آهن. محترم عبدالوهاب سهتي جو اباڻو ڳوٺ ته جام نورالله، ڪنديارو آهي. جتي پاڻ فقير محمد بچل سهتي جي گهر ۾ جنم ورتائين ۽ سنڌي محاوري موجب سندس **اور** به انهيءَ گهر ۾ پوريل آهي، سو به ساهتي علائقي ۾ اچي ٿو. هاڻي لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو ۽ تمام خوشيءَ ۽ ادب- دوستن لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي ته هاڻي عبدالوهاب سهتو، لاڙڪاڻوي آهي.

محترم عبدالوهاب سهتي کي هيءُ تحقيقي ڪم، سندس والد صاحب چاچي محمد بچل سهتي کان ورثي ۾ مليل آهي، چاڪاڻ ته چاچو محمد بچل سهتو، اڻ پڙهيل هئڻ جي باوجود، پنهنجي ڳوٺ ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ سياڻو، دورانديش ۽ سپورنج انسان سمجهيو ۽ مڃيو ويندو هو ۽ هو هر ڳالهه ۾ ڪونه ڪو مثال، ٽوٽڪو نقل نظير، پهاڪو، محاورو يا چوڻي استعمال ضرور ڪندو هو.

هتي هڪ ڳالهه ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته جيئن انگريزن ۽ ٻين يورپي عالمن پنهنجي ٻولين ۾ فحش ۽ بازاري ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ پهاڪن ۽ محاورن تي مشتمل ڊڪشنريون تيار ڪري ڇپايون آهن، تيئن آءُ به محترم عبدالوهاب سهتي کي هيءَ صلاح ڏيندم ته هن جيئن ته تحقيقي ميدان ۾ پاڻ ملهايو ۽ مڃرايو آهي، ان ڪري مٿس اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته هو سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص طور گڏيل مجلسن، اوطاقن، مئخانن، هوٽلن، بازارين ۽ نجي محفلن ۾ استعمال ٿيندڙ اگهاڙا ۽ ننگا پهاڪا ۽ محاورا به ضرور لکي. چاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سوين اگهاڙا پهاڪا آهن،

جن تي ڪنهن بہ محقق قلم ڪونہ ڪنيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ محقق ديوان مرليڌر جيٽلي جي هڪ ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" (لوڪ اپياس) سنڌ ۾ ڇاپو پهريون ١٩٩٦ع جي صفحي ١١٦ تي فقط ست(7) فحش پهاڪا ۽ ورجيسون ڏنيون آهن. هيءُ ڪتاب روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان الڳ شايع ڪيو ويو آهي، جيڪو اصل ۾ سنتداس پنهومل ڪشناڻيءَ جي ڪتاب "پهاڪاءِ محاورا" جو مقدمو هيو، جيڪو اصل ڪتاب (انڊين ايڊيشن ) ۾ موجود آهي. ديوان مرليڌر جيٽلي لکي ٿو:

"سنڌي ۽ ٻين ڀارتي ٻولين جي انهيءَ پهلوءَ تي علم اللسان جي نقطي نگاهہ کان تحقيق ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي." مرليڌر جيٽلي جي ڳالهہ ڪي اڳتي وڌائيندي سهتي صاحب ڪي گذارش ڪبي تہ اهڙو مواد سنڌ ۾ ناميارن مشڪرن/ مسخرن وٽان حاصل ٿي سگهي ٿو، جن وٽ اهڙي طرز جو وڏو خزانو موجود آهي.

**پروفيسر نذير احمد سومرو**
سيڪريٽري ذوالفقار راشدي اڪيڊمي،
نئون ديرو، ضلع لاڙڪاڻو
بتاريخ ١٥ مئي ٢٠٠٤

# انتساب

هيءَ ننڍڙي ڪاوش، محترم نجب الدين سهتو صاحب ڏانهن منسوب ڪيان ٿو.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# مقدمو

لوڪ ادب، عام ماحول ۽ ذهن مان جنم وٺي، عوامي زبانن ۾ سينن ۾ پلجي، زماني جي گردش ۾ پڪو پختو، صاف شفاف ٿي، وقت جي ورقن تي وکري، دوام حاصل ڪندو آهي. ان جي گوناگون شاخن منجهان ضرب الامثال بہ هڪ اهم شاخ آهي. عربيءَ ۾ ان کي مثال ڏيئي سمجهائڻ يا سمجهڻ لاءِ مثال ڏيڻ، سڏبو آهي. ڪنهن ڏکيءَ ڳالهہ يا مسئلي کي سمجهائڻ يا سمجهڻ لاءِ ڪنهن ڏنل / سولي/ آسان / سمجهيل شيءِ جو مثال ڏيئي سمجهائڻ کي ضرب المثل چئبو آهي.

ضرب المثل ڳالهين/ شين جا ٽي قسم آهن.

١. مثالي ٽوٽڪا يا مثالي ڪهاڻيون.

٢. مثالي جملا: پهاڪا يا چوڻيون.

٣. مثالي فقرا: ورجيسون يا اصطلاح.

ٽنهي شاخن بابت هيٺ وضاحت ڏجي ٿي.

## 1. مثالي ٽوٽڪا يا مثالي ڪهاڻيون

ٻن ٽن سٽن يا هڪ پيراگراف کان وٺي انن ڏهن پيراگرافن منجهہ بيان ڪيل وارتا، جيڪا مثال جي طور تي بيان ڪئي وڃي، ان کي مثالي ٽوٽڪو يا مثالي ڪهاڻي سڏبو آهي. ديگهہ سبب ان کي پهاڪو نہ سڏبو آهي. جڏهن تہ اهڙا لطيفا، ٽوٽڪا، لتڪا، آکاڻيون، ڪهاڻيون ۽ قصا وغيره، جيڪي عام زندگيءَ ۾ ضرب المثل جي صورت اختيار ڪري عوامي ٿي وڃن ٿا، تن کي مثالي ٽوٽڪا يا مثالي ڪهاڻيون سڏبو آهي.

## 2. مثالي جملا: پهاڪا يا چوڻيون

هڪ مڪمل جملو، جيڪو پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم کي قائم رکندي، مثال جي طور ڪتب اچي ۽ عوام ۾ عام هجي، ان کي مثالي جملو چئبو آهي. مثالي جملي جي زمري ۾، ورجيسي جملو، چوڻي، پهاڪو، قول، ٻول يا گفتو وغيره اچي ٿا وڃن.

## 3. مثالي فقرا: ورجيسون ۽ اصطلاح

ٻن يا ٻن کان مٿي لفظن تي مشتمل فقرو يا غير مڪمل جملو، آزاد يا مصدر سان، جملي ۾ استعمال ٿيڻ پڄاڻان ٻيءَ معنيٰ کي ظاهر ڪري يا مثال طور ڪتب اچي تہ ان کي مثالي فقرو (Idiomatic Phrase) سڏبو آهي. مثالي فقري جي زمري ۾، ورجيس، اصطلاح، ٻٽو لفظ، ڪنايو ۽ تشبيهہ وغيره اچي وڃن ٿا.

مٿي ڄاڻايل ٽنهي شاخن منجهان فقط مثالي جملي بابت هتي بحث ڪنداسين. انهيءَ جي زمري ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون اچن ٿا. جن جي لغوي معنيٰ ۽ فرق بابت چند ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ بہ ضروري آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي.

### چوڻي:

نصيحت آموز، عام مقبول قول، سخن، گفتو جيڪو مڪمل جملو هوندي، ڪنهن ڏاهي، سياڻي،

فيلسوف، داناءُ، دانشور، پيغمبر، وليءَ، شاعر يا اديب ڏانهن منسوب نه هئڻ جي باوجود، عوام جو پنهنجو هجي ۽ منجهس فهم، سمجهه، سوچ، فڪر، دانائيءَ، ڏاهپ، دانش، سياڻپ يا عقل جو نقطو يا رمز سمايل هجي ۽ پنهنجي لفظي يا ظاهري معني ۾ استعمال ٿئي ته ان کي چوڻي چئبو آهي.

## پهاڪو:

اها عام مقبول چوڻي، جيڪا ظاهري معنيٰ ۽ مفهوم کان علاوه ٻيو يا اندريون مفهوم به رکي ته ان کي پهاڪو سڏيو ويندو آهي.

مٿي بيان ڪيل وصفن مان سمجهه ۾ آيو ته پهاڪي ۽ چوڻيءَ ۾ بنيادي فرق فقط، ظاهري معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۽ ڳجهي معنيٰ ظاهر ڪرڻ وارو آهي. چوڻي، ظاهري معنيٰ ظاهر ڪندي آهي ۽ پهاڪو ٻي معنيٰ ۾ استعمال ٿي سگهندو آهي. ورنه ٻنهي جي صورت، ساخت، شڪل شبيهه ۽ عوامي پسنديدگي يا مقبوليتِ عام هڪجهڙي ئي هوندي آهي.

## پهاڪن ۽ چوڻين جي ارتقا

پهاڪن يا چوڻين جي ارتقا، ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪهڙي ماحول ۾ ٿي؟ اهي دلچسپ، انوکا ۽ جستجو طلب سوال آهن. گهڻن ڪوجين، انهيءَ ڏِسُ ۾ رندا روڙيا آهن. جو جو سمورن پهاڪن / چوڻين جي ابتدا، ارتقا يا تواريخ بابت معلومات ڪٺي ڪرڻ، ڪٺن ڪم آهي. ادبي افق تي رونق افروز هزارين پهاڪا / چوڻيون هڪ ماحول، پس، منظر، حالت، طريقي، ذريعي يا واقعي سان وجود پذير نه ٿيا آهن. انهن جي جڙڻ پويان ڪيئي پس- منظر ، ذريعا، سبب ۽ ڪارڻ آهن. منجهانئن ڪن بابت هيٺ نشاندهي ڪجي ٿي.

## پهاڪن / چوڻين جي جنم جا مکيه ذريعا

١. لوڪ ڪٿائون.
٢. تواريخي شخصيتون، واقعات، حالات ۽ جغرافيائي ماڳ مڪان.
٣. سياڻن جا سخن، قول، گفتا يا نقطا.
۴. انساني جذبات جو رد عمل يا ندائي جملا.
۵. پروليون ۽ ٻول.
٦. ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ۽ لساني جائزو.

مذڪوره مڙني ذريعن منجهان، هر هڪ جي وسيلي هزارين پهاڪا / چوڻيون جنم وٺي چڪا آهن. سمورن پهاڪن ۽ چوڻين جي چنڊڇاڻ ڪرڻ ممڪن آهي پر تمام مشڪل پڻ. انهن کي فقط يڪجاءِ ڪرڻ سان به ايڏو وڏو ضخيم ڪتاب جڙي پوندو، جيڪو هڪ ماڻهوءَ جي ترتيب ڏيڻ کان زور آهي. بهتر آهي ته مرحليوار، مڙني پهاڪن ۽ چوڻين جي چنڊڇاڻ ۽ اڀياس ڪجي.

### ١-0 لوڪ ڪٿائن ذريعي جڙيل پهاڪا / چوڻيون.

لوڪ ڪٿائن واري ذريعي کي به هينئين ٽن شاخن ۾ ورهايو ويو آهي.

١-١ سنڌ جا مشهور لوڪ داستان.

سنڌ جي مشهور لوڪ داستانن جهڙوڪ: دودو چنيسر، ليلان چنيسر، مومل راڻو، عمر مارئي، سسئي پنهون ۽ سهڻي ميهار وغيره، ڪيترن ئي پهاڪن / چوڻين کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

الف- دودو ڏوڙ، چنيسر چائي.
ب- ويئيءَ وهاڻيءَ، دودي ناناڻا آيا.
ج- عمر نيئي نيئي مارئي نيندو، ٽڙئون تہ نہ ٽيلهيندو.
د- اٺ ڪڏين سسئي.
ه- ڪيئي ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.
و- پنيوران جي پڳيون، سي چٽيون.
ز- ميهار گهٽو ئي چڱو، پر ٿيو هُن پار.
ح- مومل جي ماڙيءَ ڪي، چوڌاري چارا. وغيره.

### ١-٢ ٻارن لاءِ وندرائيندڙ يا نصيحت آموز آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون.

ٻاراڻين آکاڻين يا نصيحت آموز آکاڻين بہ ڪيترن ئي پهاڪن / چوڻين کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

الف- گدڙ ڊاک نہ پڄي، آکي: "تو ڪٽا!"
ب- اٺ کي گهنڊڻيءَ جو / ٿاڙيءَ جو، ڪهڙو پئو.
ج- اجايا پهہ نہ پچائجن.
د- جو ڪمائي، سو کائي. وغيره.

### ١-٣ موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون.

موزون آکاڻين يا ڪهاڻين بہ ڪيترن ئي پهاڪن / چوڻين کي جنم ڏنو آهي. مثال طور:

الف- اکين وارا، دنيا ۾ ٿورا آهن.
ب- پريءَ ٻيڙيءَ ۾، واڻيو ڳورو.
ج- پُلي پُلي پاڻ آئي، سا بہ نہ پُلي.
د- پرائي ڏيءَ / ڏيو تان ڪارڪ بہ چڱي.
ه- جاتي پاڻي، تاتي پاڻ / پهر.
و- دنيا ۾ ڏوڏ ڪا ڏوڏ ۽ پاڻي ڪا پاڻي آهي.
ز- ڪارا گهڻا پر ڪارنهن ڪنهن ڪنهن جي لهي. وغيره.

اسان جو موضوع فقط، موزون آکاڻين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون آهي. هتي انهن بابت بحث ڪجي ٿو.

ڪيترين ئي موزون آکاڻيون، قصا يا ڪهاڻيون روزمره جي زندگيءَ ۾ جنم وٺي يا رونما ٿي، ذهن جي ڪنڊ ۾ جاءِ والاري، زبان-زدن يا عام ٿي، عوام جا پنهنجا / عوامي/ مشهور ٿي وڃن ٿا. اڳتي هلي، اهي آکاڻيون، مثال جي طور تي ورجائجنديون رهن ٿيون. ان ورجاءَ سبب، تشهير جي وهڪري مان وهي، سهڻي / سلوڻي پيرايي وارو چوغو ڍڪي، مثالي ٿي پون ٿيون. فطري طور تي هر انسان کي هر مسئلو، آکاڻيءَ يا ڪهاڻيءَ ذريعي آسانيءَ سان سمجهہ ۾ ويهندو آهي. ان ڪري هو منجهن وڌيڪ چاهہ / دلچسپي وٺندو آهي.

ورجاءُ پوءِ پلي من و سلويٰ جهڙي لذيذ ۽ پاڪ ڪاڏي جو چونہ هجي، دل ڪٽائي ڇڏيندڙ ٿيندو آهي.

ان ڪري ڪهاڻيءَ جي ڊيگهه کان بچڻ لاءِ اختصار کي اختيار ڪيو ويندو آهي. نتيجي طور ساڳيو قصو سوس ڪائي، قطري ۾ بند قلزم وانگر تي پوندو آهي. جنهن کي ان قصي جو تَتُ يا تاتُ پُرج يا عنوان چئي سگهجي ٿو.

هر شيءِ جي گهٽائي غافل ڪندڙ ۽ ڊيگهه بور ڪندڙ هوندي آهي. ساڳي ساڳي شيءِ هر وقت نہ وڻندي آهي. انساني سياءُ، مَٽ سَٽ کي پسند ڪندڙ آهي. انهيءَ چرپر يا مٽ سٽ ۾ ئي حياتي آهي. چاڪائو طبيعت / ذهن کي، نئين سج نئين شيءِ گهرجي. اها طلب، ٿوري پر مايہ- دار چيز سان پوري ٿي سگهي ٿي. اهڙا قصا، ڪهاڻيون يا آڪاڻيون، جيڪي پاڻ منجهہ فهم، پهہ يا نقطو رکندا هجن ۽ ليٿي پيٿي اختصار جي صورت اختيار ڪري چڪا هجن، سي هر ذي شعور کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪن ٿا ۽ ياد رکڻ ۾ پڻ سولا ٿيو پون.

گهڻا پهاڪا / چوڻيون، اهڙين آڪاڻين ۽ ڪهاڻين مان جنم وٺن ٿا. جڏهن تہ ڪن پهاڪن / چوڻين جي مفهوم کي چٽو ڪرڻ لاءِ موزون آڪاڻيون جوڙيون بہ وينديون آهن. اهو بہ ممڪن آهي تہ هتي ٻڌايل پس منظر کان علاوه ڪنهن پهاڪي /چوڻيءَ جو ڪو ٻيو پس منظر ئي اصل پس منظر هجي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جن موزون آڪاڻين / ڪهاڻين مان پهاڪا / چوڻيون جڙيا آهن سي ڪهڙيون آهن ۽ چو نہ لکيون / ياد ڪيون ويون آهن؟ ان جو جواب هيءُ آهي تہ اول ڪهاڻي جنم وٺندي آهي، بعد ۾ مناسب لفظن سان سندس عنوان جنم وٺندو آهي، تہ جيئن ٿور-اکرائيءَ سبب دل تي نقش ٿي سگهي. اڳتي هلي، ڪهاڻي/ آڪاڻي گهڻن ماڻهن کان وسري ويندي آهي ۽ فقط عنوان، پهاڪي يا چوڻيءَ طور، عام ذهنن تي رهجي ويندو آهي. چو جو ڪن ٽوٽڪن / ڪهاڻين جو ورجاءُ، ڪن حالتن ۾ اُگرو هوندو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ وضاحت پيچڻ ۾ پڻ بچان لڳندي آهي. اهو ٽوٽڪو يا ڪهاڻي پلي ٻن ٽن سٽن جي ئي چو نہ هجي پر تيستائين پهاڪو/ چوڻي نہ ٿو چئي سگهجيس جيستائين منجهس ايڪائي وصف ناهي يا سندس اهو مقرر روپ عوام ۾ دهرايو نہ ٿو وڃي.

آڪاڻي نہ دهرائجڻ جو ٻيو سبب بہ آهي. ڪي آڪاڻيون مَثَل السُوءِ مان جڙيل هونديون آهن، جنهن ڪري ڪن ماحولن اندر ورجائڻ ۽ دهرائڻ ۾ چڱيون نہ آئڙبيون آهن. مراد حاصل ڪرڻ خاطر، مختصر عنوان ذريعي انهن ڏانهن اشارو ئي ڪيو ويندو آهي.

مَثَل السُوءِ: غليظ مثال مان بہ عقل وارن کي فهم جو نقطو ملي ويندو آهي. دنيا ۾ ڪابہ شيءِ بري هجي يا پلي، اجائي ناهي. منجهانئس ڪونہ ڪو فائدو ضرور هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن بہ گنديون شيون پاڻ ۾ ملي بہ هڪ خوبصورت شيءِ ناهي وٺنديون آهن. ان جو ادنيٰ مثال: اوپڙ جو ايرڻ ۽ ماڻهوءَ جو پنهنجو جنم آهن. اهل نظر انهن حقيقتن کي ڄاڻندا آهن، جڏهن تہ تنگ نظر يا **شادي-بدخبر** ماڻهو، منجهانئن ويڪون ڪيندا آهن ۽ ان ۾ سمايل نقطي مان لاڀ حاصل نہ ڪندا آهن. ڪين سوئر جي حُرمت ۽ ماءُ جي حُرمت ۾ تميز ڪرڻ بہ نہ ايندي آهي.

مثل السوءِ کي سمجهڻ لاءِ هيٺ بہ مثال ڏجن ٿا.

مثال-١ جيڪا عورت، دلڪش وارن يا ڪرڙي اک سبب، سهڻي نظر اچي ٿي سا وارن ڪوڙجڻ يا اک ڪيڻ ڪاڻپوءِ بدصورت ٿي پوي ٿي. جڏهن تہ ڪوڙيل وار ۽ نڪتل اک، گهڙيءَ لاءِ بہ ڪين ٿا

وڻن. آخر اها سونهن ڇا ۾ هئي؟
مثال ٢- زمين تي گند هارڻ جي باوجود به منجهانئس گل گلزاريون پيدا ٿين ٿا. اها سونهن منجهن ڪٿان آئي؟
ٻن غليظ شين جي هم آهنگيءَ مان قدرت واري، سونهن کي جنم ڏنو آهي.
اها به انساني فطرت آهي ته ساڳيو ٽوٽڪو يا آڪاڻي ڪير به ورائي ورائي ٻڌڻ پسند نه ڪندو آهي. جڏهن ته ڪنهن ڳالهه کي سجهڻ يا سمجهائڻ لاءِ ان جي ضرورت پوندي ئي رهندي آهي. انهيءَ سبب ڪري، انهيءَ آڪاڻيءَ يا ڪهاڻيءَ جو، مناسب يا موزون لفظن ۾ عنوان مقرر ٿي ويندو آهي، جيڪو اڳتي هلي ضرب المثل / پهاڪو/ چوڻي بڻجي پوندو آهي. انهيءَ دوران، پهاڪي لاءِ مقرر ٿيل، هيٺ ڄاڻايل، چارئي خاصيتون انهيءَ ارتقائي دور مان مڪمل ٿي چڪيون هونديون آهن.
١- ٿور-اکرائي يا ننڍڙو روپ.
٢- ويچارن جي گهرائي.
٣- سلوڻائي ، ظرافت يا اظهار جي نزاڪت.
٤. لوڪ / عوام ۾ مقبوليت/ مشهوري.
جڏهن موزون آڪاڻي، پهاڪي پرکڻ واري ڪسوٽيءَ جي مٿين چئني مرحلن مان ارتقائي منزلون طئي ڪري چڪندي آهي ته اها پهاڪي جو روپ ائين وٺندي آهي، جيئن ڪڙهڻ بعد کير مان مائو نهندو آهي.
انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ آسان مثال وتائي فقير جا گفتا ۽ ٽوٽڪا آهن. مثال طور:
الف- ٻيو سڀ رب جي مرضي، ماني پچائي يا ڇانور، اما جي مرضي.
ب- دوزخ ۾، هر ڪو ٻاهه هٿان ڪنيو ٿو وڃي.
ج- مهماني ڪپڙن جي آهي. وغيره
مٿي ٻڌايل پهاڪا / چوڻيون، شروع ۾ فقط لطيفي جي صورت ۾ هئا. هن وقت مقرر ڪيل ارتقائي مرحلا طئي ڪري، ضرب المثل جو روپ ڌاري چڪا آهن.
اهڙيون ڪيئي مثالي ۽ موزون آڪاڻيون آهن، جن ۾ ويچارن جي گهرائي ۽ سلوڻائي ته آهي پر عوام ۾ مشهور نه ٿيون آهن. تن کي جيڪڏهن ٿور-اکرائي وارو عنوان ڏيئي، عوام ۾ مشهور ڪجي ته ضرب المثل بنجي پونديون. ان لاءِ به هڪڙو شرط آهي ته ڪين لوڪ مڃتا به ملي. لوڪ مڃتا نه ملڻ جي صورت ۾ به ڪين پهاڪو/ چوڻي نه سڏبو .
پهاڪي/ چوڻيءَ جو جيستائين پس منظر اوجهل آهي، تيستائين منجهس سمايل پهه ۽ استعمال به اوجهل آهي. پَهُ تڏهن اوجل يا اجرو ٿيندو، جڏهن پسمنظر جي مختصر جهلڪ ذهن تي اڪريل هوندي. نثر توڙي نظم ۾ استعمال ٿيل اهڙن جملن مان پوءِ ئي چَسَ ايندي.
ان کان علاوه اها ڄاڻ رکڻ به ضروري آهي ته اهي پهاڪا، ڪهڙي علائقي يا ماحول ۾ پليا ۽ مشهور ٿيا آهن. ڇو جو جنهن علائقي / ماحول ۾ جنم ونن ٿا، تنهن ۾ ئي وڌيڪ پسند ڪيا وڃن ٿا ۽ ورجايا وڃن ٿا. منجهن سمايل نقطو، اتي جي عوام کي وڌيڪ چٽو سمجهه ۾ اچي ٿو. ضروري ناهي ته هڪ علائقي ۾ جڙيل پهاڪو ٻئي علائقي ۾ ساڳي پسندگيءَ سان مشهور هجي. علائقائي حساب سان، هر پهاڪي / چوڻيءَ جي لفظي ترتيب به ڦريل هوندي آهي. انهيءَ ڪري

پهاڪي/ چوڻيءَ جي آخر ۾ علائقائي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي.
نموني جي مٿ طور، ڪجھ سوڪڙيون، هن ڪتاب هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

## متن

### ١. آپ سکي، جڳ سکي. (هندي، چوڻي)

هڪڙو حجم، بادشاهه سلامت جي سنوارت ڪندو هو. پنهنجي ڪمائيءَ مان ڏاڪو ڪن مهرون، بچائي پانيءَ ۾ لڪائي رکيون هئائين. بادشاهه ڏيهاڙي ڪانئس حال احوال وٺندو هئو. پڇندو هئس: "اوستا! ڏي خبر! ملڪ جو ڇا حال آهي؟"

"سائين ملڪ سکيو ستابو آهي، انصاف جو دور دورو آهي! امن امان لڳو پيو آهي! شينهن ٻڪري هڪ گهاٽ تي تا پاڻي پيئن!" موت ۾ سدائين ائين چوندو هيو.

بادشاهه سلامت کي لڪايل مهرن بابت ڪنهن سُڌِ ڏني، جنهن تي مهرون لڪرائي ڇڏيائينس، حسبِ عادت ڪانئس ٻئي ڏينهن پڇيائين: "اوستا ڏي خبر! ملڪ جو ڇا حال آهي؟"

"سائين ! پينگ لڳي پئي آهي! ملڪ ۾ اهو امن امان نہ رهيو آهي! خوشي ئي موڪلائي وئي آهي، هَٿَ-گسَ لڳي پئي آهي! ڪو گهر سلامت ناهي! روز ڪاٺ تا لڳن! خوشيءَ وارو زمانو ئي هليو ويو!" حجم ڏڪندڙ هٿن سان جذبات ۾ جواب ڏنو.

خلافِ عادت جواب ٻڌي بادشاهه سلامت پڇيس: "اڙي! ڪالهه چيئي تہ: ملڪ سکيو ستابو آهي! امن امان آهي! راتوڪي رات ۾ اهو ڦرڪو ڪيئن ڦريو."

"سائين!" حقيقت کان آگاهه ڪندي ٻڌايائين: "آپ سکي، جڳ سکي."

مطلب: ١ . جيءُ ناخوش، جهان نا خوش.

٢ . جيءُ خوش، جهان خوش.

٣ . هر ماڻهو ٻين کي پنهنجي ڪيفيت آهر سمجهندو آهي.

### ٢. آپ ڪمائيءَ ۽ باپ ڪمائيءَ ۾ فرق آهي. (هندي ، چوڻي)

هڪڙو اميراڻو ٻار، پئسن وٽان ڪانسواءِ، مڪتب ۾ پڙهن نہ ويند هئو. اها عادت پٽس کي ڏاڍي ڏکي لڳندي هئي، جنهن هڪ ڏينهن، آخوند سان صلاح ڪئي: "ڇوڪرو بيدرديءَ سان پئسا ڪپائي ٿو، ڪيس احساس ڏيارڻ گهرجي."

"روزانو ڏهہ روپيا، مڪتب جي خرچ لاءِ گهرجن! " ٻئي ڏينهن آخوند، صاحبزادي کي چيو. ڇوڪري پيءُ کان روزانو ڏهن روپين جي طلب ڪئي. پٽس بہ چار ڏينهن ڏنا، پوءِ اهو چئي بند ڪري ڇڏيائين: "پاڻ ڪمائي وجي آخوند کي ڏي".

اميرزادي اها ڳالهہ ماءُ سان ڪئي، جنهن مسئلو حل ڪندي، روزانو کيس ڏهہ روپيا ڏيڻ شروع ڪيا . آخوند ڏهہ روپيا وٺي ڇوڪري جي اکين آڏو کوهہ ۾ اڇليندو هو.

هڪ ڏينهن ماڻس گهر ۾ نہ هئي تہ کيس ڏهہ روپيا نہ مليا. اتاوليءَ مان هڪڙي هنڌ مزدوري ڪيائين. اٺ آنا مليس ۽ اچي استاد جي تريءَ تي رکيائين. استاد حسبِ عادت اٺ آنا کوهہ ۾ اڇلايا تہ صاحبزادو خلافِ عادت ڪاوڙجي ڳاڙهو ٿي ويو.

"اڳي ڏهن رپين اڇلڻ تي نہ ڪاوڙبو هئين، ۽ اڄ اٺ آنا اڇلڻ تي ناراض ٿو ٿيين؟ سو ڇو؟" استاد پڇيس.

"ڏهہ روپيا، بابا جي ڪمائيءَ جا هئا ۽ اٺ آنا مون ڪمايا آهن!"

“مون اهو انهيءَ لاءِ ڪيو تہ جيئن توکي احساس ٿئي تہ ....” آخوند نصيحت ڪندي چيس: “آپ ڪمائيءَ ۽ باپ ڪمائيءَ ۾ فرق آهي”.
مطلب: هر ڪنهن کي، پنهنجيءَ محنت جو ئي قدر ٿيندو آهي.

## ٣. آڌا چُوڙا، آڌا ٻُورا، مال ڪُوڙا، مراد پُورا. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي مائيءَ کي پنهنجي ٽُنهن لاءِ عاج جون چوڙيون نهرائڻيون هيون. عاج جي ڳِتي ڪٽي چوڙيگر وٽ وئي ۽ روبرو گهڙائڻ ويني.
چوڙيگر، حسبِ عادت، ڳِتيءَ جا چوڙا لاٿا. پوءِ ٻانهن جي ماپ سارو، عاج کي گولائيءَ ۾ اهڙيءَ طرح چيريائين جو ٻورو تمام گهڻو نڪتو.
“عاج تہ زيان ڪري ڇڏيئي!” مائي زيان ڏسي رهي نہ سگهي ۽ چيائينس: “ايڏو ٻورو ڪيبو آهي؟!”
“آڌا چوڙا، آڌا ٻورا، مال ڪوڙا، مراد پورا!” موٽ ۾ ڪاريگر چيس.
مطلب: ١. مال ڪوڙو هيو، تنهن هوندي بہ اڌ مال ضايع ڪري، باقي اڌ مان مراد پوري ٿي آهي.
٢. ٻانهيون/ چوڙيون پائڻ، پئسي جو زيان آهي.

## ۴. آفيسر کي، پٽيوالا ئي ڪٽند آهن. (سرو، پهاڪو)

بس اسٽينڊ تي رش هئي. بس آئي تہ جاءِ والارڻ هڪڙو پٽيوالو بہ دانهون ڪندو، ماڻهن کي پاسا هٽيندو مٿي چڙهي آيو.
“پري بابا! صاحب چڙهندو. صاحب اڳيان ويهندو!” سندس انهيءَ گوڙ سبب گهڻا ماڻهو دهلجي هٽي ويا. پٽيوالي اڳيان سيٽ اچي والاري. سترهين گريڊ جو هڪ انجنيئر اڳ ئي ان سيٽ تي وينوهو. صاحب بہ پر ۾ اچي وينو تہ اڳ وينل انجنيئر ڏاڍو محتاط ٿي ويو.
بس جڏهن اڳيئن شهر پهتي تہ گهورڙيا مٿي چڙهي آيا! پر واري صاحب پڪوڙن واري ڪان رڙ ڪري، رپئي جا پڪوڙا ورتا ۽ رومال ۾ ٻڌل ماني ڪڍي کائڻ لڳو. ان ڪان اڳيئن اسٽاپ تي بس بيني تہ تڪڙ ۾ لهي، هٿ ڌوئي پاڻيءَ جو گلاس اڌ-گيدو چاڙهي، وري اچي سيٽ تي وينو تہ سندس انهيءَ عمل تي سندس صاحبيءَ وارو رعب انجنيئر جي دماغ مان نڪري چڪو هئو ۽ يڪدم ڪانئس پڇيائين: “سائين ! توهان ڪهڙي سروس آهي؟”
“ادا! مان مختيار ڪار صاحب جي آفيس ۾ هيڊ منشي آهيان”.
“بلڪل صحيح!” دل ۾ چوڻ لڳو: “آفيسر کي پٽيوالا ئي ڪٽندا آهن!”
مطلب: پير کي، خليفا ئي ڪٽندا آهن.

## ۵. اُٺ، الائي ڪهڙي پاسي ليٽي؟ (سنڌ ، پهاڪو)

ڪنير ۽ گاهيءَ گڏجي، هڪڙو اٺ ياڙي تي ڪيو. اٺ جي هڪڙي پاسي، گاهيءَ گاهہ ستيو تہ ٻئي پاسي، ڪنير پنهنجا ٿانءَ لڏيا.
شهر ويندي، اٺ حسبِ عادت گاهہ واري پاسي لوٽا هڻي، گاهہ جا مُنيا ڇِني پئي کاڌا. اٺ جي انهيءَ

زيان تي، ڪنير ڏاڍو خوش ٿيندو پئي آيو.
ساهي پٽڻ لاءِ منجهند ڌاران هڪ وڻ هينان ڊاهو ڪيائون. اٺ کي به هشائي ويهاريائون. ويهڻ بعد اٺ ٿانون واري پاسي ڏانهن ليٽيو ته نکر جا ڪوڙ ٿانءَ ڀڄي پيا. انهيءَ تي ڪنير کي ڏاڍو ڏک ٿيو.
“ٻين تي ڪلڻ نه گهرجي! خبر ناهي ته خدا ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ راضي آهي، اها نه ڪيس خبر آهي نه .....” جت ڪنير کي نصيحت ڪندي چيو: “اٺ، الائي ڪهڙي پاسي ليٽي”.
مطلب: ١ . ڏسجي اٺ، الائي ڪهڙي ڪڙيءَ تو ليٽي.
٢ . خبر ناهي ته هاڻي ڪنهن جي نقصان جو وارو آهي.

## ٦. اُٺَ نه رسن، ٻورا رسن. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙي جت، هڪڙي واڻئي سان، سامان ڍوئڻ لاءِ ڀاڙو طئي ڪيو. ٻورا تمام ڳورا ڀريل هئا. جَتَ لالچ ۾ لتون ڏئي ڀريا هئا. انن جو ڳلو لڏي، جيئن منزل ڏانهن ڪاهي هلڻ لڳو، تيئن اُٺَ مهارون ڇنائي، ٻورا ڪيرائي، جهنگِ مُنهن ڪري ڀڳا. اها حالت ڏسي واڻئي ڪان رهيو نه ٿيو ۽ جت کي رڙ ڪري چيائين: “اٺ رٺ تا وڃني!!؟ ورائي اچين! ”
“اٺ نه رٺا آهن، ٻورا رٺا آهن!” ڳورن ٻورن ڏي ڏوهه ڏيندي، جت چيو.
مطلب: ١- ڏوهه هڪڙو ڪري ۽ مڙهجي ٻئي تي ته، ان صورت ۾ ائين چيو ويندو آهي.
٢- ڀنڊ ڀيرن کان نه ڀڄي، لعنت ڳوڏن تي.
٣- مري پنهنجي موت، لک نور شاهه جي ڪنڌي.
٤. رڍِ اڳيئي مرٽي، بَدُ پيئي بگهاڙ تي.

## ٧. اُني، ٻُه چُني. (سنڌ پهاڪو)

هڪڙي واپاريءَ، ٻهه وني ڪارخاني جي اڱڻ تي لاهرائي ڇڏيو هو. ٻهه سانڍڻ لاءِ ڀاندا هيس، جنهن ڪري اڱڻ تي لنباڻ جو خفو نه پئي ڪيائين. ٻين ڪمن جي ڪري، ٻهه ڀاندن ۾ سانيجي نه سگهيو هيس. مٿان ساوڻ جو مينهن به هڪ ڏينهن، اوچتو اچي ڪڙڪيس. ڦڙيءَ اچي ورايس.
برسات بند ٿي ته وَرَ ڪِنجي گهران نڪتو ۽ ڇڙاپ ڇڙاپ ڪندو، ڪارخاني جي اڱڻ تي اچي پهتو.
ٻهه ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو. ٻهه ته صحيح سلامت هو، پر گپ چڪ به ڪانه هئي.
“هتي برسات نه پئي آهي ڇا؟” حيرت مان نوڪر کان پڇيائين.
“پئي هئي!” نوڪر سندس حيرت کي سمجهندي وضاحت ڪئي. “اُني، ٻهه چُني”.
مطلب: ١ برسات پئي، ٻهه چُهي ڇڏي.
٢. گذريءَ کي ياد نه ڪجي، جا گذري سا چوکي.

## ٨. آپٽي گهوٽجي ته نشا ٿيوي. (سنڌ ، پهاڪو)

ڪن موالين، دائري ۾ ڀنگ گهوٽي پئي پيتي. هڪڙومسافر موالي به وات وٺيو پئي لنگهيو. لُونجهه تي اهو به لنگهي آيو ۽ چُڪڙي چاڙهڻ لاءِ سوال ڪيائين. ٻچيل چڪڙيءَ ۾ جوڳِ ۽ پاٽي

ملائي، چاڻي گلاس پري ڏنائونس.
چڻي ۽ ٽُڻي پاڻيءَ، رنگ ئي نه لاتس.
”يار ! هيءَ ته لڳي ئي نه !“ تورو نه مجيندي چوڻ لڳو: ”نشو ئي نه چڙهيو!“
”مفت واري شيءِ سان نشو نه چڙهندو آهي.“ هڪڙي مواليءَ اڏنگي ڳالهه جو اڏنگو جواب ڏيندي چيس.
”اپڻي گهوٽ ته نشا ٿيوئي!“ ”ٻئي مواليءَ، پهرئين جي وَٽ وارڻ ڪندي چيو.
مطلب: ١. محنت سان ڪيل ڪم ۾ نشو / سرور/ سڪون آهي.
٢. پنهنجي، سنهنجي.
٣. پنهنجيءَ ۾ هٿ، پرائيءَ ۾ اکيون.
۴. ٻين تي ياڙڻ نه گهرجي.
۵. پنهنجي ٻارجي ، پنهنجي چاڙهجي.
٦. هڏ هلائجي، سک پائجي.

## ٩. اڄ نه ڏٺو لال، ته سياڻي ئي صحيح. (هندي ، پهاڪو)

هڪڙا موالي، قلندر جو ميلو ڏسڻ لاءِ ڳوڻان نڪتا. وات تي هڪڙو دائرو/ مڪان ڏسي، صلاح ڪيائون: ”دائري تان چلم ڦوڪ پري، پوءِ هلجي ته چڱو.“
دائري ۾ آيا ته چلم جي ڻڏي ڦوڪ بجاءِ، چرس جي ڻڏي مني ڦوڪ پرڻ لاءِ دل سُرڪين. چرس ڪڍي، سلفي پري، وينا سَرِ ڪرڻ. ٻه ٽي سلفيون سَرِ ڪري، ڏير تي پيا. اهو ڏينهن اتي ئي گذري وين.
ٻئي ڏينهن ٻه ڏاڍا ڏُڪاڙا هنيائون. لِڳُ لِڳُ آنرجي پين. قلندر ته ويو ڪانئن وسري. سندن اهڙا حال ڏسي، دائري تي رهندڙ موالين، يادگيري ڏيارڻ لاءِ چين: ”لال تي نه ويندئو ڇا؟“
”آڄ نه ديکيا لال، تو ڪل ديکون گا.“ يڪ آواز تي چوڻ لڳا.
مطلب: ١- سست ماڻهو، اڄ جو ڪم سياڻي تي ٽاريندو آهي.
٢. اڄ جو ڪم، سياڻي ته نه ٽارجي.
٣. ترت دان، مها پڃُ.
۴. اڄ جو ڪم، اڄ ڪجي.
۵. ڪل ڪري سو آج، آج ڪري سو اب.

## ١٠. اچي پڳ مَ پس اندر مڙيئي اڳڙيون. (چوڻي)

هڪڙو مسخرو، ميڙي تي وڃهڻ ويو. ماڻهن تي رعب وجهڻ لاءِ اڳڙين جو مولهاتو مٿي تي ويڙهي، مٿان نئين شبلم جو وال ڪن ويڙهي ڇڏيائين ته جيئن ماڻهو سمجهن ته نئون پڳڙي ٻڌي آيو آهي. پيرن ۾ چيچاٽي بوٽ، هٿ ۾ تيل مکيل ٻبر جو لڪڻ، مڇن کي تيل جو تاءُ آيل، اول ته ڏنائين ميڙي کي ڏاڍا چڪر. جتان لنگهي، اتائين ماڻهن جو اکيون منجهس کپيو وڃن.
نيٺ هڪڙي ميدان تي ٻيهي ابتيون سبتيون ٻوليون ڪيائين. ماڻهن سوچيو: ”هن ڏسٽي وائسٽي

همراه کي چا ٿي ويو؟“ اهو سوچي، اچي پاسو ورتائونس. جڏهن دَنِ کن تماشائين/ تماشو ڏسندڙن جي اچي ڪني ٿي تہ مسخرو ڪيائين.

جن پيل همراه جو نقل ڪندي، وني جو مٿو ڏوٽيائين تہ پگڙ لهي اچي پٽ تي پيو. وال ڪپڙو پري ڪريو تہ اگڙين جو مولهاتو جدا ٿي بينو. سندس لڪل اگڙيون ظاهر ٿيڻ تي هڪڙي تماشائيءَ کان زبان مان بي اختيار نڪري ويو:

”اچي پڳ مَ پس، اندر مڙيوئي اگڙيون“.

مطلب: ١. ظاهري ناٽ سان، اندريان عيب لڪيو وجن.

٢. ظاهر ئي نظر ڪرڻ کان، ڪجھ اندر بہ جاچجي.

## ١١. اک ڏنيءَ ڳالھ تي بہ، ويچار ڪجي. (سنڌي چوڻي)

هڪڙي نوڪر کي بادشاھ جو بسترو وڇائيندي دل ۾ خيال آيو: ”چو نہ نرم بستري جو مزو وٺي ڏسجي! “

سجي ڏينهن جو ٿڪل هيو. جيئن ئي چادر تاڻي، نرم بستري تي ليٽيو، تيئن ئي اک لڳي ويس.

سمهڻ وقت راڻي صاحبہ آئي، ڪيس بادشاھ سمجهي پاسڙو ڏئي سمهي پئي. گهڙيءَ ڪانپوءِ، بادشاھ سلامت پاڻ وزير سميت خلوت گاھ ۾ آيو. راڻيءَ کي ٻيلھ ستل ڏسي، باھ ٿي ويو. تلوار ڪڍي، ٻنهي تي وار ڪرڻ وارو هيو جو وزير ٻانهن کان جهلي ورتس: ”جيئندا قبلا! ابهرو قدم نہ کڻڻ گهرجي! “

”اکين سان ڏسڻ کانپوءِ، ڪهڙو ويچارجي؟“ بادشاھ وزير کي چيو.

تنهن هوندي بہ وزير ڪيس پاسي تي ڏڪي ويو.

سندن واڪي تي نوڪر جي اک کلي پئي. پاڻ کي راڻيءَ سان ستل ڏسي ڏجي ويو. ٻُل ڏئي اٿيو ۽ پلنگ تان هٿ وجي ٿهڪو ڪيائين. ايتري ۾ راڻيءَ جي بہ اک کلي پئي. يڪدم سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ ڪيس سموري ماجرا ڪري ٻڌايائين.

”پاڻ تہ مئو هئين، پر مون کي بہ مارائين ها!“ راڻيءَ دَٻ پٽيندي چيس.

ٻنهي جي ماجرا ٻڌي، بادشاھ حيرت ۾ پئجي ويو.

”تنهنجي ڳالھ بلڪل صحيح آهي! تڪڙو قدم نہ کڻجي.“ بادشاھ وزير کي چيو: ”اک ڏنيءَ ڳالھ تي بہ ويچار ڪجي!“

مطلب: ١ . ڪنن ٻڌيءَ تي تہ ويچار ڪجي پر اکين ڏٺيءَ تي بہ ويچار ڪجي.

٢ . ڪو بہ قدم تڪڙو ۽ ابهرو نہ کڻجي.

## ١٢. اک ڏنيءَ ڳالھ لاءِ، ڪهڙو پڇڻ؟ (سنڌي چوڻي)

هڪڙي ماڻهوءَ حجم کان وار پئي لهرايا. وارن لهندي، حجم کان پڇيائين: ”وار، اڇا گهڻا آهن ڪن ڪارا؟“

”جيڪي بہ آهن، سي تنهنجي اڳيان جهوليءَ ۾ پيا پون. اکين سان پيو ڏسين تہ بہ پيو پڇين!“

حجام پنهنجي فيصلي ٻڌائڻ کان لنوائيندي چيس: ”اکين ڏنيءَ ڳالھ لاءِ ڪهڙو پڇڻ؟“

مطلب: ١- هٿ ڪنگڻ کي ڇا / ڪهڙي آرسي ڏيکاربي؟
٢- پڌري ڳالهه لاءِ پڇا / پچر نه ڪبي.

## ١٣. اکين وارا، دنيا ۾ ٿورا آهن. (ساهتي ۽ چوڻي)

ٻن دوستن جو پاڻ ۾ بحث ٿي پيو.
"دنيا ۾ انڌا گهڻا آهن!" هڪڙي جو موقف هئو.
"دنيا ۾ اکين وارا گهڻا آهن!" ٻئي جو ضد هئو.
"آزمائي ٿا ڏسون ته دنيا ۾ ڪير گهڻا آهن!" ٽئين سنگتيءَ، بحث مان بيزار ٿيندي، صلاح ڏنن.
صلاح ٻيني ته: ٻه ڄڻا سَرَ مُڃي منجهانئن نوڙ وٽيندا ۽ ٽيون ڄڻو، لنگهندڙن / واٽهڙن کي جاچي، انڌن ۽ سڄن جي فهرست تيار ڪندو.
سَرَ مُڃي، هڪڙي چو- واٽي تي نوڙ وٽڻ ويٺا.
"ڇا ٿا ڪيو؟" پهرئين لنگهندڙ ڪانئن پڇيو.
"نوڙ ٿا وٽيون!" پڇندڙ کي جواب ڏئي، سندس وچڻ ڪانپوءِ، لسٽ تيار ڪندڙ ڏانهن منهن ڪري چيائون: "لکيس انڌن جي لسٽ ۾!"
ڪوڙ ماڻهو لنگهيا. منجهانئن گهڻن ئي ساڳيو سوال پڇيو. انهن سمورن جا نالا، انڌن جي لسٽ ۾ لکيائون.
"نوڙ ٿا وٽيو ڇا؟" شام ڌاري هڪڙو همراهه لنگهيو ۽ ائين پڇيائين.
"هائو! نوڙ ٿا وٽيون!" کيس جواب ڏئي، لسٽ تيار ڪندڙ ڏي مهڙ ڪري چيائون: "لک سڄن جي لسٽ ۾."
شام جو ٻئي لسٽون پيٽيائون. انڌن واري لسٽ تمام ڊگهي هئي. لسٽ تيار ڪندڙ رڙ ڪري چيو: "اکين وارا، دنيا ۾ ٿورا آهن!"
مطلب: ٻري ڀلي جي تميز ڪندڙ /حياداريءَ /سمجهه/عقل وارا دنيا ۾ ٿورا آهن.

## ١٤. اڪيين لونگ لڳن، جعفر وسري وڃن. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي عورت جي جعفر نالي هڪڙي مرد سان ياري هئي. وقت گذرڻ بعد، ان عورت جي لونگ نالي، ٻئي مرد سان به ڏيٺ ٿي وئي. اڪ جي پڇڙي اتڪڻ سان ٻنهي جو پاڻ ۾ قرب وڌي ويو، جنهن ڪري مائيءَ کان اڳيون يار جعفر وسري ويو.
اها خبر جڏهن جعفر کي پئي، تنهن يارڙيءَ ڏانهن ڏوراپو ڏياري موڪليو: "اڪيين لڳا لونگ، جعفر ويا وسري."
مطلب: ١- اڳيان ويا وسري، پويان لڳا مصري.
٢- نون دوستن آئي، پراڻا وسري وڃن.

## ١٥. اميدن تي جهان قائم آهي. (ساهتي ۽ چوڻي)

هڪڙي دڪاندار وٽان، ڳوٺ جو ملان به اوڌر تي سودو ڪڻندو هيو ۽ مڱڻهار به . هڪ دفعي ٻئي

گهٽي اوڌر ڪٽي ويا ۽ چڱي وقت تائين نہ موٽايائون.
"سائين ايڏي اوڌر ڪنئي اٿو!" دڪاندار ملان ڪان پڇيو: "موٽائڻ جي نيت بہ اٿو يا؟ رڳو ڳڻ ڳڻان!"
"بلڪل موٽائبي!" ملان آتت ڏيندي چيس.
"موٽائيندين وري ڪڏهن!؟ پگهار تي حساب چڪتو ٿئي نہ ٿو! اوڌر ڪيئن لهندي؟"
"ابا! رڳو پگهار آهي ڇا؟" ملان سمجهائيندي چيس: "ٻڳ ٻُر بہ تہ آهي! "
"اها ٻڳ ٻُر، ڇا آهي؟" دڪاندار پڇيس.
"ابا! وڏيرو بيماريءَ جي بستري تي پيو آهي. ڏينهن- ٻن جو مهمان آهي. نيٺ هن جهان مان هر ڪنهن کي هلڻو آهي. نهراڄُ ٿيندو. لٽو ڪپڙو، لٽو پٽو، خيرُ خيرات، ختما درود، گنج تي ويندا. تنهنجا قرض تہ لهي ويندا، هتائين تون قرضي هوندين." ملان لاجواب ڪندي چيس.
هڪ ڏينهن مڱڻهار ڪان بہ ساڳيو سوال پڇيائين.
"اوڌر جلد موٽائبي!" مڱڻهار موٽ ۾ چيس: "وڏيرو بيماريءَ جي بستري تي پيو آهي! اجهو ڇاق ٿيو! خوشي ٿيندي، گهور گهاپور جام پوندي. تنهنجا قرض چپٽين تي لهي ويندا".
ٻن ڇئن ڏينهن پڄاڻان، وڏيرو ڇاق تي ويو. خوشي تي. دهلاريءَ/ مڱڻهار کي گهور جام پئي، دڪاندار جا قرض لاٿائين.
"تون قرض نہ لاهيندين!" دڪاندار، سيڌي ونڃ لاءِ آيل ملان کي، ٽوڪيندي چيو.
"رک الله تي! ملان دلداري ڏنس".
هفتي ٻن بعد وڏيرو وري ڍهي پيو ۽ هلي پيو. ملان کي بہ ججهو مال مليو. قرض موٽائيندي دڪاندار کي چيائين:" اميدن تي جهان قائم آهي".
مطلب: ١- دنيا اميد تي قائم آهي.
٢- توڪل جا ٻيڙا پار آهن.

## ١٦. اڻ هوند ۾ پئسي پلو مهانگو، هوند ۾ رپئي پلو سستو . (ساهتي ، پهاڪا)

هڪڙو همراهہ ڳوٺان ڪمائڻ جي نيت سان پائٽيو ساڻُ ڪري نڪتو. رستي ۾ هڪڙو ميربحر مليس، جنهن پلا پئي ڪپايا. ڪانئس پلو چڪايائين: "پلو گهٽين تو ڏين؟"
"پائيءَ ۾!"
ڪيسي ۾ پئسو ڪونہ هئس، يڪدم ڳالهہ ناهيندي چيائين: "نہ ادا! پلا ايڏا مهانگا ڪونہ ٿيا آهن. ظلم آهي! پائيءَ ۾ پلو! "
"نصيب وارا وٺي ڪائيندا. سڄن سڪڻ لاءِ تہ بلڪل مهانگا آهن. انهن لاءِ پلا نہ پر پلي، سا بہ ڇڻن جي، پلي آهي!" ميربحر ٽوڪيندي چيس.
همراهہ ڪنڌ هيٺ ڪيون، شهر وڃي نڪتو. جتي چاچي پائٽي کي خاصي مزوري ملي. پندرنهن ويهہ تاريخون هنيائون. چڱا پئسا ملين.
ڳوٺ موٽندي پلن وارو ميربحر مُنهن پين. ڪانئس وري پلا چڪايائون. پلن واري سمجهيو تہ وقت وڃائيندا، تنهن ڪري پڃائڻ وارو اگهہ ٻڌايائين.

“بابا! اڄ پلو وڻندا سين! ڪجهه لاهو گاهو ڪر! ”
“نه بابا! توهان رڳو چڪائيندا آهيو! وڻندا ناهيو! وڻڻ وارو مهانڊو ئي ٻيو. بهرحال سئو ڳالهه جي هڪ ڳالهه! آخري اگهه!! پلي جو رپيو وندم! پُڄاءُ پَئيوَ ته وٺو، نه ته دڳُ ڪليل اٿو”.
“رپئي ۾ پلو سستو آهي! ” چاچي، روپيو چوڙي، پلو وڻندي چيو.
“چاچا!” رستي ۾ پاڻٺئي چاچي کان پڇيو: “پائيءَ ۾ پلو نه ورتئي، چيئي: مهانگو آهي. هاڻي رپئي ۾ سستو سجهي ورتئي! سو ڪيئن؟”
“ابا هوند تي هر شيءِ سستي آهي، اڻ هوند ۾ هر شيءِ مهانگي آهي!” پاڻٺئي کي نصيحت ڪندي چيائين: “اڻ هوند ۾ پئسي پلو مهانگو، هوند ۾ رپئي پلو سستو!”
مطلب: ١- هوند تي، هونگر آهي.
٢- پئسن واري لاءِ هر شيءِ سستي آهي. غريب لاءِ هر شيءِ مهانگي آهي.

## ١٧.   اهو چوئٽ ئي مري ويو، جيڪو چٽا ڪپائيندو هيو. (وچولو، پهاڪو)

چوئٽ رام نالي، هڪڙو هندو پائيپند، مانجهند شهر جو مسڪين رهاڪو هئو. ننڍي هوندي چٽا / ڪُهر ناهي ڪپائيندو هيو. پنهنجي ساک ويهارڻ لاءِ سنا چٽا صفائيءَ سترائيءَ سان ناهي وڪڻندو هيو، جنهن ڪري ڪيس ڀاڳ لڳو ۽ امير تي ويو.
امير ٿيڻ بعد، ڪُهر ڪپائڻ ڇڏي ڏنائين ۽ وڏا واپار ڪرڻ لڳو. سندس ڪُهر ڏاڍا مشهور هئا، جيڪي بعد ۾ ماڻهن کي ملڻ بند ٿي ويا.
ماڻهو انهن ڏينهن ۽ ڪُهرن کي ياد ڪري چوندا هئا: “اهو چوئٽ ئي مري ويو، جيڪو چٽا ڪپائيندو هيو! ”
مطلب: اها ڪڪڙئي مري وئي، جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي.
٢. اهي تنيا ئي مري ويا، جيڪي گهَتا بخشائيندا هئا.
٣. اهي ويرا ئي ويا، جڏهن جيءَ کي خوشيون ملنديون هيون.

## ١٨.   ايمان ناهي ته تلهائپ به ڪم جي ناهي. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي ڪراڙي، شهر مان وڪر وني، ڳوٺ ڏانهن موٽندي رستي ۾ هڪڙي وڻ هينان ساهي پٽڻ لاءِ ترسي. مٿي جو بار لاهي هيٺ رکيائين. وڻ جي ڇانوءَ ۾ آساس وٺڻ بعد، پري ڪٽڻ لاءِ اٿي ته ڪٽي نه سگهي. هيڏي هوڏي ڏنائين ته ڪير به ڪونه هئو. تنهنڪري ڪنهن واٽهڙوءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي ته جيئن ڪيس هڙ کڻائڻ ۾ مدد ڪرائي.
ڪُجِ وقت بعد، هڪڙو ٿلهو متارو همراهه اچي اتان لانگهائو ٿيو.
“ابا!” ٿلهي همراهه کي سڏي ڪراڙيءَ چيو: “مون ڪراڙيءَ کي هيءَ هڙ ته کڻاءِ!”
ٿلهو مدد لاءِ آيو. پري ڪٽائڻُ ڪٽائڻ جي ماڳ، ٿلهائپ سبب موراڳو نوڙِي ئي نه سگهيو.
“ماسي!” بنا نِوڙڻ جي ٿلهي چيو: “مون کان هڙ نه کڄندي!”
“ابا!” ڪراڙيءَ حيران ٿيندي چيس: “ڏسڻ جو ته ٿلهو ٿنيرو آهين. باقي هيءَ هڙ تو کان نه کڄندي!”

“ماسي!” تلهي وضاحت ڪندي چيس: “ايمان ناهي ته تلهائپ به ڪم جي ناهي”.
مطلب: ١- دل ڪم ڪندي آهي، طاقت نه.
٢- تنگ پڳو ڪم ڪري، پانهن پڳو ڪم ڪري، دل پڳو نه ڪري.

## ١٩. باپ ڪمائيءَ ۽ آپ ڪمائيءَ، سَنڌو آهي. (هندي ، چوڻي)

هڪڙي نوجوان، ريشمي رومال سان پراڻو ۽ ڦاٽل بوٽ پئي اگهيو ته هڪڙي دوست عجب مان پڇيس: “اوچي رومال جو اهو قدر آهي، جو ان سان ڪنا ۽ ميرا ڦوبر پيا اُگهجن!”
“هيءُ بوٽ، مون محنت مزدور ڪري، بکون ڪاٽي، پاڃي ڪيل پئسن مان ورتو آهي! ان جو خيال ته مون کي ئي ڪرڻو آهي نه !؟!” نوجوان، بوٽ اگهڻ جو جواز پيش ڪيو.
“رومال به ته تنهنجو آهي! ان جو به ته توکي ئي خيال رکڻو آهي! ان سان گندا لِتَر اگهڻ، ڪٿان جي عقلمندي آهي!”
“بيشڪ ! رومال منهنجو آهي!” نوجوان وضاحت ڪندي ٻڌايس: “پر ورتل ته بابي جي ڪمائيءَ مان آهي!”
“تنهن ڪري تو وٽ انهيءَ جو قدر گهٽ آهي، هونئن به..... ” دوست چٽر ڪندي چيس: “باپ ڪمائيءَ ۽ آپ ڪمائيءَ، سنڌو آهي!”
مطلب: ١- هڏ هٽي ڪمائڻ سان هر شيءِ جو قدر ٿئي ٿو.
پيٽيو: آپ ڪمائيءَ ۽ باپ ڪمائيءَ ۾ فرق آهي.

## ٢٠. بک نه پڇي گُندڻ، ننڊ نه پڇي اوڇڻ. (سنڌ ، چوڻي)

هڪڙي الله لوڪ درويش جي پنڊاري ۾ روٽيون پچي تيار ٿيون. غربت سبب، گُندڻ / ڀوڙ جو بندوبست نه ڪري سگهيو. هڪڙي ٻالڪي رُکي ماني کائڻ کان انڪار ڪيس. ان تي خدمتگار ٻالڪن کي درويش چيو: “هن جي ماني سانديِ رکو! بک لڳندس ته پاڻهي کائيندو!”
ويلو ٽرڻ بعد، ٻالڪي کي اچي بک ستايو. مانيءَ لاءِ ٻاڏائڻ لڳو. ٻالڪن ته ٻڌس ئي نه! وڏي رِنجهه ڪِنجهه بعد ساڳي رکيل ماني آٽي ڀوت واري هنيائونس، جيڪا ٻنا چون چرا جي رهڙي ويو.
اهو لقاءُ ڏسي، درويش چيو: “بک نه پڇي گُندڻ، ننڊ نه پڇي اوڇڻ!”
مطلب: ١- بکئي کي بصر سان روٽي رکيائي، سيري کان سواد ۾ ڏيدي سوائي.
٢- بکئي کي، ٻٽ به ڏُور.
٣- بکئي جون اکيون، چلهه ۾.
٤- بک وچان، اوگهڙ ياد ئي نه.

## ٢١. بکيي چکي چيو: “بقال ڪرا! يا بقال جي زال ڪرا!” (سرو، پهاڪو)

جابلو علائقي جو هڪڙو همراهه، جبل کان لٿو ۽ سنڌ جي هڪڙي شهر ۾ هڪڙي هندو دڪاندار/ بقال وٽ اچي عارضي طور مزدوريءَ تي بيٺو. دڪاندار وٽ روزانو، گهران پاڃڙ پوريون پچي

ايندين هيون، جن کي ڏسي هن جو وات ٻه پاڻي پيو ٿيندو هيو.
واڻيو ٻه انهيءَ ڳالهه کي تاڙي ويو. هڪ ڏينهن ماني کائڻ بعد، ڪجهه پاپڙ پوريون ۽ ٻوڙ پلاءُ بچي پيس. اوبر اچلائڻ بدران، کيس کائڻ لاءِ ڏنائين. جابلو همراه سٽيا ۽ نرم نرم ڪاڏا ته دل هُرڪي پيس.
روزانو واڻيي جي گهران، ماني وٺڻ ويندو هيو. واڻيي جي زال کي لٽن ڪپڙن ۾ اڇو اجرو ڏسي ٻه پيو دل ۾ هرڪندو هيو.
”يا الله!“ اوبر ڪائي، دل ۾ شڪراني طور چوندو هيو: ”ٻخال ڪر! يا ٻخال جي زال ڪر!“
مطلب:١- چريي چڪي ڏنو، چي: ”ڳڙ!“
٢- جيڪي هتي هِرن ٿا، سي هُتي ڪين مُڙن ٿا.
٣- چريي چڪي ڏنو، چي: ”هلندي ڪا ٿنبي!“
۴- چريءَ چڪي ڏنو، چي: ”هل ڪالهوڪي هنڌا!“

## ٢٢. ٻگهڙ ڏسڻ ڪانپوءِ، قاضي ته چيلي ڪي چڏي پر چيلو قاضيءَ کي نه ڇڏي. (ساهتي، پهاڪو)

هڪڙو قاضي، هڪڙي ڳوٺ ۾ فيصلي ڪرڻ لاءِ ويو. واپسيءَ تي کيس تحفي ۾ هڪڙو چيلو مليو، جيڪو ڊِٻي / گهوڙي تي ساڻ ڪنيو، رات ذاري جهنگ مان پئي آيو ته هڪڙو ٻگهڙ ويجهو پوندو پئي ويس. آخر چيلي مان ڪٽي هٿ ڪديائين.
چيلي کي ٻه ساهه پيارو هو. ٻگهڙ جي پَوَ ڪان ڊِٻي سنئين ڊوڙڻ لڳو. هاڻي ته ٻگهڙ جو خطرو، تهائين وڌي ويو. اها حالت ڏسي قاضي پنهنجي مُنهن چوڻ لڳو: ”قاضي ته چيلي کي ڇڏي، پر چيلو ٻه قاضيءَ کي ڇڏي نه!“
مطلب:١- الله ته ڏئي پر الاهڙي ٻه سهي نه!
٢- الله ڏيوئي، ميان ڏيوئي، صحبت خان نه ڏيوئي.
٣- جِنُ ته جَنيءَ کي ڇڏي، پر جَني جِنَ کي نه ڇڏي.
۴- ڦاسڻ ڪانپوءِ، پناڻ ته ڪمبل کي ڇڏي پر ڪمبل پناڻ کي نه ڇڏي.

## ٢٣. ٻاليتو، نه ماليتو. (هندي/چوڻي)

هڪڙي عيالدار ڪان هڪڙو پاڙيسري اوڌر گهرڻ آيو ته کيس نپ جواب ڏنائين.
”هيءُ اشراف ماڻهو آهي! ضرورت هوندس، تنهن ڪري تو وٽ لنگهي آيو آهي.“ اتي وينل ٻئي پاڙيسريءَ پارت ڪندي چيس: ”اوڌر ڏئينس ته وڃي مهل ڪري!“
”ادا اهو دنيا جو وهنوار آهي. اڄ مان ڏيندم ته سڀاڻي ٻيو ڪير ٻه مون کي ڏيندو. پر ڳالهه هيءَ آهي ته مون وٽ واڌارو پئسو آهي ڪونه.“ عيالدار چيو.
”انهيءَ ڳالهه تي ڪير ڪونه وَسهندو!“
”ادا! ڪو سادو آهين. نندي ڳالهه نٿو سمجهين!“ کيس يقين ڏياريندي چيائين: ”ٻاليتو، نه ماليتو.“
مطلب:١- سرڻ جي آڪيري ۾، ماس ڪٿان ايندو؟

٢- جيڏا ڏوتا، تيڏا ٻوتا.
٣- ايندو سڀ کو ڏسي، ويندو ڪوئي نہ ڏسي.
۴- ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير.
۵- عيالدار، مالدار نہ هوندو.
٦- گهٽي ڪائڻ وارن وٽ، بچت ڪين ٿي ٿئي.

## ۲۴. ٻڏيءَ ٻيڙي جون، هريڙون ٻہ پليون. (سنڌ، پهاڪو)

سامان سان پريل ٻيڙي، هڪڙي پتڻ کان ٻئي تي پُور ڪنيو پئي وئي، جو واٽ تي طوفان سبب اونڌي ٿي پئي. ماڻهو تہ جيئن تيئن بچيا پر سامان درياهہ داخل ٿي ويو. هريڙن جي هڪڙي ٻوري پئي تري، جيڪا ناڪئو صحيح سلامت ٻاهر ڪڍي آيو.
"ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جون، هريڙون ٻہ پليون." ٻوري ڏسي مالڪ چيو.
مطلب: ١- ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جو لوهہ / لوڻ ٻہ ڪار.
٢- ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جو هريو ٻہ ڪار.
٣- سڙندڙ گهر جون ڇڪي ڪڍيل پٽيون ٻہ ڪار.
۴- نہ ملڻ واري جاءِ تان ڪجهہ ملي تہ غنيمت.

## ۲۵. ٻن ٻيڙن ۾ جيڪو چڙهي، ڇڏا تنهن جا چيرجن. (هندي ،پهاڪو)

هڪڙي شهزادي، درياءَ جي سير تي نڪتي. ٻيڙين جي سفر، ڪيس ڏاڍو مزو ڏنو.
"هڪ ٻيڙيءَ تي چڙهڻ ۾ ايڏو مزو آهي تہ ٻن تي چڙهڻ ۾ اجا وڌيڪ مزو هوندو." دل ۾ خيال ايندي، خواهش پوري ٿيڻ جو اظهار فرمايائين.
ميربحرن کي تعميل لاءِ حڪم ٿي ويو. حڪم جا ٻندا ٻنا چون چانءِ جي ٻہ ٻيڙيون پاڻ ۾ سلهاڙي آيا. هڪُ پير هڪَ ٻيڙيءَ ۾ تہ ٻيو ٻيءَ ۾ رکي، شهزادي صاحبہ هلڻ لاءِ حڪم ڏنو. ٻيڙيون وچ سِيرَ تي پهتيون تہ چولين سبب هڪ ٻئي کان وٿيرڪيون پئي ٿيون، جنهن سبب شهزادي صاحبہ کي ڪافي تڪليف پئي پهتي. ٻيڙيون يڪدم پتڻ تي موٽرايائين.
"ٻن ٻيڙيين جي سفر جو مزو ڪيئن هئو؟!" هڪڙيءَ سهيليءَ ڪانئس پڇيو.
"ٻن ٻيڙين ۾ جيڪو چڙهي، ڇڏا تنهن جا چيرجن." تجربي جي بنياد تي شهزاديءَ ٻڌايس.
مطلب: ١- جيڪو گهڻي جي لالچ ڪندو، سو تڪليف وڏي ڏسندو.
٢- جيڪو هڪ وقت گهڻن ڪمن ۾ هٿ وجهندو، سو جوکي/ چيهي / ٽوٽي ۾ پوندو.
٣- ٻہ گدرا، مٺ ۾ ڪين ايندا آهن.

## ۲٦. ٻن جوين جو وَرُ، تنهن جو جيئري ئي جهنم ۾ گهر. (سنڌ ، چوڻي)

هڪڙي همراهہ کي ٻہ زالون هيون. ننڍيءَ لاءِ ماڙيءَ تي ۽ وڏيءَ لاءِ هيٺ رهڻ جو بندوبست ڪيو هئائين. هڪڙيءَ رات هڪڙيءَ وٽ تہ ٻيءَ رات ٻيءَ وٽ ترسندو هيو.
هڪ رات ٻئي ڳوٺ ۾ ڪم سانگي هليو ويو. اها رات وڏيءَ گهرواريءَ جي حصي جي هئي.

هڪڙي چور کي ٻه خبر پئي ته اڄ رات گهر ڏٽي يا مرد ماڻهو گهر ۾ ڪونهي. چوريءَ لاءِ پلو موقعو آهي. هٿان نه وڃائڻ گهرجي.
چور ٻه رات جو پيرُ پيرَ ۾ ڏئي اچي گهر ۾ گهڙيو. سمجهيائين: هيٺ ماڻهو هوندا، ڪڙڪي تي اٿي پوندا. متي ڪير نه ڏسندو ۽ چوري ڪرڻ سهنجي رهندي. دل ۾ اها ڳالهه تلي، ڏاڪڻ تي چڙهي هٽي چڙهڻ لڳو ته وڏيءَ زال کي سنيال تي وئي. ان وري پنهنجي دل ۾ سمجهيو: "لاشڪ مڙسم رات جو ئي موٽيو آهي. مون ڪراڙيءَ وٽ ترسڻ کان هن نوجوانڙيءَ ڏي پڳو تو وڃي."
پنهنجو حق اکين سامهون هٿان ويندي سهي نه سگهي. ٺپُ ڏئي ڪٽ تان اٿي ۽ وڃي جنگهن ۾ ٻک وڌائينس.
مڃاڻ ان قت ننڍيءَ زال کي ٻه جاڳَ تي پئي، تنهن سمجهيو ته: "پهاچ پئي متي ايندڙ مڙس کي هيٺ چڪي، جو نه مان ڪيس متي چڪي ونان." اهو سوچي چور کي مڙس سمجهي، ٻچيءَ ۾ پاڪر وجهي متي چڪڻ لڳي.
چور ماڻهو اڳي ئي پاڙي، ويتر جو ٻه پاڪر پيس ته تهائين سست تي پيو. هاٽي هينين هيٺ چڪڻ تي ته متين متي. وچ ۾ چور جو ڪيڪروٽ پئي پيو. صبح تائين وچ تي ٽنگيو رهيو. صبح جي روشنيءَ ۾ ٻنهي زالن ڪيس سڃاتي، ڪٽي چور چور ڪئي. ماڻهو مڙي ويا. لت ڏئي ڪٽي چور کي ٻڌائون.
"چوريءَ جي ارادي سان آيو هيس!" ٺقا توقيءَ تي چور سچي ڪئي.
"پوءِ توکي ڪهڙي سزا ڏيون؟" ماڻهن پڇيس.
"اصل سزا ته سڄي رات ڪاٽي اٿم! تنهن هوندي ٻه جيڪا ڏيڻ چاهيو سا قبوليندم پر هڪڙي سزا نه ڏجو!" چور مشروط سزا قبوليندي چيو: "ٻن جوين سان نه پرڻائجو."
"چو؟" ميڙ مان هڪڙي پڇيس.
"ٻه-جوئي جي بدران هڪ رات ۾ ايترو لوڙيو اٿم. اصل مالڪ سان ته الائي ڪهڙي جٽ هوندي."
وضاحت ڪندي چوڻ لڳو: "ٻن جوين جو وَرُ، تنهن جو جيئري ئي جهنم ۾ گهر."
مطلب:١- ٻه- جوئي سان، ٽيهه ئي روز ٽمجهڻ آهي.
٢- زال زحمت ، بارَ برو، وَسُ پڄئي ته گهم چڙو.

## ٢٧.   ٻني سائي جي سائي، ڳاهي ٻڪئي جو ٻڪيو. (سرو، پهاڪو)

هڪڙي هاريءَ ڳاهه جو بارو ڪن پوڪيو هيو. جنهن مان روزانو هڪڙو ڳاهي، چوريءَ ڳاهه ڪري ويندو هئس. ڏاڍا پيرا ڪنيائين، پر چورُ رخ نه چڙهيس. پر واري هاريءَ کي دانهن ڏنائين. جنهن سر زمين ڏسي چيس: "بيشڪ! ڳاهي ڳاهه ڪري ويو آهي. پر انهن جاين تي ڳاهه ويتر زور ڏئي ڦُٽو آهي. ڪير ڪنهن جو نصيب ڪائي نٿو سگهي." اجا آتٽ ڏيندي چيائينس: "ٻني سائي جي سائي، ڳاهي ٻڪئي جو ٻڪيو."
مطلب: ١- چوري ڪندڙ سدائين سڃو، پاڳيو سدائين سائو.
٢- پاڳين جا پاندا، سدائين پرپور.
٣- ٻاهه جو سڙيو، چور جو ڦُريو، بيماريءَ جو ستايل، سدائين تڪليف ۾ نٿا رهن.

۴- ڏٿُ نہ ڪتو، ڏوتي ڪتا.
۵- زمين سدائين اناج ڏئي پئي. مٿس پلجندڙن وٽ، حرص اڻ ڪٽ ۽ بک اڻ مٽ آهي.

## ۲۸. ٻيلي کي باھ لڳي، راڪن پڪاريو، ٻارهين مهيني ورندي آئي: "وسائي ڇڏيو!" (سرو، پهاڪو)

چاليهي جي منڊ ۾ ڪڇي جي علائقي ۾ هڪڙي ٻيلي کي باھ لڳي، جيڪا تيزيءَ سان سڄي ٻيلي کي وڪوڙي وئي. باھ وِسائڻ، راڪن جي بس جي بات نہ هئي. ان ڪري ويچارا، مٿين صاحبن ڏانهن پيغا تہ جيئن اهي باھ وسائڻ لاءِ ترت قدم کڻن.
ترت عملدارن وٽ ايترا وسائل نہ هئا. انهن رپورٽ کي اجا اڳيرو ڏِڪو ڏئي ڇڏيو. ڪاغذي گهوڙا مٿي تائين ڊوڙڻ لڳا. رپورٽون مٿي ويون، وري موٽي هيٺ پهتيون تہ ٻارنهن مهينا ڪن لڳي ويس. هيٺ پهتل حڪمنامي ۾ لکيل هيو: "باھ وسائي ڇڏيو!"
مطلب: غير ضروري ڪاغذي ڪاروائيءَ سبب، نفعي بجاءِ نقصان پوي ٿو.

## ۲۹. ٻين سان ٻلي ٻَچُ ڪجي پر استادن سان نہ ڪجي. (هندي، چوٽي/پهاڪو)

هڪڙو ماڻهو گهڻن جو قرضي هو. پنهنجي سچائيءَ جو ڪنهن سان اظهار بہ نہ پئي ڪيائين. ڪيس انديشو هيو تہ ڪير بہ اعتبار نہ ڪندو، ويتر خواري ٿي پوندي.
وڏي سوچ ويچار ڪانپوءِ ڪيس هڪڙو دوست ياد آيو، جيڪو وڏو هوشيار ۽ چالاڪ هيو. ساڻس وڃي دل جو حال اوريائين ۽ قرضين کان بچڻ لاءِ ڪانئس ترڪيب پڇيائين.
"جيڪڏهن ماڻهن کي اهو يقين ٿي وڃي تہ .... " دوست صلاح ڏيندي چيس: "تون چريو ٿي ويو آهين تہ پوءِ تو کان ڪير بہ قرض نہ گهرندو!"
"ماڻهن کي منهنجي چريي هجڻ جو يقين ڪير ڏياريندو؟!"
"تون هينئن ڪر!" پٽي پڙهائيندي چيائينس: " جيڪو بہ توکان قرض گهري، ڪيس موٽ ۾ چئو: "ٻَچُ!"
"ائين ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟"
"توکي هر ڪو چريو سمجهندو ۽ قرض تان هٿ کڻي ويندو."
انهيءَ ترڪيب تي عمل ڪرڻ بعد، گهڻن قرضين مان جان آجي ٿي ويس.
صلاح ڏيندڙ دوست جو بہ مٿس قرض هيو. ان بہ هڪ ڏينهن قرض جي تقاضا ڪيس تہ ڪيس بہ چيائين: "ٻَچُ!"
"اسان سان بہ ٻَچُ!" وڪيل حيرت ڪائيندي پڇيس.
"ها! ها! توسان تہ ٻَچُ پر تنهنجي وڏن سان بہ ٻَچُ!"
"ٻين سان ٻلي ٻَچُ ڪجي پر استادن سان نہ ڪجي!" صلاح ڏيندڙ دوست افسوس ڪائيندي سمجهايس.
مطلب:۱- ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي کون ڪاوڻ آيا.
۲- لُچَ کي عقل ڏسڻ : پاڻ سان دشمني ويهارڻ.

٣- چڱائي ڪر ڄڻ سان تہ ڄڻ ڦيرائي هٿئي پٽ سان.
پيٽيو:- يارن سان پمبئون نہ ڪجي.

## ٣٠. ياڙين مٿان پٽِ، ڪانون وڏي ڪيري. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو همراهہ زال ساڻ ڪري، ساهرين وڃي رهيو هو تہ واٽ ويندي ہ شاهينگ ڦري آيس. ٻيو ڪجهہ نہ ڏسي چيائونس: "اها مائي اسان کي ڏي!"
"هتي پرسان ڪوهہ آهي، اتي هلي وضو ڪري، ٽيهري جي نماز پڙهي زال کان موڪلايان ٿو، پوءِ توهان پلي ونڃي وڃوس!" ڊپ کان ڪين چيائين.
ڪوهہ تي آيا. ڪوهہ جي چوڌاري ڦتل پٽ هئي. چور ان جي اوٽ تي وينا. مرد وضو ساريو. جوٽس پر ۾ تي ويني ۽ پاڻ ڍڳهي نماز جوتيائين، تان جو سج ٻہ لهي ويو. واهيري جي وير تي پکي ٻہ موتيا. پٽ ڏاري وڻ هئا. تن تي ڪانون جا آکيرا هئا. وڻن تي لهڻ وقت ڪانگن اوڦتو ماڻهو ڏٺا تہ ڪانگيرو ڪٽي ڪيائون. ڪانون جي بوهياري تي پِٽِ جهِم ڪائي، آءُ ڪيو ۽ ٻئي چور پٽ هينيان دٻجي مري ويا.
"يج تہ پجون! خدا جان آ بچائي!" مائيءَ مڙس کي سجدي مان اٿاريندي چيو.
"ياڙين مٿان پٽ، آهي ڪانون ڪيرائي!"
مطلب:١- بڇڙي ماڻهوءَ کي بڇڙائيءَ جي سزا ملي وڃي ٿي.
٢- بزدل / سست ماڻهوءَ کي هر ننڍي وڏي شيءِ کان نقصان رسندو آهي.

## ٣١. پريءَ ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو. (سنڌ ، پهاڪو)

هڪڙي ٻيڙي، درياهي سفر دوران طوفاني هوائن جي رخ چڙهي وئي.
"ٻيڙي سامان سبب تمام ڳوري ٿي وئي آهي!" ناکئي پيشگي اعلان ڪيو: "ڪجهہ سامان ڦٽو ڪبو، تڏهن ٻيڙي ٻڏڻ کان بچندي ۽ جيڪي تارُو هجن سي ٻہ لهڻ جي قرباني ڏين."
هڪڙي واٽئي / واپاريءَ ڪانسواءِ سمورا مسافر هٿين خالي هئا. واٽئي وٽ دوڪان جو وزنائتو وکر/ سيڌو هيو. سيني يڪراءِ تي واٽيي کي چيو: "جيڪڏهن سامان سميت تون لهڻ جي قرباني ڏين تہ هوند ٻيڙي ٻڏڻ کان بچي وڃي ۽ گهڻن جي حياتي پڻ بچي پئي ۽ سمورا تڪليف ڪرڻ کان ٻہ بچي پون!"
"پري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو!" واٽئي جذبات ۾ ڏڪندي چيو.
مطلب: ١- سمورو خرچ، امير ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي.
٢- سمورا الزام، ڪمزور ماڻهن تي ڏريا ويندا آهن.

## ٣٢. ڀُلي ڀُلي ياڻ آئي، سا ٻہ نہ ڀلي. (سنڌ پهاڪو)

هڪڙي ميهار، مينهون جهنگ ۾ چاري شام ڏاري اچي وٿاڻ ۾ ٻڌيون. سنيال ڪيائين تہ هڪڙي وَڇِ ڪٽل هئس، جيڪا چرندي جهنگ ۾ گم ٿي وئي هئس. ساڳين پيرن تي جهنگ ڏانهن ڀڳو. اوندهہ ٿي چڪي هئي. جنهن ڪري وَڇِ ڳولهي نہ سگهيو ۽ هٿين خالي موٽي آيو.

رات جي ماني کائي بس ڪيائين ته ڪڙهه تي ڪڙڪو ٿيو. سنيال تي نڪتو. ڏٺائين ته ڳم ٿيل وڇ وٿاڻ جي ڪڙهه تي ويٺي آهي. ساهه ۾ ساهه پيس ۽ وَڇِ ڪلي سان ٻڌي چيائين: "ڀُلي ڀُلي پاڻ آئي، سا به نه ڀُلي."

مطلب:١- ٻچڙن ڪمن تي هريل ماڻهو، باز اچي ته گنهگار نه چئبو.

٢- ڪري ڪري جنهن نه ڪئي، تنهن به نه ڪئي.

٣- توبه ڪندڙ بي ڏوهيءَ / معصوم وانگر آهي.

## ٣٣. ڀنگان چيز ٻڌن ته به لندي رووي ڪٽڪ ڪون. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي هاريءَ، ڪٽڪ جو اناس پوکيوهيو. پر ۾ هڪڙي موالي‌ءَ به ڀنگ جي ٻاري پوکي هئي. ان سال برسات ڏاڍي پيئي ۽ پاڻيءَ جا انجر لڳي ويا. ٻوڏ ۾ هر شيءِ ٻڏي وئي.

ڪٽڪ جو نقصان ڏسي هاريءَ جي زال پارَ ڪيدي روئڻ لڳي. موالي به ان وقت اچي اتي پهتو ۽ پنهنجو نقصان ڏسي دل نه جهلي سگهيو. مائيءَ جي رانياٽن، تهائين نشا ٽوڙي ڇڏيس. خار مان اتان نڪتو ۽ پنهنجي منهن، مائيءَ جي ٻاڪارڻ تي ٻاقيندو ويو: "ڀنگان جهان چيز ٻڌن، اتي لندي رووي ڪٽڪ ڪون."

مطلب: ١- هر ڪنهن کي پنهنجي نقصان جو ڏک ٿيندو آهي.

٢- ٿوري نقصان سبب، روئڻ واري کي ٽوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

٣- هتڏ اهو سڙي، جت ٻاهه ٻري.

٤- اها جاءِ جَلي، جت ٻاهه ٻَلي. (سرائڪي)

## ٣٤. پونتريا پونءِ ۾، ته ڳُهنا به گهوڙي نه چڙهيا. (لاڙ، پهاڪو)

ڳُهنو: ملاح قوم / ذات جو فرد، نئينءَ مان گهوڙي وني، چڙهيو پئي آيو. رستي ۾ زمين جي رنگ جو پونتريو / ٻٽيرو/ ڳُتو پکي ڇَپِ هنيو وينو هيو جيڪو گهوڙي جي سنبن جي آواز تي، پڙڪو کائي اوچتو اڏاڻو. سندس اوچتي اڏام تي گهوڙيءَ ٺاهُ ڪاڏو ۽ سئيس وجي پَٽَ تي پيو. ڪِرڻ بعد ڳهُني پاڻ سنڀاليو ۽ لتا ڪپڙا ڇنڊي، پٽڪو ٻيهر ٻڌائين. گهوڙيءَ کي واڳ کان جهلي پنيءَ تي هٿ ڦيريندي، پنهنجي منهن چوڻ لڳو: "ايُ پونتريا پونءِ ۾ ته ڳُهنا به گهوڙي نه چڙهيا!"

مطلب: جي اهڙا پونتريا، زمين ۾ ڇپيا / لِڪيا وينا هوندا ته پوءِ ڳُهنا / نوان سئس به گهوڙن تي نه چڙهيا.

١- نئين ڪم ۾ اچانڪ تڪليف اچي ته سٽڙيا، شوق ڇڏي وجن.

٢- خراب حالتون، مهم جُوئيءَ تان ارواح ڪٽائي ڇڏين ٿيون.

## ٣٥. نڳ نڳي جڳ ڪي، سياڻو نڳي نڳ ڪي. (سنڌ ، چوڻي)

هڪڙي امير کي پٽ ڄائو ته ڪاسبي وٽس ڊورٽا ڪٽي آيا. هڪڙو غريب ميربحر به وٽس به پلا پلا ڪٽي آيو. جيڪي ٻين جي آنڊل سوکڙين جي پيٽ ۾ سادا هئا. پر ميربحر جي دل رکڻ خاطر امير

کيس ڏهه چانديءَ جا روپيا ڏنا.
هڪڙي لوپيءَ به اها ڳالهه ٻڌي، ان به سادي شيءِ ڊورٽي ۾ ڏئي وڏو انعام وٺڻ لاءِ پَهُ پچايو.
هڪڙو گهٽو وني اچي ڊورٽو ڏنائين. جيئن ته پاڻ ريدار نه هو، تنهن کري امير پڇيس: "هيءُ گهٽو ڪيڏانهن آندو اٿئي؟"
"اوائين رپئي ۾ ورتو اٿم."
"توکي ان کان وڏو انعام تو ڏيان!" هڪڙو پلو ڏيندي چيائينس: "تو اوائي روپين وارو گهٽو ڏنو آهي، مان توکي پنجن روپين وارو پلو تو ڏيان!"
"ٺڳ ٺڳي جڳ کي، سياڻو ٺڳي ٺڳ کي!" لاڳ لاءِ آيل مگڻهار، متين ماجرا ڏسي ائين چيو.
مطلب:١- لومڙ بيشڪ سياڻو آهي، جيڪو کيس پڪڙي سو بلا جو سياڻو آهي.
٢- ماريءَ مٿان ماري پيو آهي.
٣- سير مٿان سوا سير پيو آهي.

## ٣٦. ٺلهن نڪرن تي ڏڪا ڪير نه جهليندو. (ساهتي، پهاڪو)

هڪڙي ڳوٺاڻيءَ ڪچهريءَ ۾ ڪنير جي گهر جي ڳالهه نڪتي.
"ڪنير جي آئي، سڄي سون آهي!" هڪڙي همراهه چيو.
"ها ها!هن دفعي مال اهڙو تيار ٿيو اٿس جو سون جي جاءِ ئي ناهي!" ٻئي چيو.
هڪڙو ساديءَ سمجهه وارو، گهرجائو همراهه به وينو هئو، جنهن "سون" ۽ "سون جي جاءِ ناهي" وارا لفظ ٻڌا ته سندس ذهن اوڏانهن هليو ويو.
ڪچهري پوري ٿيڻ بعد هر ڪو گهر هليو ويو. سادي سمجهه وارو همراهه مڙني کان آخر ۾ اٿيو. جهنگ جي خيال جو بهانو ڪري وڃي هڪڙو گهوٻاٽو هٿ ڪيائين. هَئو مَئو ٽرڻ بعد ڪتن به پونڪڻ بند ڪيو ته هيءُ به اچي ڪنير جي پٽ کي پٽو. اڪيلو هئو ۽ وقت گهٽ هئس. ننڍڙو ڪاٺ هٽي تڙ تڪڙ ۾ سون هٿ ڪرڻ لاءِ اندر گهڙيو. جيئن ئي اونده ۾ اندر ٿيو. تيئن ئي منهن پَرِ وڃي نڪرن ۾ ڪريو. اتان پاڻ سنڀالي اڳتي هليو ته آويءَ ۾ پوريل ٿانون ۾ گڇي ويو. زور ڏئي پاڻ آجو ڪيائين ته تيستائين ڪنيرياڻيءَ کي به سنڀال ٿي وئي، سا به ٻتي ڪٽي سماءَ تي نڪري پئي.
ٻتيءَ سان ڪنهن کي ايندو ڏسي، چور پوئين پيرِ موٽ ڪاڏي. ڪاٺُ سوڙهو هئو، وچڙ سچڙ سبب چور تيز ڪائيندو ڪاٺ مان نڪرڻ لڳو. ابهرائپ ۾ نڪرڻ ڪري، پيٽ وٽ ڦاسي پيو ۽ پويان ڪنيارڻ اچي پنيان لت وهائي ڪڍيس. لت لڳڻ شرط، ٻوت پَرِ وڃي گهٽيءَ ڦهڪو ڪيائين. اٿي ڪپڙا به نه چنڊيائين جو مائيءَ، پٽ جي تازي نهيل ڳتي مان ليئو پائي، چيس: "پورل ياءُ! پيرو نه پيجانءِ!"
"ادي!" ٻوچڻ چنڊبندي چوڻ لڳو: "ٺلهن نڪرن تي ڏڪا ڪير نه جهليندو؟"
مطلب: جنهن ڪم ڪرڻ ۾ سواءِ ڏِکن ٿاٻن جي ڪجهه نصيب نه ٿئي، تنهن لاءِ ائين چيو ويندو آهي.

## ٣٧. ٽڪو ڏيئي پرائو پار نہ ڪارجي. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو ڪَرِڙوَڏِ همراهہ، رستو وٺيو پئي ويو تہ هڪڙي ڇيڪي ڇوري ڪيس پويان اچي هٿ هنيو. چڙ تہ ڏاڍي آيس پر يڪدم پاڻ سنڀالي، ڪيسي مان رپيو ڪڍي ڏنائينس. رپئي تي ڇورو ڏاڍو خوش ٿيو.

ٻئي ڏينهن ساڳيو همراهہ، ساڳئي رستي سان، ساڳئي وقت لنگهيو تہ ڪيس ساڳئي ڇوڪري، ساڳئي نموني، ساڳي حرڪت ڪئي. موٽ ۾ پاڻ بہ ساڳيءَ طرح ڪيس روپيو ڪڍي ڏنائين.

ساڳئي ڇوڪري، ساڳي حرڪت کي چڱو ۽ مفيد ڌنڌو سمجهي هر آئي وئي سان ساڳيءَ لالچ جي اميد ۾ ساڳي حرڪت شروع ڪري ڏني. هر ڪنهن ڪيس بار سمجهي ٿارو پئي ڪيو.

هڪڙو جلالي قسم جو همراهہ ساڳيءَ گهٽيءَ مان لنگهيو تہ ساڳئي ڇوري ساڻس بہ ساڳي حرڪت ڪئي. ان همراهہ چڙي، ڇوري کي ڏاڍي ڦيهہ ڪڍي. ڇوري چڱا ڏينهن تہ پئي لگ سيڪرايا. جنهن تي هڪڙي همراهہ پهرئين همراهہ کي چيو: "انهيءَ کي ڇٽبو آهي، ٽڪو ڏيئي، پرائو بار ڪارڻ."

مطلب:١- غلط ڪم ڪرڻ واري کي شاباس ڏبي تہ دليريءَ سان غلط ڪم ڪندو ۽ وڏيءَ تڪليف ۾ ايندو.

٢. Give bad name to dog and then hang him.

## ٣٨. ٽڪي جي ڀوڙ ۾ مک ئي ملندي. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو ڳوناٽو هوٽل تي ماني کائڻ لاءِ آيو.

"ڀوڙ، ڪيتري تو ڏين؟" بيري کي سڏي چيائين.

"توکي گهڻي وارو کپي؟" بيري پڇيس.

"تو وٽ گهڻي وارا آهن؟"

"رپئي ۾ بہ آهي، انين آني بہ آهي، ٻن آنن ۾ بہ آهي، ٽڪي وارو بہ آهي." بيري ٻڌائيندي پڇيس:

"توکي گهڻي وارو کپي!"

"ٽڪي وارو ڪٽي آءُ!" ڪيسي آهر، ڳوناٽي آرڊر ڏيندي چيس.

ٽڪي وارو ڀوڙ آيو تہ ڳوناٽي ٻڌل ماني ڇوڙي کائڻ شروع ڪئي. ڀوڙ ۾ ڪاري ڪاري شيءِ نظر آيس. اٿلائي ڏٺائين تہ مک هئي. ڪراهت مان بيري کي سڏيائين. بيرو آيو، مک ڏيکاريندي چيائينس: "ڀوڙ ۾ مک آهي."

"ٽڪي جي ڀوڙ ۾ مک ئي هوندي!" بيرو لاپرواهيءَ سان جواب ڏيندو هليو ويو.

مطلب:١ . سستي شيءِ مان تورو نفعو ٿيندو.

٢ . مهانگيءَ مان، گهڻا فائدا پوندا آهن. يا فائدي واري شيءِ مهانگي هوندي آهي.

٣ . مهانگي روئي هڪ وارِ، سستي روئي سئو وارِ.

٤ . ٽڪي جي ڀوڙ مان هاٿي نہ نڪرندو.

## ٣٩. تنگ پڳو ڪم ڪري، ٻانهن پڳو ڪم ڪري، دل پڳو هرگز ڪم نہ ڪري. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي هٽ- واڻيءَ وٽ مسلمان نوڪر بيٺل هو. ان جي هلندي هلندي دل پڇي پئي ۽ نوڪري ڇڏڻ لاءِ مالڪ کي چيائين، پر مالڪ هر دفعي ڪونڪو بهانو ڏئي ٽاري پئي ڇڏيس. مالڪ جو خيال هو ته: "گهٽا نوڪر رکڻ معنيٰ گهڻن ماڻهن کي گهر ڏيکارڻ." جنهن سبب نوڪر کي نوڪريءَ مان جواب نه پئي ڏنائين.

نوڪر صفا بِر لڳو بيٺو هيو. سنها سنها ٽيڙ پچڻ شروع ڪيائين. ڳالهه ڳالهه تي گراهڪن کي چڙٻون ڏيڻ لڳو. تور- ماپ ۾ به هٿڙي هڻڻ شروع ڪيائين. دڪاندار جي پُٽَ کي اهاني بهاني لپاٽون هڻڻ شروع ڪيائين. مالڪ سيئي برداشت پئي ڪيس.

هڪ ڏينهن زورن ڏيندي مالڪ جي اگهاڙي پيٽ تي ٺڪ وهائي ڪڍيائين. مالڪ سندس نيت تاڙي ويو ۽ يڪدم دل رکڻ لاءِ چيائين: "هاءِ! هاءِ! ڏاڍي ٺڏي آهي."

"انهن کي وجي رک! جن جي ڪوسي هجي!" نوڪر خار مان ٽپ ڏئي اٿندي چوڻ لڳو: "مان نه بيهندس!"

"بيشڪ! تون نه بيهندين!" نوڪر جا نخرا برداشت ڪان ڇڙهيل ڏسي مالڪ چيو: "تنگ پڳو ڪم ڪري، بانهن پڳو ڪم ڪري، پر دل پڳو هرگز ڪم نه ڪري!"

مطلب١- ماڻهوءَ جا بيا عضوا نه پر دل ڪم ڪندي آهي.

٢- سالم هٿن وارا پيا پنندا آهن، جڏهن ته دل وارا ٽنڊا منڊا ڪمائي پيا ڪائيندا آهن.

٣- ٽُنِيءَ کي ٿاڪو ئي نه لڳندو آهي.

## ٤٠. پاڻي پي ذات نه پڇجي. (هندي/بنگالي، چوڻي)

هڪڙي موچيءَ جي جهوپڙيءَ وٽان اويل جو چار ساڌو فقير اچي لنگهيا. اُڃَ سبب موچيءَ کان پاڻي گهريائون. موچيءَ کين پاڻي پياريو.

"تون ذات جو ڪير آهين؟" هڪڙي ساڌوءَ موچيءَ کان پڇيو.

"موچي!" گهر ڏٽيءَ کين ورندي ڏني.

"افسوس!" هڪڙي فقير پڇتائيندي چيو: "ذات پڇڻ کان اڳي پاڻي پيتوسين."

"پاڻي پي، ذات نه پڇجي." موچيءَ چين.

مطلب: ١ . ڪٿو ڪم ڪري بعد ۾ پڇتائڻ کان بهتر آهي ته پهريان ئي سوچي سمجهي قدم کڻجي.

٢ . پاني پيکر ذات پوچتي هو! (هندي)

٣ . پاني پي کر گهر پوچنا، ناهن پلو ويچار. (بنگالي)

٤ . جوشيا! تم پيئوڙي پاڻي، ڪيون پوچو ميري ذات

سنتو جائو گهر اپني، چمار همري ذات................................ (سورداس)

## ٤١. پرائي ڏيءَ تان ڪارڪ به چڱي. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو ماڻهو، پاڙيسريءَ جي ڏيءُ جو وهاڻ ڪائي موٽيو ته ڪانئس پاڻس پڇيو: "ڪنواريتو سڌ پريئي! مليئي چا؟!"

“هڪ ڪارڪ ملي!” ياءُ ڪي ورندي ڏنائين.
“بس؟! هڪ ڪارڪ لاءِ پنڌ پيو هئين؟!” ياءُ حيرت مان پڇيس.
“ڪنواريتو سڏ هئو! ڪو گهوتيتو ته ڪونه هئو جو ان ۾ گهڻو ڪجهه ملي ها!” اجا به لاجواب ڪندي ٻڌايائينس: “پرائيءَ ڏيءُ تان ڪارڪ به چڱي!”
مطلب: ١ . مفت ۾ مليل توري شيءِ به چڱي.
٢ . جيڪا مفت ملي، تنهن لاءِ سوال جواب نه ڪجي.
پيٽيو: پرائي ڏيوَ تان ڪارڪ به چڱي.

## ٤٢. پرائي ڏيوَ تان ڪارڪ به چڱي. (هندي، پهاڪو)

هڪڙو همراهُ، پاڙيسريءَ سان گڏجي سندس ڏيوَ جي اسٽان تي ويو. جتي ڪيس، چڱي پرساد بجاءِ فقط هڪ ڪارڪ ملي. گهر موٽي آيو ته پاڙس پڇيس: “ڏيوَ جي اسٽان تان ڇا مليئي؟”
“هڪ ڪارڪ.”
“بس!” ياءُ عجب مان پڇيس: “فقط هڪ ڪارڪ لاءِ ايڏو پنڌ پيو هئين!؟”
“پرائي ڏيو تان ڪارڪ ملي سا به چڱي.” ياءُ کي لاجواب ڪندي چيائين.
مطلب: ١ . پرائي گهران ڍِڪو / ٻُجو مليو به ڪار.
٢ . مفت راچه بايد گفت. (فارسي)
پيٽيو: پرائي ڏيءَ تان ڪارڪ به چڱي.

## ٤٣. پنڻ کان وڏيڪ کهڙو نياڳ آهي! (ساهتي ، چوڻي)

هڪڙو پينو فقير، گهوڙيءَ تي چڙهيو، گداگريءَ لاءِ وجي رهيو هيو. هڪڙي لالچيءَ ڪيس گهوڙيءَ تي چڙهيل ڏسي چيو: “فقير! گهوڙي ته سِتارَ- پيشاني آهي ۽ سِتارَ- پيشاني، نياڳ جي نشاني آهي!”
فقير به گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيو وينو هئو. يڪدم سندس مراد کي سمجهي ويو ۽ چيائينس: “ابا! سِتارَ- پيشاني هوندي ته مون کي ڇا ڪندي؟ پنان ته اڳيئي ٿو. سِتارَ- پيشانيءَ کان ڇا لاءِ ڊڄان!” بحث جا سمورا دروازا بند ڪندي چيائينس: “پنڻ کان وڏيڪ کهڙو نياڳ آهي.”
مطلب: نياڳ / سياڳ ڪنهن به شيءِ جي هجڻ يا نه هجڻ ۾ مضمر ناهي.

## ٤٤. پنڻ وچان، پڙهڻ ياد ئي ناهي. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي غريب / مسڪين ماڻهوءَ کي علم حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق هيو. ڪيس نه ئي ڪو ڏنڌو هيو ۽ نه ئي وري پويان ڪائڻ واري آڪهه. ڪمائي ته ڪنهن لاءِ؟! سندس چڙي سِرَ لاءِ، هڪڙو الله جو بندو، ماني پيو ڏيندو هيو. واندي ويهڻ کان، علم پرائڻ بهتر سمجهيائين. مڪتب جي ملان وٽ پڙهڻ لاءِ ويو ته ڪيس خوشيءَ مان پڙهائڻ شروع ڪيائين.
ڳچ وقت ڪانپوءِ، ماني ڪارائڻ وارو شاهوڪار، حج جي ڏگهيءَ مسافريءَ تي هليو ويو. پوين کي هن مولائيءَ جي پارت ته ڪري ويو، پر منجهن ڪا تَوم ئي ڪانه هئي، سو سندس سار سنڀال

کاڻ لڏائون. ٻک ڪان ٻچڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيائين. نه ڏنڌو ڄاڻندو هيو، نه مزوري پئي ٿي سگهيس. مفت جي ٽڪرن تي پليل کي پنڻ بهتر ۽ آسان لڳو. جڏهن گداگريءَ جا ٽڪر هوڙ کي لڳس ته اهڙي چوس پئجي ويس، جو پڙهڻ واري ڳالهه ئي ڪانئس وسري وئي.

هڪ ڏينهن رستي ويندي، ملان جي مُنهن چڙهي ويو.

"توکي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هئو؟!" ملان حال احوال ڪندي پڇيس: "اڄ ڪلهه توکي ڇا ٿي ويو آهي؟!"

"شوق ته ڏاڍو آهي! پر پيٽ به پالڻو آهي؟" هاڻي اها حالت آهي جو .... ملان کي چوڻ لڳو: "پنڻ وڃان، پڙهڻ ياد ئي ناهي."

مطلب: جنهن کي پِنَ جا ٽڪر پيٽِ پيا، تنهن کي علم پيٽِ نه پوندو.

## ۴۵. پهلي آپ پهلي آپ ڪبو ته گاڏي ڇٽي ويندي. (اردو، پهاڪو)

هڪڙا ٻه جهونا دوست، ريلوي اسٽيشن تي سالن پڄاڻان، پاڻ ۾ ڏاڍو اڪير سان مليا. ٻيئي ڪچهري پئي ڪيائون ته گاڏي به پليٽ فارم تي پهچي وئي. رش سبب پاڻ ڊِرا رهيا ته جيئن لهڻ وارا آرام سان لهي بس ٿين ۽ چڙهڻ وارا سڪون سان چڙهي ٽانيڪا ٿين.

ٻين جو احترام ۽ اڪرام ڪندي، جڏهن گاڏيءَ جي در وٽ پهتا ته هڪڙي ٻئي کي ادب ۽ احترام سان چيو: "حضور ! پهرين اوهان قدم شريف رکو!"

ٻئي دوست، پنهنجو ايترو احترام ٿيندي ڏٺو ته پاڻ به مروتاً احترام ڪندي ڊِرو ٿيو ۽ چوڻ لڳس: "نه ! حضور ائين نه ٿيندو، پهرين اوهان چڙهو!"

"نه!" حد کان وڌيڪ اڪرام ڪندي پهريون دوست پوئتي هٽي چوڻ لڳو: "پهرين اوهان چڙهو!"

ايتري ۾ گاڏي ۽ به ڪوڪ ڪئي ۽ چُرڻ لڳي. هنن جو اهو ئي احترم وارو ڪلام جاري هئو جو گارڊ به ڊوڙندو اچي بوگيءَ ۾ چڙهيو ۽ سندن گفتگو ٻڌي چوڻ لڳو: "پهلي آپ، پهلي آپ ڪبو ته گاڏي ته ڇٽي ويندي."

مطلب:١- احترام به حد اندر ڪرڻ گهرجي.

٢- حد کان وڌيڪ احترام، بي ادبيءَ ۽ نقصان جو سبب بڻبو آهي.

## ۴٦. پيادي مان هسوار، هسوار مان پيادو، خدا تو ڪري. (سنڌ ۽ چوڻي، پهاڪو)

هڪڙي بادشاهه هڪڙي درويش کي، بي عزتو ڪرڻ لاءِ، گهرائي چيو: "زمين جو وِچُ ڪاٿي آهي؟"

"جتي مان بيٺو آهيان، اهو ئي زمين جو مرڪز آهي." درويش وراڻي ڏنس.

"خدا تعالي جو مُنهن ڪيڏانهن آهي؟"

درويش ميڻ بتي گهرائي ٻارائي، پوءِ بادشاهه کان پڇيائين: "هن ميڻ بتيءَ جو رخ ڪيڏانهن آهي؟"

"هر طرف!" باشاهه تڪڙ ۾ جواب ڏنو.

"خدا تعالي جو مُنهن به هر طرف آهي!"

“يلا خدا تعالي ڇا تو ڪري؟” بادشاهه لاجواب ٿيندي پڇيس.
“جنهن گهوڙي تي چڙهندو آهين، اهومون کي ڏي ته ٻڌايانءِ!”
بادشاهه سلامت، گهوڙو گهرائي کيس ڏنو. درويش گهوڙي تي لانگ ورائي واڳون ڪشيندي چيس: “پيادي مان هسوار، ۽ هسوار مان پيادو، خدا تو ڪري.”
مطلب: غريب مان امير ۽ امير مان غريب خدا تو ڪري.

## ٤٧. پِير کُپي ته جانو به لڳي. (سنڌ پهاڪو)

هڪڙو تلهو متارو ماڙيچو، سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ آيو. ساڻس به چار ڳوناٺي به ساڻ هئا. جڏهن ڳوٺ جي اوطاق ۾ پهتا ته ڏاڍو ڇهچٽو لڳو پيو هيو. هيءُ به ڇهچٽو ڏسڻ بيهي رهيا. اوطاق ۾ مَلهه جو مقابلو هلي رهو هيو. هڪڙو ملهُه، ملهَه جي انگن کان واقف هئڻ ڪري، سيني کي ميدان ماريو بيٺو هيو. گهور ۾ پئسا به ڏاڍا پئي پيس.
تلهي ٿنيري ماڙيچي کي به ساٿين ملهه وڙهڻ لاءِ اپاريو: “ملهه وڙهه! ڪنڻ تي گهور ملندي، گذر سفر چڱو ٿي پوندو.”
پنهنجن جي پڌائڻ تي مڙس ميدان ۾ ڪُڏي پيو. سندرا ٻڌي جڏهن ملهه ٻکين پيا ته ڳوناٺي جاٽو ملهه، ماڙيچي کي ڍاڪ تي ڪٽي گهمايو. ٻاهران بيٺل ماڙيچي جي ساٿين، ماڙيچي کي ڏسُ ڏيندي چيو: “جانا مار! جانا مار!”
اڳلي ملهه جي هٽن ۾ مٽي ڦرندي، مڙس جو متو ئي چڪرائجي ويو هيو. تنهن کي هنن واري ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي. نتيجي طور ملهه ۾ دسجي پيو. جڏهن ڏڪ ڪائي اچي ساٿين جي پرسان وينو ته کيس ٽوڪيندي چيائون: “اسان توکي جاني هٽڻ لاءِ پئي چيو پر تو ته ٻڌو ئي نه پئي. اسان جي ڏس تي هلين ها ته ڏڪ نه ڪائين ها!”
“پير ڪپاڙي ته جانا ماراڙي!” نئين ملهه کين جواب ڏنو: “پير کُپي ته جانو به لڳي!”
مطلب: ٻئي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ، دنگو ملي ته مقابلو ڪجي، نه ته نه ڪجي.

## ٤٨. جاتي پاڻي، تاتي پاڻ. (هندي ، چوڻي)

هڪڙي بادشاهه ٻن اميرن کان ساڳئي قسم جو امتحان ورتو. کين چيائين: “سيني شين جو ٻِجُ آڻي ڏيو.”
هڪڙو امير، هر شيءِ جي ٻجّ لاءِ جهنگ جهر رلندو رهيو، جڏهن ته ٻيو پاڻي ڪٽي آيو.
“مون توکي ٻجّ لاءِ چيو هو! تون ته پاڻي ڪٽي آيو آهين؟!” بادشاهه کانئس پڇيو.
“پاڻي ئي هر شيءِ جو ٻِجُ آهي، جو جو .... ” ڪٽورو پاڻي ۽ جو رکندي چوڻ لڳو: “جاتي پاڻي، تاتي پاڻ.”
مطلب: ١- پاڻي ئي سرچشمه حيات آهي.
٢- هر شيءِ کي پاڻيءَ مان حياتي ڏني وئي آهي.
٣- جاتي پاڻي، تاتي پهر.

## .٤٩ جنهن جو ڪم سوئي ڪري، بيو ڪري ته نقصان پري. (سرو ۽ چوڻي)

هڪڙي واپاريءَ کي هڪڙي سودي/ واپار مان چڱي پراپت ٿي. اهو حوال ٻڌي هڪڙي پَٽ فقير به ساڳيو واپار شروع ڪيو. ناتجربيڪاريءَ سبب ڪافي نقصان رسيس. جنهن تي روئڻ رينگڻ لڳو.
"جنهن جو ڪم سوئي ڪري، بيو ڪري ته نقصان پري!" واپاريءَ ٽوڪيندي چيس.
مطلب: ١-جسڪا ڪام تسڪو ساجي، اور ڪري تو ٺينگا باجي. (پنجابي)
٢- هَڙَ به گاسو، لوڪ به تماشو.
٣- جوئاري جوئا ۾ هارڻ بعد چوي: "پئسا به ويا، عزت به وئي!"

## .٥٠ جنهن جي ڳالهه، پنهنجي پيٽ ۾ نه ٿي ٽڪي، تنهن جي ڳالهه، ڪاتي به ڪين ٿي لڪي. (اردو، چوڻي)

ٻبن نائيءَ نالي، هڪڙو همراهه هڪڙي بادشاهه وٽ وجي حجم مقرر ٿيو. پهرئين ڏينهن بادشاهه جا وار ناهيندي ڏٺائين ته بادشاهه کي مٿي تي به سِڱَ آهن. بادشاهه به اها ڳالهه محسوس ڪندي چيس: "سڱن جي ڳالهه ڪنهن کي نه ٻڌائجانءِ!"
نائي، اها ڳالهه ٻن ٽن ڏينهن ڪان مٿي پيٽ ۾ سانديي نه سگهيو ۽ پيٽ ڦاٽڻ لڳس. نيٺ جهنگ ۾ هليو ويو. اتي هڪڙي ٿلهي وڻ جي ٿُڙَ وٽ بيهي چيائين: "بادشاهه جي مٿي تي به سِڱَ سِڱَ!"
پيٽ هلڪو ڪري گهر آيو.
هاڻي هوا لڳڻ سان ان وڻ مان عجيب ۽ سريلا آواز اچڻ لڳا. هڪ دفعي هڪڙا موسيقيءَ جا ڄاڻو، اتان اچي لنگهيا. ڪين وڻ مان سريلو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته وڻ جو ڏاڍو پسند آيو، ان جو ساز نهرايائون.
هڪ ڏينهن اهي ساز ڪٽي بادشاهه جي دربار ۾ آيا. فن پيش ڪرڻ جي اجازت ملين. جڏهن ساز وڄڻ لڳا ته سارنگيءَ مان آواز آيو پئي: "بادشاهه جي مٿي تي به سِڱَ سِڱَ!"
"ڪير ٿو چوي؟" ننڍڙي ڍولڪيءَ مان آواز پئي آيو.
"ٻبن نائي!" وڏي ڍهل جو آخر ۾ ڪڙڪو، ائين پئي ٻڌڻ ۾ آيو.
بادشاهه اهي اکر ٻڌي، ٻبن نائيءَ ڏانهن اکيون ڦوٽاري ڏٺو.
"جنهن جي ڳالهه، پنهنجي پيٽ ۾ نه ٿي ٽڪي.
تنهن جي ڳالهه، ڪاتي به ڪين ٿي لڪي!"ٻبن نائيءَ، پنهنجي وڪالت ۾ چيو.
مطلب:١- مُٺِ پيڙائي پلي، اُپَٽي ته واءُ.
پڌر پئي ڳالهڙي، چڏي ويندي ساءُ.
٢- سِرُ ڏجي، سُرُ نه ڏجي.

## .٥١ جنهن جي ناني نياڳي، تنهن جا ڏوهٽا ڪهڙا ڏاتار ٿيندا. (سرو، چوڻي)

هڪڙي همراهه جو ڪنهن نوجوان عورت سان عشق ٿي ويو. ٻنهي جا مائٽ سندن انهيءَ ڳالهه ۾ راضي نه هئا. لاچار، ڀڄڻ جو پروگرام رٿيائون. مقرر ٿيل رات، مرد عورت جي گهر ٻاهران آيو. طئي ٿيل اشارن تي، محبوبه به گهر جي چائنٺ اورانگهي نڪتي.
ڪتن جي ٻاهوڙ ٿي. سونچو ٿي ويو. چور چور ٿي وئي. جيستائين گهر- ڀاتي، گهر سنڀالين ۽

سمجهن ته ڇا جي چوري ٿي آهي، تيستائين هنن کي وِٿي ملي وئي.
پر واري ڳوٺ ۾ مرد جو سنگتي هيو، جنهن جو گهر پَرَ- ڀاهرو هيو. ان کي اچي اٿاريائون. جنهن سواريءَ لاءِ ڏاچي ڏيندي تاڪيد ڪين: "ڏاچي ڏيان ٿو پر هڪڙي ڳالهه ياد رکجو، ڏاچي اٺو نانيءَ ڪري. جتي پاڻي ڏسندي اتي ويهي رهندي ۽ پوءِ اٿڻ ۾ ڏاڍي ڳيهه ڪندي. تنهن ڪري پاڻيءَ واري پاسي کان نه ڪاهي وجهوس."
ڏاچيءَ تي چڙهي روانا ٿيا. تيستائين پوين به گهر سنڀالي ورتو. راتو واهه پيراڊو اچي ويا، ٻتيون ۽ لنيون ڪٽي پيري سان نڪري پيا.
سڄي رات، بک اڃ تي هلڻ ڪانپوءِ سج اڀريو ته ڏاچيءَ کي پاڻي نظر آيو ۽ لڙي پئي. سوارن گهڻو ئي جهليس پر ڪين جهل ئي نه ڏنائين. ڍُوهي، پاڻيءَ وٽ وڃي پهتي. پاڻي پِيي، ڍُهي هٽي ويهي رهي. اٿڻ جو نالو ئي نه ورتائين.
ايتري ۾ پيري به، رَندَ ڪٽي اچي ويجها پين. مرد جيئن ڪاري ڏاند جي مالڪن کي ڏٺو، تيئن ڏاچيءَ کي اٿارڻ لاءِ ڏاڍا ڏڪ هنيائين. ڏاچي چوي ته: "تون ڪير ٿيندو آهين جو مون کي اٿاريندين؟"
ڏاچي نه اٿي، نه اٿي. هيءُ به ڪتي ساٽو ٿيو ته بيزاريءَ مان تلوار ڪڍي، ڀهرين ڏاچيءَ جي سسي لاٿائين پوءِ مائي کي ماريائين. تيستائين مالڪ به پهتا ۽ اچي جهليائونس.
راجوٽو فيصلو هليو.
"تو ڏاچيءَ کي ان لاءِ ماريو ته اها ڍُهي هٽي ويهي رهي!" پٽيل ڪانئس پڇيو: "مائي چو ماريئه؟ اها ته تو لاءِ سڀ ڪجهه ڇڏي نڪتي هئي!"
"ڏاچيءَ جي مالڪ مون کي چيو هيو: ڏاچي نانيءَ ڪري اٿئي! پاڻيءَ کان پاسو ڪرائجانس نه ته ويهي رهندئي." سبب ٻڌائيندي چوڻ لڳو: "ڏاچيءَ جي نانيءَ تي چِڪَ ڪرڻ مون کي مارايو. جيڪا مون سان پڇي نڪتي هئي، تنهنجو ڄڻيو اولاد ضرور متس چِڪ ڪري وڃي ها ۽ هڪ ڏينهن مون سان به ائين ئي ٿئي ها، جيئن توهان سان ٿيو. تنهن ڪري ڪيس ماري وڌم."
"تو ان ڪري ڪيس ماريو؟" ماڻهن وضاحت خاطر پڇيس.
"ها!!" وضاحت ڏيندي چيائين: "جنهن جي ناني نياڳي، تنهنجا ڏوهٽا ڪهڙا ڏاتار ٿيندا؟"
مطلب: والدين جي اخلاق جو اثر، سڌو سنئون اولاد تي پوندو آهي.

## ٥٢. جنهن جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿئي، تنهن تي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهان. (هندي ۽ چوڻي)

جعفر نالي هڪ ريڍار، سڄو ڏينهن جهنگ ۾ رڍون چاري شام ڌاري واڙ ۾ واڙي ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس جهنگ ۾ رونشو سُجهي آيو ۽ وني رڙيون ڪيائين: "بگهڙ ڙي بگهڙ!"
پاسي اوسي جا هاري ۽ ناري، جيڪي ڳوٺ جا هيس، سندس رڙين تي لنيون ڏُڪا ڪٽي ڊوڙندا آيا. بگهڙ نه ڏسي ڪانئس پڇيائيون: "بگهڙ ڪاٿي آهي!"
"بگهڙ ته ڪونه هو!" ڦِڪا ڏند ڪيندي ٻڌايائين: "مون ته ائين چرچو پئي ڪيو."
ماڻهو جک ڪائيندا موٽي ويا.

هڪ ڏينهن سچو پچو بگهڙ اچي رڍن ۾ پيو. مدد لاءِ ڏاڍيون رڙيون ڪيائين پر ڪير به نه آيو. بگهڙ سچو ڏڻ ناس ڪري هليو ويو. رڍون مارائي جڏهن ڳوٺ پهتو ته ماڻهن پڇيس: "رڍون ڪاڏي ڪيئي؟!"

"بگهڙ کائي ويو!" روئندي حال ٻڌائڻ لڳو: "اڳي ڪوڙين رڙين تي سڀ ڊوڙندا آيا، اج سچين رڙين تي هڪ به نه لڙيو."

"ان ۾ روئڻ جي ۽ ميارَ ڏيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟!" هڪڙي ڳوناٽي رد ڏيندي چيس: "پنهنجي پَتِ تو پاڻ وڃائي آهي! اڳي ڪوڙ نه ڪرين ها ته اج ڏک نه نکرئي ها!"

"جنهن جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿئي.

تنهن تي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهان!" ٻئي ڳوناٽي، پهرئين جي پٺيرائي ڪندي ائين ٺوڪيس.

مطلب: ساک وڃڻ بعد، ڪوبه ترس نٿو کائي.

## ۵۳. جنهن رين جو مزو ورتو، تنهن ڪان ٻيا مزا وسري ويندا. (ساهتي، چوڻي)

هڪڙيءَ مائيءَ ڪان محبوب رسي ويو. سدائين سندس باري ۾ پئي پڇائيندي هئي. هڪ دفعي پڇا ڪرايائين: "ڏي خبر! منهنجو رانجهن ڪهڙي حال ۾ آهي؟!"

"مينهون ڏاريون اٿائين!" جواب مليس.

"ڀلي مينهون ڏاري!" اجا آسرو رکندي چوڻ لڳي: "پر مون کي ڪين وساريندو. مون وٽ ضرور ايندو."

ڪجھ وقت بعد وري پڇايائين: "منهنجو راڻل ڪهڙيءَ ڪرت سان لڳل آهي؟!"

"ٻني ورتي اٿائين! سڄو ڏينهن ان جي سنڀال ۾ سُکَ آهي!" ورندي مليس.

"ڀلي ٻنيون ڏاري!" اجا آسرو رکندي چوڻ لڳي: "پر مون کي ڪين وساريندو، مون وٽ هڪ وار ضرور ايندو."

ان ڳالهه کي به ڪافي عرصو گذريو، وري پڇائون ڪرايائين: "ڏيو خبر! مون وارو سهڻل ڪهڙي ڌنڌي سان لڳل آهي؟!"

"ڀلا گهوڙا ڏاريا اٿائين!" ٻڌائڻ واري آگاهي ڏيندي چيس: "سندن سيوا ۽ سواريءَ ۾ مشغول آهي!"

"ابول!" آسرو پليندي ۽ سترن تي هٿ هڻندي چيائين: "هاڻي ته اصل نه ايندو!"

"چو!" پڇڻ واري پڇيس: "هاڻي چو ڪو نه ايندو؟!"

"جنهن رين جو مزو ورتو، تنهن ڪان ٻيا مزا وسري ويندا!" وضاحت طور چوڻ لڳي.

مطلب: ١ . رين ۽ ران جو مزو، هڪجهڙو آهي.

٢- رن ۽ گهوڙو ران سان، پئسو جان سان.

## ۵۴. جنهن کي پنهنجي حال جي خبر نه ٿي پوي، تنهن کي ٻئي جي سال جي خبر نه پوندي. (هندي، چوڻي)

اتر هندستان جي الوَر رياست جي مهاراجا سري سوائي جيسنگهه، هزار روپيا في ڏينهن جي

حساب سان، هفتي کن لاءِ بمبئيءَ جو وڏو نجومي مسٽر الاسٽر گهرايو. ساڻس ٻين به ڪيترن انعامن جو واعدو ڪيو ويو هئو.
نجومي جڏهن مقرر وقت تي الوَر اسٽيشن تي پهتو ته سندس آڌر ڀاءُ لاءِ ڪير به نه پهتو. سڄي رات اسٽيشن تي بيواهن وانگر ڌڪا کائڻ بعد، صبح جو جڏهن ٽانگي ۾ چڙهي راجا جي محلات تي پهتو ته دربان ۽ سپاهين ڪيس راجا سان ملائڻ جي بجاءِ، جيل اماڻي ڇڏيو. مهينو کن جيل ۾ ڌانهون ڪوڪون ڪيائين. تنهن کان پوءِ ڪيس ڪڍي راجا آڏو پيش ڪيو ويو. راجا ڪي پاڻ سان ٿيل جٽ بابت ٻڌائيندي چيائين: “مون کي خبر هجي ها ته مون سان اهڙي جٽ ٿيندي ته جيڪر مان نه اچان ها!”
“تو لاءِ اها ئي سيکت ڪافي آهي. توکي پنهنجي ٻئي ڏينهن جي خبر نه ٿي پوي ته تو سان ڇا ٿيڻ وارو آهي ته پوءِ توکي منهنجي حال جي ڪيئن خبر پوندي!” مهاراجا دڙڪو ڏيندي چيس: “جنهن کي پنهنجي حال جي خبر نه ٿي پوي، تنهن کي ٻئي جي سال جي خبر نه پوندي!”
مطلب: غيب جي خبر، فقط خدا کي آهي.

## ٥٥. جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي؟ (اردو، چوڻي)

پيٽرول سان ڀريل آئل ٽينڪر، شاهي رستي تي ڪلتي ٿي پيو. متئين هودي ۾ وينل ڪلينر، ڪلتي ٿيڻ کان اڳ ئي وڃي ڪچي تي ڪريو ۽ ٽئنڪر به وڃي سندس ٻانهن تي پيو. سندس ٻيو جسم ته ٻاهر هئو، البته ٻانهن ٽئنڪر هينان اچي وڃڻ ڪري مڙس ڦاسي پيو. پر واريءَ هوٽل تان ماڻهو مدد لاءِ ڊوڙندا آيا. اڳين ڪئبن ۾ ڦاٿل ڊرائيور ۽ ڪلينر کي ته ڪڍي ورتائون پر هن کي ڪڍي نه سگهيا. ايتري ۾ ٽئنڪر جي انجڻ کي باهه لڳي چڪي هئي.
هڪڙن ماڻهن مٽيءَ سان انجڻ جي باهه وسائڻ لاءِ جتن پئي ڪيا ته ٻين ڦاٿل ڪلينر کي ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ جا. نه باهه پئي وِسي، نه ڪلينر پئي نڪتو.
“پيٽرول کي باهه لڳي ته همراه سڙي ڪوئلا ٿي ويندو!” هڪڙي همراهه صلاح ڏيندي چيو: “رڳو ٻانهن ڦاٿل آهي! جنهن ڪري سڄو مڙس ڦاٿل آهي. جيڪڏهن ڪاتيءَ يا ڪهاڙيءَ سان ٻانهن ڪپي ڇڏجي ته هوند باقي مڙس ته بچي پوي. ٻانهن ڪپجي وئي ته به خير آهي! حياتي هوندس ته مڙس جالي ويندو.”
ٻه ٽي همراهه ڪاتيءَ يا ڪهاڙيءَ هٿ ڪرڻ لاءِ وني ڀڳا. وقت تي ننڍي شيءِ به ملڻ مشڪل ٿي ويندي آهي. ڪاتي يا ڪهاڙي هٿ نه آئي، البته مڏو سڏو ڏاٽو هٿ آين. جيستائن اهو ڪٽي پهتا، تيستائين ٽينڪر مان سِمنڊڙ پيٽرول کي باهه وچڙي چڪي هئي.
ڦاٿل همراهه جا ڪوڪريا هجن. ڏاٽي وارو همراهه، باهه جي جَرَ کان ويجهوئي نه پئي ويو. نيٺ ڏاٽو ڦاٿل همراهه ڏانهن اڇلايائين ته جيئن پنهنجي ڦاٿل ٻانهن پنهنجي اڻ-ڦاٿل هٿ سان ڪپي، پاڻ کي آجو ڪري سگهي. وائيسر سيني جا خطا تي چڪا هئا. اڇلڻ سان ڏاٽو ٿورو پَرَ- پرو وڃي ڪريو. ڦاٿل همراهه پاڻ کي ڏاٽي ڏانهن سورڻ جي ڪوشش ڪئي پر پهچي نه پئي سگهيو. ايتري ۾ ٽينڪر ۾ پيل پيٽرول کي وڏي ڌماڪي سان باهه لڳي وئي. انهيءَ ڌماڪي تي گاڏي ٿورو مٿي ڪجي وئي ۽ ڏاٽي ڏانهن پاڻ ڇڪڻ سبب، ٻانهن کي ساهَ ملي وئي، جنهن ڪري همراهه آزاد ٿيڻ

سان ﺑﻪ تي هٿ وجي پري ڪريو ۽ جان بچي ويس.
“بيشڪ!” بينلن مان هڪڙي چيو: “جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي.”
مطلب: ١ . خدا تعاليٰ طرفان موت ﺑﻪ لکيل وقت / مقرر وقت تي اچي ٿو.
٢- مارڻ واري کان، بچائڻ وارو ويجهو آهي.

## ٥٦. جنهن ويني نہ ڄاتو، سو بيني کهڙو ڄاڻندو؟ (سنڌ ، پهاڪو)

هڪڙي مائيءَ جي ڌيءُ بالغ تي چڪي هئي. ڪيس ڳُٺي هئي تہ ڇوڪري شينهن ڪلهي چڙهي.
سچو ڏينهن انهيءَ پريشانيءَ ۾ پئي ڳُرندي هئي. هوڏانهن مڙس سان ﺑﻪ اهڙو سُرباٽُ ڪديائين پر
مڙسهنس جي ڪنَ تي جوں ﺑﻪ نہ رينگي. هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪان ڪڍي ڇڏيائين.
مائيءَ جي پريشاني، ويتر وڌي وئي. هڪ ڏينهن ڌيءَ جي سامهون مڙس کي چيائين: “هاٽي!
ڇوڪري، ماشاءَ الله، وڏي ٿي وئي آهي!”
“هون!” مڙسهنس اڻ لکو جواب ڏنس.
انهيءَ تي مُنيان تہ ڏاڍي لڳس، تنهن هوندي ﺑﻪ پکو منهن ڪري ڌيءُ کي چيائين: “امڙ! اٿي تہ
بيهه! پٺهين تنهنجو قد ڏسي!”
“امان! اجايو ٿي پاڻ کي خفيف ڪرين!” ڌيءُ ڇبو وات ڪري ماءُ کي چيو.
“ڇو امڙ؟ انهيءَ ۾ خفيف ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ تون رڳو اٿي بيهندينءَ تہ ڪا ڳسي نہ
ويندينءَ؟!” ماءُ ڌيءُ کي زور پريندي چيو: “امڙ! اٿي تہ پيءُ ڏسئي!”
“امان!” پيءُ جي بيرخيءَ تي نڪ کي موڙو ڏيندي ماءُ کي چوڻ لڳي: “جنهن ويني نہ ڄاتو، سو
بيني کهڙو ڄاڻندو؟!”
مطلب: ١ . جيڪو اشاري سان نہ ٿو سمجهي، سو وڏيءَ وضاحت سان ڇا سمجهندو؟!
٢- عقل واري لاءِ، اشارو ئي ڪافي آهي.
٣- ٺٺوءَ کي ٿارو، تازيءَ کي اشارو.

## ٥٧. جوش ﺑﻪ، وقت تي ڪم ايندو آهي. (سرو، چوڻي)

هڪڙي هندو واپاريءَ کي ٻهراڙين ۾ اڳاڙيءَ سانگي وڃڻو هئو. رستو اٽائو هئو ۽ واپسيءَ تي
ڦرِ جو ﺑﻪ خطرو هئو. تنهن ڪري هڪڙي بروچ کي، واهر لاءِ ياڙي تي ساڻ ڪنيائين. ڪيس ڪهاڙي
ﺑﻪ وني ڏنائين.
جڏهن سفر تي روانا ٿيا تہ بروچ ڪهاڙيءَ جي ڪري مستيءَ ۾ اچي ويو. ڦونڊجي هر شيءِ تي
ڊکي ڪهاڙي اُلاريندو پئي هليو. ماٺهوءَ ڇيٽوءَ تي، مال متاع تي، ڪرڙ ڪنديءَ تي، مطلب تہ هر
شيءِ تي ٻہ- هٽڙي ڪهاڙيءَ سان اُلر هئس.
“يائي!” واڻئي ڊجندي هڪ هنڌ پڇيس: “اهو ڇاتو ڪرين پيو؟!”
“مون کي جوش آهي!” بروچ ورنديءَ ۾ چيس: “انهيءَ ڪري ائين ڪندو ٿو هلان!”
اُڳاڙي ڪري موٽيا تہ واٽ تي سچ مچ، ڀاڙو- وارا اچي مٿان پين. ڪين ڏسنديئي واڻئي جي تہ
ڏوتي خراب ٿي وئي پر بروچ جي اُلاريل ٻہ- هٽڙي ڪهاڙي ﺑﻪ جهڙوڪ وجي پٽِ پئي ۽ پئو ۾

زمين تي ويهي رهيو.
ڏاڙيل، واڻئي کي آرام سان ڦري هليا ويا. انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ ٻروچ جي وري ساڃهه ڪار.
اهائي ڪهاڙي، اهوئي ڳڻ.
“يائي! هي چاتو ڪندو هلين!” واڻئي پڇيس.
“مان جوش ۾ آهيان!” ٻروچ ڪهاڙي ألاريندي چيس.
“هاڻي جوش ڪرڻ جي ڪهڙي ضررت آهي!” واڻئي ٺڏي ٿيڻ لاءِ نصيحت ڪندي چيس: “جوش ٻه وقت تي ڪم ايندو آهي!”
مطلب: جوش / ڪاوڙ/ هينانهين وغيره، وقت تي فائدو ڏيندا آهن.

## ۵۸. جو گهٽي جي لالچ ڪري ٿو، سو موڇڙا گهري وڃي ٿو. (لاڙ، چوڻي)

هڪڙو همراهه نئينءَ مان چوريءَ تي هريو. هڪ رات هڪڙي گهر ۾ گهڙيو. ڪيس چوريءَ جي ڳُرن جي ته خبر هئي ڪانه. هيڏي هوڏي ڦريو ته ڪيس ٻوٽن جون ست جوڙيون نظر آيون. پهرين ڳٽي تسلي ڪيائين. پوءِ ٻُٽُ ٻڌل ٻوجڻ لاهي، هنبڙ ڊنبڙ ڪري ان ۾ ٻڌائين ۽ ساڳين پيرن تي ڳوٺ ڏانهن موٽيو.
گهرن ڪان وٽيرڪو ٿي، جهنگ ۾ پهتو ته مٽي تي رکيل پادرن جي پري لاهي وري ڳٽڻ لڳو. ٻه دفعا پادر ڳٽيائين. ٻئي دفعا تيرنهن ٿيا. ڪٽل جوڙي جو ڏاڍو ويسورو ٿيس. پادرن جي پري جهنگ ۾ ٿمائي، پوين پيرن تي ساڳئي گهر ۾ اچي گهڙيو. ايتري ۾ گهر وارا ٻه سجاڳ ٿي چڪا هئا. ڪيس ڏسڻ شرط چور چور تي وئي. لت ڏئي ڪٽي ٻڌائونس. موچڙن سان سچي ڪيائين ۽ جهنگ مان هلي، سَڳُ ڪڍي ڏنائين.
اهو حال ڏسي رونشي تي ڳڏ تيل ماڻهن مان هڪڙي چيو: “جو گهٽي جي لالچ ڪري ٿو، سو موچڙا گهري وڃي ٿو.”
مطب: اڌ کي ڇڏي جو سڄيءَ لاءِ ڊڪي،
تنهن ڪان سڄي ته وڃي پر اڌ لاءِ ٻه سڪي.
پيٽيو: لالچ، ڪتن سان ڳڏ ڪارائي.

## ۵۹. جو وَڏُ جڙي جن سين، سو وَڏُ سيئي ڪن. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙو رڄُ اشراف، درياه پار ڪرڻ لاءِ اچي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو. ٻيڙيءَ ۾ هڪڙو لُچُ ۽ مسخري قسم جو همراهه ٻه ويٺو هئو، تنهن مٿس ڏاڍيون ڏنڪون، چٽريون ۽ ٺٺوليون ڪيون. موٽ ۾ هن اشراف، صبر ڪان ئي ڪم ورتو.
پتڻ پار پوڻ بعد هٽائنين ڪانئس، ڪلي ۽ ياڪر پائي، موڪلايائين. جنهن تي ٻين مسافرن ٽوڪيس: “اهڙي لچ جي اهڙي خوشامد ڪرڻ نهي ته ڪانه ٿي.”
“اهو هن جو وَڏُ هئو، هيءُ منهنجو وَڏُ آهي!” خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ جو سبب ڏيندي ٻڌايائين: “جو وَڏُ جڙي جن سين، سو وَڏُ سيئي ڪن!”
مطلب: ۱ هر ڪو پنهنجي هٽيءَ سارو، هوڪو ڏيندو آهي.

٢- جيڪي ڪوهه ۾ هوندو، سوئي آهَ ۾ پوندو.
٣- جيڪي کُني ۾ هوندو، سو ئي پاٽِ ۾ پوندو.

### ٦٠. جوئر جُوءِ ۾ نہ هوندي، تہ رهو رانديون ڪندو. (سنڌ، پهاڪو)

جابلو علائقي جو هڪڙو همراهہ سنڌ ۾ گهمڻ آيو. جن ماڻهن وٽ مهمان ٿي رهيو، تن ڪيس پلي جو چڊو ڀوڙ ۽ ڪڻڪ جي ماني آڻي ڏني. ڪائڻ وقت رهي ڪيس ڏاڍو ڪکِ ڪيو. مانيءَ تي موراڳو چڙهيُس ئي نہ پئي. ڪڻڪ جي مانيءَ سان، رهو وٽي مان کُٽو ئي نہ پئي. تنگ ٿي چوڻ لڳو: "ڪانهي جوئر جُوءِ ۾، تڏهن تو رهو رانديون ڪري!"
مطلب: ١ . ڏاڍو مڙس ملڪ ۾ ڪونهي، تڏهن تو لچ لوفر بدمعاشي ڪري.
٢ . ڪونهي مير علي مراد ملڪ ۾، تڏهن ٿيون وانديون وَس چرن.

### ٦١. جهڙي نيت، تهڙي مراد. (سرو، چوڻي)

هڪڙي گهر ۾ نيت نالي مائي پنهنجي ڌيءَ مراد سان گڏ رهندي هئي. ٻئي وڏيون جهيڙاڪار هيون. هڪڙو فقير سئن هٽندو، سندن در تي آيو ۽ چيائين: "جهڙي نيت، تهڙي مراد."
انهيءَ تي ماءُ ڌيءُ ڪاوڙجي پيون ۽ فقير ڪي سُرَ سان گاريون ڏنائون. فقير ڪي بہ ريچڪ اچي ويو. ڏيهاڙي سندن در تي ساڳي سئن هٽي، گارين جا ڏوساڑا ٻڌي، هليو ويندو هو.
ڪِکِ تي ماءُ ڌيءُ پاڻ ۾ صلاح ڪئي: "فقير ڪي مانيءَ ۾ زهر وجهي ڏجي تہ اصل لاءِ جان ڇٽي پوندي. نہ تہ ڏيهاڙي در تي جهور ٻڌيو پيو خوار ڪندو."
نيت، مانيءَ ۾ زهر ملائي پاڙي ۾ گهمڻ وئي. مڙسس گهر ۾ بکارو آيو. ڳولا ڦولها بعد زهر ڀيل ماني هٿ آيس، جيڪا اڻ چاڻائي ۾ کائي ڍير ٿي ڪري پيو.
نيت گهر آئي تہ زهر واري مانيءَ تي مڙس جو لاش ڏسي واتان نڪري ويس: "جهڙي نيت، تهڙي مراد."
مطلب:١ . ڪڏ ڪٽي ٻين لاءِ، اَوَسِ ڪري پاڻ.
٢ . ڪئو اُڍي، منهن ۾ پائي.
٣ . ڪوري ڪڏ ڪٽي، پاڻ پوي.
٤ . جيڪو ٻين لاءِ ڪڏ ڪٽندو، سو اَوَسِ پاڻ پوندو.

### ٦٢. جيتري جهار هڪلبي، اوتري اٿندي. (سرو، پهاڪو)

هڪڙي زميندار، جوئر جي جهار لاءِ، پگهار تي هڪڙو ڪانگ- تڙيو رکيو هيو. هڪڙي ڏينهن ٻنيءَ تي اچي ڏنائين تہ جهار پئي ٿي جوئر کائي ۽ ڪانگ- تڙيو ستو پيو آهي.
"جهار پئي تي پوک ڪي کائي!" نند مان اٿاري پڇيائينس: "۽ تون آهين جو ٻني تي پيو ٿو کونگهرا هڻين؟!"
"يوتار! پيهي تي تو چڙهي ويهان تہ پوءِ جيڏانهن تيڏانهن جهار آهي ۽ تڙي تڙي ڪنيڙون ئي سڪي ٿيون پون ۽ نڙي بہ سڪي ٿي وڃي. ٻني تہ لهي تو ٻيهان تہ ٿوري ٿوري جهار آهي ۽

پوتار!” سمهڻ جو سبب ٻڌائيندي چيائينس: “سمهي پئو تہ جهار آهيئي ڪانہ.”
“اڙي! تہ پوءِ” پوتار هڪل ڏيندي چيس: “جيتري جهار هڪلبي، اوتري اٿندي!”
مطلب: ١ . اکيون پوري سمهندڙ جي گهر کي، ڪاٽ لڳندو تہ خبر نہ پوندس.
٢ . جاڳندڙ جون وچيون، سمهندڙن جا ڪونهان.
٣ . خبردار ٿيڻ سان، تمام گهڻا مسئلا سامهون اچن ٿا. سمهي پوڻ واري لاءِ ڪوبہ مسئلو نہ آهي.
۴ . ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.
۵ . ڪبوتر، اکين تي هٿ رکي چيو: “مان ٻلي ۽ کان لکي ويس.”
٦ . ڪم ڪر تہ دنيا ۾ ڪوڙ ڪم آهن. لت ڪوڙي سمهي پئو تہ ڪم آهي ئي ڪونہ.

## ٦٣. جيسي جيسيءَ جي ٻولي سمجهندو آهي. (سرو،چوڻي)

هڪڙي ننڍڙي ٻار، مائٽن کان لکي تمام گهڻي ماني کاڌي. پيٽ پرجڻ بعد معدي تي سوڙهہ ٿيس ۽ مونجهہ وچان ماءُ کي چوڻ لڳو: “قاتان تو!”
“قاتو آهين؟ چا ۾ قاتو آهين؟!” ماڻس پڇيس.
“نہ! قاتان تو!” ٻار مفهوم جي تصحيح ڪندي چيو.
ماڻس کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، ڏاڏيءَ سمجهڻ لاءِ زور ڏنا. ان کي بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ يقين سمجهڻ لاءِ وس ڪيا. ٻار جي ٻاتڙي ٻولي ڪين سمجهہ ۾ نہ آئي.
“اڙي! ٻيو ايترو ٻار وني اچو!” ڏاڏيءَ اٽڪل ويڙهائيندي چيو: “من اهو هن جي ٻولي سمجهي.”
ٻيو ننڍڙو ٻار آيو، ان آڏو بہ چيائين: “قاتان تو!”
“پو ايتلو تو تاڏئي!” ٻئي ٻار موٽ ۾ چيس.
ٻئي جملا پاڻ ۾ ملائڻ بعد ڳنڊ کلي پئي. پهرئين ٻار چيو پئي: “قاتان تو!” ۽ ٻئي چيس: “پوءِ ايترو چو کاڌئي؟”
“تڏهن تہ مون چيو پئي تہ ٻئي ننڍي ٻار کي وني اچو!” ڏاڏيءَ پنهنجي اٽڪل جي ڪاميابيءَ ۾ خوش ٿيندي چيو: “جيسي جيسيءَ جي ٻولي سمجهندو آهي.”
مطلب : هر ڪو پاڻ جيڏن جي ٻولي جلد سمجهندو آهي.

## ٦۴. جيسين ڪاني اثر ڪري، تيسين ٻياني سر ٻيئي. (سرو، پهاڪو)

هڪڙو مرشد سڳورو، سارين جي لاباري ۾ مريدن کان ٻنا وٺڻ لاءِ نڪتو. هڪڙي مريد جو گامبولي ڳاهہ پئي هليو تہ مرشد بہ اچي سلام ڏنو. هاري، ڳاهَ جي چوقير رکيل وَلِ جا ڳڏا ڪوليندو، ٻيانيءَ سان گامبول ۾ اچليندو پئي ويو. مرشد جي سلام ڏيڻ تي وَلِ اڇلائڻ بند ڪري وٽس آيو.
“وَلِ جا بہ ٽي ڳڏا ڪپن!” مرشد حڪم ڪيس.
“هڪڙو ڳڏو ٻن جهڙو آهي!” مريد، هڪڙو ڳڏو ڏيندي چيس.
“نہ مرشد کي اهڙا ٽي ڏي!..... نہ تہ ....!” اکيون ڦوٽاريندي، مرشد چيو.
“نہ تہ! .....چا؟” تارا ڦرڙائيندي، مريد پڇيو.

“نہ تہ ڪاني اهڙي ايندئي جو، گڏو نہ بچندئي نالي ڪاڻ!” پٽ پاراتي ڪان ڏيڄاريندي، مرشد چيس.
“تنهنجي ڪانيءَ ڪان ڏڄان تو چا!” ٻہ- هٿڙي ٻياني ألاريندي، مرشد کي چيائين: “ڪٽڻو اٿئي تہ ڪڻ نہ تہ اچئي تي ٻياني!”
مريد جا تيور ڏسندي، مرشد ڪڙين تي زور ڏنو.
“جيسين ڪاني اثر ڪري، تيسين ٻياني سرنئي.” گامبول واري همراهہ ڳاھُ جهلي، ائين چيو.
مطلب: ١- پٽ پاراتي/ دعا ڪان اڳ، ٻانو ڪم ڪري ٿو.
٢- پٽ پاراتو گسي سگهي ٿو، موچڙو ڪين گسي.
٣- ڪانيءَ کان، ٻياني تکي.
٤- ڪاني ڪم نہ ڪري، ٻياني ڪم ڪري.

## ٦٥. جيڪو نانگن جي ٻرڙن ۾ هٿ وجهندو، سو بہ نہ بچيو. (سنڌ ، پهاڪو)

“نالو چا اٿئي؟”هڪڙي همراهہ کان ڪنهن پڇيو.
“الله بچايو!” موت ۾ ورندي ڏنائين.
“چا ڪندو آهين؟”
“نانگن جي ٻرڙن ۾ هٿ وجهندو آهيان.”
“الله بہ ان کي بچائيندو، جيڪو بچڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ مدد ان جي ڪندو، جيڪو پنهنجي مدد پاڻ ڪندو!” وڌيڪ وضاحت ڪندي چيائينس: “جيڪو نانگن جي ٻرڙن ۾ هٿ وجهندو، سو بہ نہ بچيو.”
مطلب: ١ . خدا ان قوم جي حالت بدلي ٿو، جيڪا پنهنجي حالت پاڻ بدلي ٿي.
٢ . همتِ بنده، مددِ خدا، بي همت بنده، بيزارِ خدا.
٣ . درياءَ ٻرِ تي چوڪر ڪُڏي، اڄ نہ ٻُڏي سيان ٻُڏي.

## ٦٦. جيڪي ڪلهو ڏيندا آهن، سي توڙ بہ رسائيندا آهن . (سرو، پهاڪو)

هڪڙو شخص ڏاند-گاڏيءَ ۾ ٻارين ٻچي سفر تي نڪتو. رات جو وقت هو، ڳهِلَ اچي ويس.
جوٽس ڏنو تہ پاڄاريءَ ۾ هڪڙي پاسي ڏاند آهي تہ ٻئي پاسي ماٺهو ڪلهو ڏيو پيو هلي.
“ميان اُٿ!” مڙس کي ڌونڌاڙي چوڻ لڳي: “هڪڙو ڊڳو تہ چور چورائي ويا، ان جي جاءِ تي هڪڙو چور ڪلهو ڏيو تو هلي. ستو رهئين تہ ٻيو ڏاند بہ چوري ڪري ويندا ۽ اسان رات جو رستي ۾ رلي ويندا سين.”
“چري!” مڙس صبر جي تلقين ڪندي چيس: “جيڪي ڪلهو ڏيندا آهن، سي توڙ بہ رسائيندا آهن.”
مطلب:١ . بار ڪٽندا ٻاري، ڪم ناهي ڪچن جو.
٢ . جيڪي أڪرِيُن ۾ متا وجهندا، سي مُهرِين پيئہ نہ ڏڄندا.

## ٦٧. جيڪي ونڻ سڪيا آهن، سي ڏيندا ڪين آهن. (لاڙ ، چوڻي)

هڪڙي ملان، هڪڙيءَ ڪڌ ۾ ڪِرڻ بعد، نکرڻ لاءِ ڏاڍا وس ڪيا پر نکري نہ سگهيو.ٻڏي مرڻ

جي پوَ کان رڙيون ڪيائين ته، ڪڏ جي مٿان ماڻهن جو ميڙ لڳي ويو. رحم ڪائيندي هر ڪنهن هٿ پئي وڌايس ته، جيئن نڪري اچي.
“ملان ! هٿ ڏي! ته ڇڪي ڪيانءِ!” هر ماڻهوءَ ائين پئي چيو ۽ تڪليف هوندي به ملان ڪنهن کي هٿ نه پئي ڏنو.
ماڻهو بيزار ٿي پيا.
“ملان! هٿ وٺ!” هڪڙي سمجهوءَ، مام کي سمجهندي، ملان کي چيو. ملان هڪدم سندس هٿ کي چنبڙي پيو. جنهن ڪانپوءِ ان ڇڪي ٻاهر ڪڍيس.
“جڏهن هوش ۾ به هئين ته پوءِ اڳي هٿ چو نه پئي ڏنئي؟!” هڪڙي ماڻهوءَ ملان کان دير جو سبب پڇيو: “پوءِ ايڏي گيسر چا لاءِ ڪيئي؟”
“سڀ ڪنهن چيو پئي: ڏي! هن چيو: وٺ! تڏهن هن جو هٿ ورتم!” ملان ڪيس سمجهائيندي چيو: “جيڪي وٺڻ سکيا آهن، سي ڏيندا ڪين؟!”
مطلب: حريص، تڪليف ۾ هوندي به حرص کان نه مڙندو آهي.

## ٦٨. ڄٽ، ٻادر سان سڌو هوندو آهي. (سنڌي پهاڪو)

هڪڙو بادشاهه پخاليءَ جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو. ڦلن مٽ تي سڱ گهريائينس، تنهن هوندي به بشتيءَ ترڻ تيل لائڻ نه ڏنس.
حاڪمِ وقت کي اهو جواب ٻڌي ڏاڍو ڌڪ ٿيو. ڌڪ ۾ اونڌي منجي ڪري سمهي پيو. اها خبر سندس هڪ صوبي کي پئي، تنهن ان ميربحر/ پخاليءَ کي گهرائي، ابتو ڪري ڪٽيو ته سڱ ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويو. چي، ”سائين! مان سڱ ڏيڻ لاءِ راضي آهيان!“
صوبي ڪيس، بادشاهه جي دربار ۾ پيش ڪيو. جنهن تي بادشاهه ڪانئس پڇيو: “ اڳي نه پئي ڏنئي، هاڻي ڪيئن راضي ٿيو آهين!“
”سائين ! جيئن هن صوبي سمجهايو آهي، تيئن اوهان ڪونه سمجهايو هو!“ هٿ ٻڌي، حامي ڀرڻ جو سبب ٻڌائيندي چيائينس: ”ڳالهه سمجهه ۾ هاڻي آئي آهي!“
”جيئندا قبلا! پيار سان نه پر .... “ صوبي/صوبيدار هٿ ٻڌي دربار ۾ عرض ڪيو: ”ڄٽ پادر سان سڌو هوندو آهي“.
مطلب: ١- ڪتو ڇا ڄاڻي ڪٽڪ جي مانيءَ مان.
٢- ڇڱائي ڪر ڄٽ سان ، ڄٽ ڦيري هٽئي پٽ سان.

## ٦٩. ڄٽيءَ سُٽُ پسايو، واڻيي وڌس وٽي. ڄٽيءَ ليکي واڻيو ڦريو، واڻيي ليکي ڄٽي. (سنڌي پهاڪو)

آڳاٽي دور ۾ ڪپڙي جا ڪارخانه نه هئا. ڪوري ڪپڙو آڏاڻن تي اُڻندا هئا. پهرين ڪپهه ٽٽائي، سُٽُ ڪتائيندا هئا. بعد ۾ ڦورا ناهي، ڪپڙا اڻندا هئا. ست اڪثر عورتون ڪتينديون هيون جن ۾ اڪثريت مسلمان عورتن جي هئي، جن کي هندو دڪاندار يا واڻيا، ڄٽي ڪوٺيندا هيا.
هڪڙيءَ ڄٽيءَ سُٽُ ڪتيو ۽ واڻيي وٽ ڪپائڻ کان اڳ، پاڻيءَ ۾ پسائي وزن ۾ ڳورو ڪيائين ته

جيئن وڏيڪ بها ملي.
واٽئي وري، وڏي وٽ جي هينئان نهيل سوراخ ۾ ننڍڙي وٽي وڌس ته جيئن تور گهٽ بيهي ته تورن پئسن ۾ ڪٽي وني.
اهو لقاءُ ڏسي هڪڙي سڄاڻ ماڻهوءَ چئي ڏنو: ”جتيءَ ست پسايو، واٽيي وڌس وٽي، جتيءَ ليکي واٽيو قريو، واٽيي ليکي جتي!“
مطلب : دوکي ڏيڻ وارا، ٻئي کي ته دوکو ڏين ٿا، پر پاڻ کي به دوکي ۾ رکن ٿا.

## ٧٠. چاڪر مٿان چوڪيدار نه رکجن. (هندي، چوڻي)

هڪڙي بادشاهه، پنهنجي شاهي هاٿين کي کير پيئارڻ لاءِ هڪڙو نوڪر مقرر ڪيو هيو، جنهن جو ڪم هيو، پاڇين جو آندل کير مٽن ۾ پري رکڻ ۽ وقت تي هاٿين جي پيئڻ وارن ڪونرن ۾ نائڻ.
ڪجهه وقت گذرڻ بعد نوڪر ماحول ۾ راهل ماهل ٿي ويو. دل پڪي ٿي ويس ۽ هاٽي کير ۾ هٿڙي هڻڻ شروع ڪيائين. ٻن مٽن مان هڪ هڪ ساڙهي /چونئري کير جي ڪڍي، اوترو پاڻي ملائي، کير جي ماپ پوري ڪري ڇڏيندو هيو.
پاڻيءَ وارو کير پيئڻ سبب هاٿين جي صحت تي اثر پوڻ لڳو. اها ڳالهه بادشاهه سلامت پاڻ محسوس ڪئي.
بادشاهه سلامت وزيرن، مشيرن سان انهيءَ چوريءَ کي روڪڻ بابت صلاح مشورو ڪيو. مڙني صلاح ڏنس: ”اهو نوڪر ڪڍي، ٻيو رکجي“.
”ائين ٻيو به بي ايماني ڪري سگهي ٿو!“ مشوري ۾ ڪنهن راءِ ڏني.
”پوءِ ڇو نه ان چاڪر مٿان چوڪيدار رکجي!“ مڙني متفق طور منظور ڪيو.
حڪم نامو جاري ٿي ويو. چاڪر مٿان چوڪيدار اچڻ ڪري سختي ٿي. نتيجو به چڱو نڪتو.
هڪ ڏينهن نوڪر، مقرر چوڪيدار کي چيو: ”گنج مان ڇهنب ٻوڙيسين ته درياه کي ڪر ڪانه ايندي، منهنجي ٻچن جي پيٽ تي لت نه ڏي. ڪجهه کير پاڻ ڪڻ، ڪجهه مان ڪٽان!“
انهيءَ صلاح تي ٻئي متفق ٿيا ۽ هاٽي پنجن مٽن مان پنج ساڙهيون غائب ٿيڻ لڳيون. اها شڪايت ٿي. مٽن ٿيون مقر ٿيو. هاٽي پورو مٽ ئي ڇٽ ٿيڻ لڳو. آخر بيزار ٿي، بادشاهه چوڪيدارن کي هٽائي، مشوري ۾ چيو: ”چاڪر مٿان چوڪيدار نه رکجن!“
مطلب: نوڪر مٿان چاڪر، چاڪرن مٿان چوڪر، چوڪر مٿان چي: چل ڪشته زن“

## ٧١. ڇُتِ تي ڇوتا، مدعي رد. (هندي ، چوڻي/پهاڪو)

هڪڙو بادشاهه ڪنهن شڪار پوئتان پوندي پنهنجي لشڪر کان ڇڃي هڪڙي گهاٽي جهنگ ۾ وڃي ڦاٿو. اُڃ- بک به ڏاڍو هلاڪ ڪيس. وسئن ڳولهيندي هڪڙي جهوپڙي نظر آيس. آويلو وقت ڏسي ان ۾ گهڙي پيو. جهوپڙي ۽ ۾ هڪڙو درويش فقير وينو هيو، جيڪو دنيا کي ڇڏي، پالڻهار جي پرارٿنا ڪري رهيو هيو.
”اچ لڳي اٿم! پاڻي ڍڪ پيارينم!“ فقير کان سوال ڪيائين.

”ٻيو ٻه ڪي کپيئي؟!“ پاڻي پيئاري، فقير پڇيس.
”آءٌ بادشاهه آهيان !“ بادشاهه پنهنجي حال کان آگاهه ڪندي عرض ڪيس: ”مون کي سائينءَ سڀ ڪي ڏنو آهي. باقي دعا ڪرينم ته منهنجا مدعي رد ٿين“.
”هن وقت تنهنجي گهوڙي ۽ تنهنجي ٻت تي جيڪو مال آهي، سو ئي لک ٻن جو ٿيندو ۽ تون تن تنها جهنگ ۾ ٻيو ڦرين!“ فقير سمجهائيندي چيس: ” جيڪڏهن ڪو دشمن نه هجئي، سو ٻه لالچ ۾ دشمن تي پوئي. وڏي ملڪيت هوندي، مدعي ته رد نه ٿيندا“.
”نيٺ !“ بادشاهه عرض ڪيو: ”مدعي ڪيئن مات ٿيندا؟!“
”ان جو ٻه حل آهي!“فقير نسخو ٻڌائيندي چيس: “ڇُتِ تي چوٽا، مدعي رد!“
مطلب: ڏکو نه ڏور، چا ڪاهيندو چور؟

## ٧٢.    چڱن پنيان ڇُٺَ ۽ ڇُٺَن پنيان چڱا. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو ملان رهندو هئو، جنهن جو گذر سفر ۽ٻڳ- ڀُرَ تي هيو. ماڻهو مرندو هيو ته جنازي وهنجارڻ، نماز پڙهائڻ ۽ قبر ۾ لاهڻ وقت، قرآن بخشائڻ تي ڪيس چڱو خاصو ملي ويندو هيو.
امير ماڻهوءَ جي مرتئي تي ته تمام ججهو مال ملندو هئس. غريب جي موت تي تمام ٿورو. ڪڏهن ڪڏهن ته پنڌ ٻه پاڻيءَ ۾ هليو ويندو هئس. ان ڪري سدائين سٽيي آساميءَ جي تاڙ ۾ رهندو هيو.
ڳوٺ جو وڏيرو جڏهن قبر ۾ ٽنگون لڙڪائي وينو ته هن ٻه ٻاهر راڄ ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. ڳوٺ جو وڏيرو اڄ سڀان تي هجي ۽ انهيءَ حالت ۾ ڳوٺ ڇڏڻ، معنيٰ نصيب کي پني ڏيڻ.
مهيني کن جي انتظر کان پوءِ ٻه، نه وڏيرو مئو ۽ نه منجو ڇڏيائين ته ملان جا گهر ويني ترائي لڳي ويا. راڄ جا ٻه گهٽا ماڻهو موتايا هئائين . تنهن ڪري نيٺ اندر سڙئي کان لاچار ڏينهن ٻن لاءِ راڄ ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيائين.
راڄ ۾ هڪڙي پاسي، اٺ ڏهه ميل پري نڪري ويو. ڪٿان اَنُ مليس. ڪٿان گيهه، ڪٿان تيل، ڪٿان رلهي ته ڪٿان چا. گهڻي وقت کانپوءِ راڄ ۾ آيو هيو، سو اوڳڙ چڱي ٿيس. ڪيس اٺ ڏهه ڏينهن لڳي ويا، موٽڻ جي ٻه جلدي هئس.
راڄ پيلي جڏهن موٽيو ته ڳوٺ جي ٻاهران ئي، ڳوٺ جو هڪڙو همراهه مليس. نه سلام نه ڪلام ڳڏه تي چڙهئي ئي اُپڪائي پڇيائينس: ”جاڙا خان! ڏي خبر ! وڏيري جي طبيعت ڪيئن آهي!“
”وڏيرو وڃي ربّ کي پرتو!“ جاڙي خان ڪيس تازي احوال کان آگاهه ڪندي ٻڌايو. ”ڪالهه ٽيجهو ٻه تي ويس!“
”هان ! ابول!“ مان جو ته گهر ئي ڊهي پيو. تنهن هوندي ٻه دل جهلي ڪانئس پڇيائين: ”وڏيرو گذاري ويو ۽ مون کي جاڻُ ئي نه ڪيائون!“
”تون هئين ئي ڪونه ته جاڻُ ڪٿان ڪنين!“
”ڏي خبر! نهراڄُ ڪنهن ڪرايس!“
”ملان ڦتوءَ!“
”اڙي ملان ڦتوءَ!“ ٻئي هٿ سٿرن تي هٽندي چيائينس: ”انهيءَ کي ته بضوءَ ڪرڻ جو ٻه ڏانُ نه

ايندو آهي. مون وارا پٽ نہ هئا ڇا؟“
”توهان مان ڪا پهر ئي ڪانہ لڙي!“
”ابول! منهنجا پٽ تہ تيا ئي نہ! انهيءَ ڪي چئبو اٿئي ..... “ ٻئي ڇنبا منهن ۾ هڻندي چيائين:
”ڇڳن پنيان ڇٽ ۽ ڇتن پنيان ڇگا!“
مطلب: وڏين پيڻان سڄا، سڄن پيڻان وڏيا.
٢- ڇڳن جو اولاد ڪري سگهي ٿو ۽ ڪريلن جو سڌري سگهي ٿو.

## ٧٣. چور بہ جهڙو ڪاڪو (ساهتي، پهاڪو)

هڪڙي هندوءَ جي گهر مان چوري ٿي وئي. اتفاق سان سندس ننڍڙي ڇوڪري ان وقت جاڳي پئي ۽ چور کي ڏسي ورتائين. صبح جو گهر ياتي سجاڳ ٿيا تہ ننڍڙيءَ کي بستري تي روئيندو ڏٺائون. ڇوڪري ڊنل هئي، تنهن ڪري ڪيس آٿت ڏنائون تہ جيئن چور جي حليي بابت ٻڌائي سگهي.
شام ٿائين ننڍڙي سرت ۾ آئي تہ ڪانئس چور جي حليي بابت پڇيائون: ”چور ڪيئن هئو؟!“
”چور بہ جهڙو ڪاڪو!“ ڇوڪريءَ ورندي ڏني.
مطلب: ١- چورن کي مٿي تي سڱ ڪين ٿيندا آهن. ماڻهو ماڻهن جهڙا هوندا آهن.
٢- عهدو يا طاقت ملڻ سان ماڻهوءَ کي سڱ نہ لڳي ويندا آهن.

## ٧٤. چور تي ايتري ڇٽي رکجي، جيتري ياڙو برداشت ڪري سگهي. (اردو، پهاڪو)

هڪ شخص پاڙي وارن کي تپائي ڏنو هئو. ڪڏهن ڪنهن جي گهر جي چوري تہ ڪڏهن ڪنهن جي. نيٺ جهلجي پيو، عدالت ۾پهتو تہ جج صاحب، فيصلي جي فتويٰ ڏيڻ کان اڳ ڪانئس پڇيو:
”ڏوهہ تہ ڏاڍا ڪيا اٿئي، هاڻ تون پاڻ ئي انصاف ڪري ٻڌاءِ تہ ڪيتري ڇٽي رکان؟!“
”سائين ! اها خبر تہ اٿو مان بيروزگار آهيان. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪوبہ ذريعو ڪونہ اٿم. هاڻي.....“ چور هٿ ادب جا ٻڌندي چيو: ”ايتري ڇٽي رکو، جيتري پاڙو سهي سگهي“.
مطلب:

- مٿي تي رکيل بار جو وزن، نيٺ پيرن تي آهي.
- ايتري ٻڌو، جو ساڪرو ست سهي سگهي.

## ٧٥. چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک! (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙي ڳوٺ مان هڪڙي پاڳئي جي چوري ٿي وئي، پوليس جي حال جي خبر هئس. تنهن ڪري تڪڙي FIR ڪٽرائڻ کان اڳ، پنهنجي منهن جاچ ڪيائين. بعد ۾ تر جي ڇڳي مڙس وٽ لنگهي ويو.
ڇڳي مڙس ڪيس خاطري ڏني.
ڇڳي مڙس کي بہ خاطري هئي تہ چور ٻاهران ڪونہ آيو هوندو. ڪو تر جو ئي چور هوندو، جنهن

ڏسَ تي چوري ڪئي هوندي.
چڱي مڙس، ڳوٺ/ تر جي سمورن چورن ۽ ڪاٺڪن ڪي تاريخ مقرر ڪري پاڻ وٽ گهرايو. سدورا جڏهن ڪنا تي قطار ۾ بينا ته چڱي مڙس ڪين چوري اوڳاڇڻ لاءِ چيو. جنهن تي ڪنهن به چور همت نه ساري ۽ سمورا پند پهڻ بنيا بينا رهيا.
آخر ۾ چڱي مڙس عرف لٺ- سردار، سجيءَ قطار ۾ بينل همراهن ڪي ڇهپر وٺيندي ڪرڙيءَ اک سان ڏنو ۽ رڙ ڪندي چيائين: "بس! بيو ڪجھ ڪونهي! چور جي خبر پئجي وئي. چور سامهون ڏسڻ ۾ پيو اچي!"
سندس انهن لفظن تي هر ڪنهن ڪن اُپڙا ڪيا. لٺ- سردار متان رڙ ڪري چيو: "چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک آهي!"
قطار ۾ بينلن مان هڪڙي ڪک چنڊڻ خاطر پنهنجي ڏاڙهيءَ ڪي چندڪو ڏئي پاڻ ڪي ظاهر ڪري وڌو.
مطلب:

- چور ڪي اندر ۾ چوري پئي ڪڪندي آهي.
- چور ڪي داڙهي ۾ تنڪا – اردو

## ٧٦. چور چور ٽيندو آ، ٻلو ٻلو ٽيندو آ. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙي گهر ۾ رات جو چور گهڙيو. اونده سبب هٿوراڙيون ڏئي هلڻ لڳو. اڻ ڏٺي ماحول سبب ڪنهن شيءِ تان ٿابڙيو ته ڪڙڪو ٿيو. مالڪ جاڳي پيو ۽ رڙ ڪيائين: "ڪير!"
چور چڙھ هٽي ٻيهي رهيو.
"ڪير!" مالڪ ٻيهر رڙ ڪئي، جنهن تي ٻلي ڇڪي تان هيٺ ٽپو ڏئي مياءُن مياءُن ڪندي هلي وئي.
مالڪ سمجھيو: ڪڙڪو، ڇڪي تي ٻليءَ جي چڙهڻ ڪري ٿيو آهي. اهو گمان ڪري، سنئون نئون ٿي سمهي پيو.
مالڪ ڪونگهرا هڻڻ شروع ڪيا ته چور به اڳتي رڙهڻ شروع ڪيو. ستت ڪنهن ڪٺ ۾ لڳو ته وري ڪڙڪو ٿيو. مالڪ ڪي سنڀال ٿي وئي. وري رڙ ڪيائين: "ڪير!؟"
چور چپ هٽي ٻيهي رهيو.
مالڪ گهٽو ٿي "ڪير ڪير" ڪيو پر ڪا چر پر نه ٿي ته پڪ ٿيس. ڪا ڳُڙ ٻڙ آهي. ٻلي هجي مياءُ ڪري، ڪتو هجي ڀونڪ ڪري، پڪ ماڻهو آهي، جيڪو چڙھ هٽي بينو آهي.
"ڪير! " هيانءَ ڦاڙ رڙ ڪيائين.
چور دل ۾ چيو، "متان رڙيون ڪري، آکهه جاڳائي! ڪيس ٻلي وانگر مطمئن ڪجي ته چڱو!"
اهو خيال پچائي پهرين ڳلو ناهيائين ۽ پوءِ ڪيائين: "مياءُ!"
ٻلي ۽ ماڻهوءَ جي مياءُ جو فرق صحيح ڪندي مالڪ لٺ ڪٽي اٿيو: "ڪير!"
"ٻي ٻلي"؛ چور رڙ ڪئي.
گهر- ڌڻيءَ لٺ وراڻيندي چيس: "چور چور ٽيندو آ، ٻلو ٻلو ٽيندو آهي".

مطلب: ڏوهي ڪيترو به پاڻ لڪائي پر نيت ظاهر ٿئي.
٢- ڏوهه لڪي نه سگهندو آهي.

## ٧٧. چورن سان چاهُ پئي، جي من ميڙ ڪيئي. پوندو ته ڪاٺِ، نه ته ڪونائبو ته سهي. (ساهتي، چوڻي)

هڪڙو چور چرندڙ وڳ مان ڏاند چورايون، گس ڏنيو پئي ويو جو ڪيس هڪڙو ابوجهه ڳوناڻو مليو. ڏاند ڪهرائڻ جي مدد لاءِ ڪيس چيائين.
”ادا! ڏاند ٿاهڙ آهي، اڄ ئي ورتو اٿر! جيڪڏهن ڪهرائي هلڻ جي مدد ڪرين ته تنهنجي مهرباني ٿيندي!“
غريب واٽهڙو، ڪيس مسافر سمجهي واهروءَ طور ڏاند ڪهرائي هليو. اڃا ڳتي هليا ئي مس جو ڏاند جا مالڪ به پيرو ڪنيو اچي پُڳن. سڀ سوڌو ڪين جهليائون.
”مان بي ڏوهي هان! نيڪيءَ ڪندي ڦاٿو آهيان!ڳوناٽي رڙيون ڪندي چيو: “ مونکي ڇڏيو، اصل ڏوهي اهو آهي. ان کي پڪڙيو“.
“سڀ سوڌو سوگهو ٿيو آهين! توکي ڪيئن ڇڏبو؟! ڏوهيءَ جي مدد ڪرڻ به ڏوهه آهي! جيڪڏهن بي ڏوهي آهين ته به ڪهڙي پڪ آهي؟”پيريءَ واٽ تان پيرو لڳڻ سبب شڪ طور ڪيس چيو:
”چورن سان چاهه پئي، جي من ميڙ ڪيئي.
پوندو ته ڪاٺ، نه ته ڪونائبو ته سهي“.
مطلب: ١- جهڙي صحبت، تهڙو اثر.
٢- صالحن جي صحبت توکي صالح ڪندي،
طالحن جي صحبت توکي طالح ڪندي.
٣- چڱن سان چاهُ پئي، جي مَنَ ميڙُ ڪيئي.
رڱجي ته لال ٿيندو، نه ته ڪڪوربو ته سهي.

## ٧٨. ڇا رب، ڇا بسم الله. (ٿر، پهاڪو)

ناري پٽ جو هڪڙو همراهه ٿر ۾ ڪن واسطيدارن وٽ وڃي مهمان ٿيو. ميزبان به ٿي ڏينهن خوشامد ڪيس. پوءِ ٿر جي عام دستور موجب ڪيس ربِ ڏيڻ لڳا، جيڪا مجبوراً ڪاٽي پئي پيس.
”ڇا رب ڇا بسم الله” ڏيهاڙي جي رب مان ڪڪ ٿيل مڙس، خار وچان چيو.
مطلب: ١_ڇا دال، ڇا بسم الله .
٢.ڇا ڇِتو پَتُ، ڇا بسم الله.
٣ڇا پدي، ڇا پديءَ جو شوربو.
٤.خسيس / معمولي شيءِ لاءِ ڪهڙو پريشان ٿجي؟
پيٽيو:ڇا ڪول، ڇا ڪول جو وزن؟

## ٧٩. چا کول ، چا کول جو وزن؟ (اردو، پهاڪو)

هڪ درياه مٿان ڪاٺ جي پل ٻڌل هئي، جنهن تان هڪ دفعي هڪَ کول ۽ هڪُ هاٿي، گڏ لنگهي رهيا هئا. لنگهڻ وقت کول هاٿيءَ کي چتايو: ”مٿان تنهنجي وزن تي پل وجي ڦهڪو ڪري.”
جڏهن ٻئي پل پار ڪري ويا ته ٻيءَ پهچي، کول ٽڏو ساه ڪنيو ۽ چوڻ لڳي: ”خداجو شڪر آهي جو اسان ٻنهي جي وزن سان هيءَ پل نه ٽٽي!”
”چا کول ، چا کول جو وزن!“؛ هاٿيءَ ٺهڪ ڏيندي چيو.
مطلب : ١ چا پدي، چا پديءَ جو ٻوڙ.
٢ چا ڪوري، چا ترارپون.
٣ چا راجو، چا راج.

## ٨٠. حرام جيڪي ڪائيندا، بک ۾ سيئي اونائيندا. (ساهتي، چوڻي)

هڪڙو چور ڪنهن ڳوٺ مان ڪاٺ هٽي، سوئا مينهن ڦرَ سميت ڪڍي آيو. گهر ۾ ڪيرائت مينهن آئي ته جوٽس ڏاڍي خوش ٿي. شام جو چونئري ڪير جي ڏهي، ٻارن کي پيئارڻ لاءِ سڏيا ئين ته مڙسهنس جهليس: ”چوريءَ جي مينهن جو ڪير ٻچن کي نه پيار!”
”پوءِ هيترو ڪير پٽارو، ڪاڏي زيان ڪيان!”
”ڪتيءَ جي ڳلرن کي پيار!” گهر ۾ موجود، تازي ويايل ڪتيءَ جي ڳلرن ڏانهن اشارو ڪندي چيائين. ڏاڍو ڪُرڪڻ ڪُسڪڻ بعد، مائيءَ ڪتيءَ جي ٻچن کي ڪير پياريو.
ڏينهن ٻن ڪانپوءِ پاڳيا به پيرا ڪٽي اچي پهتا ۽ زورن تي مينهن ڦرَ سميت ڪاهرائي ويا.
شام جو جڏهن ڪتيءَ جي ڳلرن کي ڪير نه مليو ته اونائڻ لڳا.
”اهو ڪير اسان جا ٻچا پيئن ها ته اڄ اهي به ائين اونائين ها!“؛ ڳلرن جي حالت ڏسي، مڙس زال کي چيو: ”حرام جيڪي ڪائيندا، بک ۾ سي ئي اونائيندا“.
مطلب: حرام کائڻ وارو آخر جنجال ۾ پوي ٿو.

## ٨١. خدا تعاليٰ چير ڦاڙي ڏئي ٿو. (هندي،چوئي )

هڪڙو بادشاهه جهنگ ۾ لشڪر کان وڇڙي ويو ۽ وڃي هڪڙي جهوپڙيءَ ۾ پهتو. اڄ بک ڏاڍي لڳي هيس. جهوپڙيءَ جي مالڪ هاريءَ کيس پاٽي ماني ڏنو. بالنگهه تيس. موڪلائڻ وقت کيس ٻڌايائين: ”مان بادشاهه آهيان....اڙيءَ اُڏيءَ ۾ ضرورت پوئي ته مون وٽ بي ڌڙڪ هليو اچجانءِ.”
ٻئي سال قحط پيو. جهنگ ۾ رهندڙ انهيءَ هاريءَ وٽان به اَنُ ڪپي ويو. کيس بادشاهه واري ڳالهه ياد آئي ۽ دربار ۾ اچي پهتو. بادشاهه ان وقت جمعي جي نماز پڙهڻ ويو هو، اهو ٻڌي هيءُ به نماز پڙهڻ ويو. نماز بعد ڏٺائين ته بادشاهه پاڻ به هٿ کڻي خدا کان پني رهيو هو. يڪدم خيالُ مٽيس. دل ۾ چيائين: ”جنهن کان بادشاهه پيو گهري مان به سڌو سنئون ان کان چونه گهران.“
دعا گهري ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيو.
رستي ۾ ٿڪجي هڪڙي وڻ هينان ستو ته خواب ۾ نياءُ تيس: ”وڻ هينان ديگ دنيا جي پوريل

آهي ! کوڙي ڪڻ ! ”
سڄاڳ ٿي وڻ هينان کوٽيائين تہ ناڻي سان ڀريل ديڳ هٿ آيس. چانديءَ جي سڪن ۾ ڏاڍو وزن هو، ڪٽڻ واري ڳالهہ منجهائي وڌس.
منجهيو وينوهو تہ چار چور اچي لانگهائو ٿيا. ناٿو ڏسي ٻئهو رهيا. لالچ ۾ اچي ڪيس ٻہ چار چنبا هٽي ڀڄائي ڪڍيائون. پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ ديگ جو ڍڪ کوليائون تہ اندران نانگ ۽ وڇون نڪرڻ لڳا. يڪدم ڍڪ بند ڪيائون ۽ چوڻ لڳا: ”اهو همراهہ جادوگر هو! جادوءَ جي زور تي ناڻي کي نانگ بلائون ڪري ويو آهي جو نہ ساڻس جوڳي جٽ ڪجي! ”
چارئي ڄڻا کلهن تي ديگ کڻي سندس ڀيرو ونيون هليا . هاريءَ جي جهوپڙيءَ مٿان ديگ سميت چڙهي ويا. ڇت کي سوراخ ڪري ديگ ئي کڻي ناياڻون.
”بيشڪ!“ هينان ستل هاريءَ، ڇت مان ٽِمندڙ ناڻو ڏسي چيو: ”خدا تعاليٰ چير ڦاڙي ڏئي ٿو“.
مطلب: خدا تعالي نوازڻ لاءِ وسيلي جو محتاج ناهي.

## ٨٢. خيراتون اهي ڪن، جيڪي ڪڄين تي چڙهن! (سرو، پهاڪو)

هڪڙو همراهہ ڪڄين جي باغ ۾ ويو. اتي هڪ ڊگهي ڪڄيءَ ۾ گهڻا ۽ سنا ڏوڪا نظر آيس. نہ ڪيائين هم نہ تم، ديڪدم مٿي چڙهي ويو. هڪڙو سنو ڇڳو جاچي منجهانئس سنا سنا ڏوڪا چونڊي ڪائي ڍئو ڪيائين.
چڙهڻ وقت پيٽ خالي هئس ۽ جسم هلڪو هئس. تنهن ڪري نوريئڙي وانگر مٿي چڙهي ويو. جڏهن ڏوڪا ڪائي پيٽ ڀريائين تہ پاڻ کي ڳورو ٻہ محسوس ڪيائين ۽ هوش ٻہ آيس تہ ويهہ پنجويهہ هٿ مٿي سنهيءَ ڪانيءَ تي چڙهيو بينو آهيان. لهڻ جي ڪيائين تہ ڊڄي ويو. لهي نہ پئي سگهيو. اتي يدڪم الله ياد پيس ۽ ونيِ سڏ ڪيائين: "الله سائين! ڪڄيءَ تان سلامت لهان تہ تنهنجي نالي تي ڍڳي ڪهندس!“
ٽئين حصي پنڌ تي پهتو تہ چوڻ لڳو: ”هتان خير سلامتيءَ سان هيٺ لٿس تہ ڪڪڙ ڪهي، خير ۾ ڏيندس!“.
جڏهن اٺين حصي تي پهتو تہ کڻي ڪيڙهيءَ ۾ ٽپ ڏنائين ۽ گوڏن ڀر وڃي ڪريو. چوڻ لڳو: ”خيراتون اهي ڪن، جيڪي ڪڄيءَ تي چڙهن!“ ڪپڙا ڇنڊيندي ۽ ڪڄيءَ ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳو: ”مان نہ چڙهان نہ خيرات ڪيان“.
مطلب: دل جي تمنا پوري ٿيڻ بعد، الله وسريو وڃي.
٢- من اندر جا لوچ، سا ملڻ سان ماني ٿئي.

## ٨٣. دانگي ٽپي ڇهہ مهينا تہ ضدي مهمان ڪپي ٻارنهن مهينا. (سرو، پهاڪو)

هڪڙو مهمان هڪڙي مائٽ جي گهر اچي ٽڪيو تہ وڃڻ جي وائي ئي نہ پئي واريائين. روز چوي: ”اڄ ٿو وڃان!“
صبح جو ڪائي پي، موڪلائي نڪري، وري شام جو ڪن ڪڍيو بينو هجي، چي: “ گاڏي نڪري وئي!“

هڪ ڏينهن گهر ڌياڻيءَ علي الفجر جو اٿاري چيس: ”اڄ سوير وڃ ته گاڏي ملئي!“
”مانيءَ- پورُ پيٽ ۾ وجهي نڪران ته چڱو!“ آرس پچندي مهمان چيو: ”وڏو پنڌ لتاڙڻو آهي!“
مائي خار ۾ ماني پچائڻ لاءِ چلهه تي اچي ويني ۽ چلهه کي چوڻ لڳي: ”تپ ڙي دانگي ڇهه مهينا“.
”ڪپ ڙي مهمان ٻارنهن مهينا.“ مهمان ٻه، ترڪي ٻه ترڪي جواب ڏيندي چيس.
مطلب:- ١- جيڪڏهن تون ٿورو سست آهين ته مان ٻيڻو آهيان.
٢- هڪ ڏينهن مهمان! ٻئي ڏينهن بلائي جان.
٣- پهرئين ڏينهن مهمان کي مکڻ، ٻئي ڏينهن مهي.
ٽئين ڏينهن ڏجيس، ٻجو منهن ۾ گهِي.
٤- مهمان ۽ مڇي، ٽئين ڏينهن کان پوءِ ڌپ ڪرڻ لڳن ٿا. (رشين)

## ٨٤.   دعا ٻه لڇڻ واري کي لڳندي آهي. (سرو، چوڻي)

هڪڙي مولوي صاحب جا دعائون ۽ تعويذ، گهڻن ماڻهن کي لڳندا هئا.
هڪ دفعي هڪڙي ميري گدلي/چيگري مائي ٻه وٿس تعويذ لکرائڻ لاءِ آئي ۽ چوڻ لڳس: ”مولبي صاحب! مرس نه تو نهي! ڪتاب پٽي ڪو تاويز (تعويذ) لکي ڏي ته مڙس نهي هليم“.
مولوي صاحب ٻه تعويذ لکي ڏنس.
”هڪڙو پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌجانءِ ۽ ٻيو پاڻيءَ ۾ پُسائي، مڙس کي پيارجانءِ!“ استعمال جو طريقو ٻڌائيندي چيائينس: ”پاڻ کي ٻه صاف سٿرو رکجانءِ!“
انين ڏينهن ساڳي مائي وري موٽي آئي ۽ تعويذن بابت شڪايت ڪندي مولوي صاحب کي چوڻ لڳي: ”مولبي صاحب! تاويزن ته اثر ئي نه ڪيو“.
”مائي! جيستائين تو وارو اڻ ڌوتل منهن ۽ ميرا لٽا نه مٽبا، تيستائين منهنجا تعويذ اثر نه ڪندا.“
مائيءَ جي جسم مان اٿندڙ ڌپ کان نڪ تي هٿ رکندي، مولوي صاحب چيو: ”دعا ٻه لڇڻ واري کي لڳندي آهي!“
مطلب:١- اڻ سڌي رستي تي هلڻ کان، سڌي رستي تي هلڻ چڱو آهي.
٢- دعا سڀڪي کان، لڇڻ ۾ اثر وڌيڪ آهي.

## ٨٥.   دنيا ۾ دوڏ کان دوڏ، پاڻي ڪا پاڻي آهي. (هندي ، پهاڪو/چوڻي)

هڪڙو کير وارو کير ۾ ملاوت ڪندو هيو. کير ۾ اَڌ تي اَڌ، پاڻي گڏيندو هيو. هڪ ڏينهن کير کپائي، ٽيتين ڪان مهيني جي اوڳاڙي ڪري ڳوٺ پئي موٽيو ته واٽ تي ٻيڙيءَ نه هئڻ سبب پتڻ تي انتظار ڪرڻو پيس.
هڪڙي وڻ هينان ٻين کير وارن سيئن انتظار ۾ ويهي رهيو. جهٽ پلڪ ڪانه گذري جو انهيءَ وڻ تي وينل ٻاندر ٽپو ڏئي، پئسن واري ڳوٿري ڦري مٿي ڪٽي ويو. هن گهٽي ئي لنيون اپيون ڪيون پر ٻاندر هڪ ٻه نه ٻڌس. آرام سان مٿي وڻ تي چڙهئي پئسن واري ڳوٿري کولي هڪ هڪ نوٽ ڪري اڇلڻ لڳو. نوٽ اهڙيءَ طرح اڇلايائين جو هڪڙو نهر ۾ ته، ٻيو کير واري ڏانهن پئي ڪريو. انهيءَ تي کير وارو رڙيون ڪندو رهيو. جڏهن اها ٻندر ٻانٽ پوري ٿي ته ٻين کير

وارن صبر ڪرڻ لاءِ چيس: ”ڪير ۾ پاٽي نہ وجهين ها تہ اڄ اهي ڏينهن نہ ڏسين ها!“ هڪڙي ڪير واري نصيحت ڪندي چيس: ”دنيا ۾ دوڌ ڪا دوڌ ، پاني ڪا پاني آهي!“

مطلب:١- حرام جي رستي سان آيل مال، حرام جي رستي ۾ وڃي ٿو.

٢- پئسو جهڙي تاوَ سان اچي ٿو، تهڙي ئي تاوَ سان هليو وڃي ٿو.

٣- ملاوت ۽ ڪُساد بازاري ڪرڻ واري ڪي ٿوڪ طور ائين چيو ويندو آهي.

## ٨٦. دولت ٺُهن ڪان ماس وڇوڙي. (هندي، پهاڪو/چوٽي)

هڪڙي همراه پنهنجي سنگتيءَ ڪان چڱي خاصي رقم اڌاري گهري. اڳلو ڏئي نہ سهگيو. نتيجي ۾ ٻئي هڪ ٻئي کي منهن ڏيکارڻ ڪان هليا ويا.

ڳپل وقت ڪان پوءِ راه ويندي هڪ ٻئي سان مليا.

”واه يار واه!“ قرض گهرندڙ ميار ڏيندي چيس: ”چا چار ڪوڏيون قرض جون گهرين آهن، چا منهن ڏيکارڻ ڪان بہ هليو ويو آهين. لاشريڪ ڪان گهرجي ها، سو بہ ائين نہ ڪري ها. تو مان اها اميد نہ هئي.“

”تو مان بہ اها اميد نہ هئي!“ سنگتيءَ ڏوراپو ڏيندي چيس: ”چئن ڪوڏين جي نہ ملڻ ڪري سالن جي سنگت ئي ڇڏي وئين!“

”ها ادا ها! هاٽي ڏوهي بہ وري اسان ٿياسون! توڏي ڏوهہ ئي ڪونهي!؟“ جرح ڪندي چيائينس: ”دولت ٺُهن ڪان ماس وڇوڙي.“

مطلب:دنيا ۾دولت ۽ ملڪيت سبب ئي وڇوڙا ٿيا آهن.

٢- زر، زمين ۽ زن ، جهيڙي جوين.

## ٨٧. ديڳڙا ويامندا تہ مرندا بہ. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙي همراه پاڙي واري ڪان هڪ ڏينهن لاءِ ديڳڙو گهريو: ”ادا! اڄ مهمان آيا آهن، ٻوڙ رڌڻ لاءِ ديڳڙو کپي!“

پاڙي واري جو اڳي آزمايل نہ هئو، تنهن ڪري ڏڄندي ڏڄندي جست جو اڌوراٽو ديڳڙو آڻي ڏنائينس ۽ پارت ڪندي چيائينس: ”ادا! ديڳڙي موٽائڻ جي پارت هجئي. اسان وٽ اَڙيءَ اُڏِيءَ اهوئي هڪڙو ديڳڙو آهي. جيئن ئي اُڪلائي واندو ڪرين تہ موٽائڻ جي ستت مهرباني ڪجانءِ!“

”ادا ! تون گهبراءِ نہ! پاڙي جا آهيون، ائين توروئي ٿيندو!“

ٻئي ڏينهن ديڳڙو واپس ڪرڻ آيو تہ منجهس جست جي ننڍري ديڳڙي بہ وجهيو ڪنيو آيو. ننڍڙي ديڳڙي ڏسي مالڪ چيس: ”ادا هيءَ ننڍڙي ديڳڙي تہ مون توکي ڪانہ ڏني هئي!“

”ها ادا! تو تہ واقعي نہ ڏني هئي پر رات تو وارو ديڳڙو اسان وٽ ويامي پيو ۽ اها ديڳڙي ڄڻي وڌائين. پرائي شيءِ اسان ڪاڏي ڪندا سين، هونئن بہ ٻچو ماءُ ڪانسواءِ رهي نہ سگهندو. تنهن ڪري پنهنجي امانت سنڀالي ونو!“

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري اچي سوال ڪيائينس: ” ادا! اڄ وري مهمان اچي ڪڙڪيا آهن! ديڳڙو کپي! معاف بہ ڪجو! اوهان کي سدائين تڪليف بہ ڏيندا آهيون!“

”نہ سائين تڪليف جي ڪهڙي ڳالھ آهي!“ پاڙي واري مروت ڏسندي چيس: ”ڪوڙ ديڳڙا! گهڻا ڪپن چا؟“
”وڏا هجن تہ ہ ڪافي آهن. ننڍا هجن تہ پوءِ چار پنج ڪافي ٿيندا!“ مٿان لانگ رکندي چيائين؛ ”جيڪڏهن تڪليف سمجهو تہ پوءِ ضرورت ناهي!“
” نہ سائين! پاڙي ۾ چا جي تڪليف آهي. هڪ ٻئي ۾ پاڙي پتيءَ جي ڪري ڪم ڪاريون پيا پوندا آهن. اڄ توهان جو سياڻي اسان جو ڪم پئجي سگهي ٿو. توهان اتي ئي ترسو! مان بيٺي پير تو موٽان!“
تڪڙو گهر ويو ۽ چار پنج ناهوڪا ٽامي جا ديڳڙا کڻي آڻي ڏنائينس.
ٻن ٽن ڏينهن گذرڻ کانپوءِ، نہ ديڳڙا ۽ نہ ٻچا مليا تہ مالڪ کي اڻ تڻ ٿي پئي. پاڙي واري وٽ لنگهي ويو ۽ پڇيائينس. ”ادا ديڳڙا نہ موٽيا! دل ۾ چيم تہ اوهان کي يادگيري ڏياريان!“
”ها ! ادا بلڪل ياد آهن. مان پاڻ آيس پئي اوهان کي ٻڌائڻ! اوهان اجايو تڪليف ڪئي، در اصل چاهي جو!“ .... ٻوٽ پيلو ڪندي چيائينس: ”اوهان وارا سمورا ديڳڙا، اڳين رات مري ويا! مون کين ٿڏي تي ئي دفنائي ڇڏيو!“
”ادا ڪهڙيون چرين واريون ڳالهيون پيو ڪرين!“ ديڳڙن جي مالڪ حيران ٿيندي چيس. ”ديڳڙا بہ مرندا آهن چا؟!“
”ادا! تون بہ ڪو سادو ٿو ڏسجين!“ مالڪ تي ڏاڙ ڪندي چوڻ لڳو: ”ديڳڙا ويامندا تہ مرندا بہ“.
مطلب: ١- بي اصولي فائدي وقت نظر نہ ايندي آهي، نقصان وقت نظر ايندي آهي.
٢- جتي لوپي هجن، اتي نوڳي بک نہ مرن.
٣- لوپيءَ سندي راڄ، ۾ نوڳي مري نہ بک.

## ٨٨. ڏٽي تعالي هر هنڌ موجود آهي (هندي، چوڻي)

هڪڙا بہ سنگتي هڪڙي ڪامل درويش وٽ هدايت وٺڻ لاءِ ويا. درويش ٻنهي کي هڪ پکي ڏنو ۽ تاڪيد ڪندي چيائين: ”پکي اتي کهي اچو، جتي اوهان کي ڪير بہ نہ ڏسي!“
شام ڌاري هڪڙو سنگتي پکي کهي آيو ۽ ٻيو جيئرو موٽائي آيو.
“مون پکي اتي کنو آهي، جتي پکي پکڻ بہ ڪين هيو.” کهي اچڻ واري پنهنجي صفائيءَ ۾ چيو.
”تون چو نہ کهي آئين؟“ نہ کهي اچڻ واري کان درويش پڇيو.
”مان جتي بہ ويس پئي، اتي ٻيو ڪير نہ هو تہ ڏٽي سڳورو ضرور موجود هئو. جنهنڪري مون پکي ڪونہ کنو! ” وضاحت ڪندي چيائين: ”ڏٽي تعاليٰ هر هنڌ موجود آهي“.
مطلب: خدا تعالي ئي هر وقت، هر هنڌ، حاضر ۽ ناظر آهي.

## ٨٩. ڌوٻيءَ جي گهران وڃي چوو، ڪپڙو ڦاٽي مالڪ جو. (سنڌ، پهاڪو)

سنگت جي ريس ۾ هڪڙي غريب بہ پنهنجا ڪپڙا ڌوٻيءَ کي ڌوئڻ لاءِ ڏنا . ٻئي ڏينهن ڌوٻي گهاٽ وٽان اچي لنگهيو، جتي ڌوٻيءَ پٿرن مٿان بيدرديءَ سان ڪپڙا پئي سٽيا. جنهن ڪري

ڪيترائي ڪپڙا ڦاٽا پئي. ايتري ۾ سندس ڪپڙن جو بہ وارو آيو. ٻن ٽن سٽڪن سان اهي بہ هلي پيا. ڪپڙن سان اهو لقاءُ ڏسي ڏک ٿيس.

”گھوڙا!“ رڙيون ڪري چوڻ لڳو: ”منھنجا ڪپڙا ڦاڙي ويا! مون سان ظلم ٿي ويو“.

سندس رڙين تي ماڻھو اچي مڙيا، جن ڌوٻيءَ کان ڪپڙا ونڃي ڏنس، اجا بہ رڙيون پئي ڪيائين تہ هڪڙي همراه آٿت ڏيندي چيس: ” ڌوٻيءَ سان بہ ناحق ٿيو آهي! ڪيس ڏوراٽي تہ ملي ئي نہ!“

”ڏوراٽي نہ ملڻ جي ڪري ڌوٻيءَ کي ڪھڙو نقصان ٿيو آهي؟ ” ٽڪو پوندي چوڻ لڳو ”ڌوٻيءَ جي گھران وڃي چووو، ڪپڙو ڦاٽي مالڪ جو!“

مطلب: ١۴- ڌوٻي ڌوئي، مالڪ روئي.

٢- هنڌ اهو سڙي، جت باه ٻري.

٣- ڪاٽ پرائي ماه ۾، ڪپھ ڪان بہ ڪنئرو.

۴- مامي جي گھر مهمان ، منھنجي دل کي نہ لهر نہ لوڏو.

۵- ٻئي جي زيان جو احساس گھٽ ٿيندو آهي.

## ٩٠. ڏاند تہ ڪاهي ويو جمعو، اسان ائين بہ نہ چئون. (پھاڪو)

هڪ ڳوٺ مان هڪڙي ياڳيي جو ڏاند چوري ٿي ويو. ياڳيو، واهر سميت چورن ۽ ڏاند جا پيرا کڻي اچي، هڪ ڳوٺ ۾ پهتو. ان ڳوٺ جي هڪ همراه چور کي ڏٺو هيو ۽ سڃاڻندو بہ هيس. اتفاق سان پيراڊن پڇيو بہ اچي ڪائنس: ”ٻڌاءِ تو اسان جو ڏاند تہ نہ ڏٺو؟“ همراه منجهي پيو. دل ۾ چيايين: چور جو نالو وٺندس تہ ٻئي ڏينهن منهنجي گھر کي ڪاٺ لڳندو. حق سچ کي لڪائيندس تہ ڏٽيءَ وٽ ڏوهي ٿيندس. بهتر آهي تہ وچ وارو رستو اختيار ڪندي، پاڻ بہ بچايان ۽ ياڳين کي بہ چور جو ڏس پتو ڏئي وڃان تہ جيئين کين پنهنجي شيءِ ملي وڃي. وچون رستو اختيار ڪندي چيائين: ”ڏاند تہ ڪاهي ويو جمعو، اسان ائين بہ نہ چئون.“

مطلب: ١- پاڻ بہ بچائي وڃڻ ۽ واهرن کي بہ چور جو پتو ڏئي وڃڻ.

## ٩١. ڏوهاريءَ جي من ۾ سڀ ڪو سندس ڳالا ٿو ڪري. (ساٿي، پھاڪو)

هڪڙي چوڪرات واٽئي، پاڙي واري جو چيلو چوري ڪري جهنگ ۾ وڃي ٺمايو. سمجهيائين تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ اها ڳالھ ماڻهن کان وسري ويندي. پوءِ وڃي پڙيءَ تي ڪپائيندس. پهرينءَ باھ ۾ پڙيءَ تي پهچائڻ سان جهلجڻ جو خطرو هئو ۽ بها بہ گھٽ ملي ها.

هاڻي ڪنهن بہ اوطاق، دڪان يا ماڻهن واري جاءِ تي اچڻ کان پهريائين ڪَنُ لائي ٻيهي، تسلي ڪري پوءِ ڪچهريءَ ۾ايندو هيو. يا اتان اٿي ايندڙ کان موضوع بابت پڇي پڪ ڪري پوءِ ويندو هيو.

”ڪهڙي ڳالھ پئي هلي!“ جيڪو ڪنهن ڪچهريءَ مان اٿي اچي، ان کان پڇي.

”زماني جي ڳالھ پئي هلي!“ ڪچهريءَ مان اٿي ايندڙ چويس.

”ٻي ڪھڙي ڳالھ پئي هلي؟“ تجسس مان پڇيس.

ائين گھڻيون ڳالهيون پڇڻ جي باوجود تسلي نہ ٿئيس تہ نيٺ پڇي ويهي: ”چيلي واري ڳالھ تہ نہ

پئي هلي؟“
”ڪهڙي چيلي واري؟“ ڪچهريءَ مان اٿي ايندڙ پڇيس.
ائين جنهن کي نه خبر، تنهن کي به خبر پئجي وئي.
هڪڙي همراه ڳتڙ کان جهلي پڇيس: ”اهو چيلو تو ته چوري نه ڪيو آهي؟“
”توکي ڪيئن خبر پئي؟“
”تون جو هر ڪنهن کان پيو تو تهين ۽ چيلي جي ڳالهه پڇين! هونئن به ....“همراهه وضاحت ڪندي چيس. “ڏوهاريءَ جي من ۾، سپ ڪو سندس ڳالا تو ڪري“.
مطلب: چور کي پنهنجو اندر کائيندو رهي ٿو.

## ٩٢. ڏوهٽا وڏندي جا ويري آهن. (ساهتي، چوڻي)

هڪڙو ڪراڙو، اکين کان وڏو هئو، هڪ ڏينهن پوٽي ۽ ڏوهٽي کي گهمائڻ لاءِ نڪتو. هڪڙي ڪلهي تي پوٽي کي ته ٻئي تي ڏوهٽي کي ويهاريائين. رستو ڏيو پئي ويو ته ڪيس هڪ هنڌ شڪ پيو ته اڳيان کڏ يا کاهي آهي.
”ابا!“ ڪلهي تي وينلن کان پڇيائين: ”اڳيان کڏ ته ناهي!“
”نه نانا! نه!“ ڏوهٽي ورندي ڏنس: ”سڌو هليو هل! رستو صاف آهي. کڏ ٻڏ ناهي!“
”نه ڏاڏا! کڏ ٿئي!“ پوٽي يڪدم رڙ ڪندي چيس: “سڌو نه هلجانءِ، پاسي کان هلجانءِ!“
پوڙهو منجهي بيهي رهيو. انهيءَ ٻڏتر ۾ منجهيو بينو هئو جو پر مان لنگهندڙ هڪڙي واٽهڙوءَ چيس: ”ڪراڙا! اڳيان کڏ اٿئي، خيال سان! وڃجانءِ!“
”ابا سچ ٿو چوين!“ ڪراڙي واٽهڙوءَ کي چيو: “ڏوهٽا وڏندي جا ويري آهن.“
مطلب: ١- ڏوهٽاڻ، ناني کان وڌيڪ، ڏاڏي سان سچو ٿيندو.
٢- ڏوهٽاڻ پيٽاڻ، وڏندي جا ويري.
٣- ڪائي پي ڏوهٽا، سڏائيندا ڏاڏي پوٽا.

## ٩٣. ربُ ريجهائڻ سولو، رنان ريجهائڻ ڏکيو. (سرو، چوڻي)

هڪڙي بزرگ کي پهرينءَ زال مان اولاد ڪونه هيو. جواني به لڙندي پئي ويس. تو مان صلاح ڏنس: “جيڪڏهن انهيءَ گهرواريءَ جي نصيب ۾ اولاد ناهي ته اوهان ڪٽي ٻي شادي ڪيو. ٿي سگهي ٿو، اوهان جي نصيب ۾ اولاد هجي!“
بزرگ ٻي شادي ڪرڻ جو اظهار فرمايو ته ڪيس نئين ننڍي ڪنوار ملي وئي. وڏيءَ گهرواريءَ کي جاءِ جي هينئين طبقي ۾ ته ننڍيءَ کي مٿئين طبقي ۾ رهائڻ لڳو. انصاف ته گهٽيئي ڪندو هيو پر دل جو ڪانيو نئينءَ ڏانهن سرس هئس. اها ڳالهه پهرينءَ زال کي نه وڻندي هئي.
فجر نماز لاءِ ننڍيءَ زال وٽان لهندو هيو ته وڏي تهجد پڙهي، ڏاڪڻ وٽ قرآن شريف جو دور پئي ڪندي هئي. ڏسڻ شرط هٿ وٺي قرآن تي رکائيندي چوندي هيس: “هيءُ اکر ته ٻڌاءِ!“
بجاءِ ناراض ٿيڻ جي بزرگ به قرآن تي آڱر رکي ڪيس اکر ٻڌائي، پوءِ روانو ٿيندو هيو.
اها ڳالهه تو مان جي وات به وڃي پهتي. هڪ ڏينهن بزرگ کان پڇيائون: “سائين! صبح جو اٿڻ

مهل، ماڻهوءَ جي حالت پليديءَ واري هوندي آهي. ان حالت ۾ اوهان قرآن تي آڱر رکي اکر ٽا پڙهايو! اهو ڏوهه جو ڪم ناهي؟!“
”ابا! واقعي الله جو ڏوهه ٿا ڪيون! الله جلّ جلاله پوءِ به غفور رحيم آهي!“ ٺٺو شوڪارو پري چيائين: ”الله راضي ڪرڻ سولو، رنان راضي ڪرڻ ڏکيون.“
مطلبَ ١- خدا تعالي کي ريجهائڻ تمام آسان آهي.
٢- عورت تمام ضدي آهي، ان جي دل رکڻ ضروري آهي.

## ٩٤. رن چشکي هري، رکي آرتوار. (هندي ، پهاڪو)

هڪڙي زال گهر ۾ ڪنهن ڳالهه تان مِٺون ڦوڪي ويهي رهي. شام ٿائين، نه ڪجهه کاڌائين نه ڪجهه پيتائين. مڙسهنس گهر ۾ آيو ته به ڍول سجايو ويني رهي. گهرڻ تي ماني ته مڙس کي ڏنائين پر پاڻ نه کاڌائين. دل رکڻ خاطر مڙس پڇيس: ”پلا! تون ماني نه کائيندينءَ!“
”نه!“ رکائيءَ مان جواب ڏنائينس.
”ڇو؟ خير ته آهي؟“
”مون آرت وار رکيو آهي.“ يڪدم جواب ناهي ٻڌايائينس.
هندن جو آرت وار /ورت/روزو به ڏکهو ٿيندو آهي. جيستائين ورت کلڻ جو وقت ٿئي، تيستائين بک پاهه ڪري وڌس. شام ٿائين اکيون ئي ڏار ڏئي ويس. مڙسهنس کي مٿس جهبو اچي ويو ۽ ورت ويلي بازار مان جليبيون، کير پڙا، فروٽ ۽ سموسا وغيره وني آيو. مائيءَ کائي ڏاڍو چڙهه ڪيو.
بوت سجائڻ مان کائي ڏنائين ته بئي ڏينهن به چپُ چپَ تي چاڙهي ويهي رهي. انهيءَ حرڪت تي مڙس کي به ڪاوڙ اچي ويس. بازار مان مال مليدا ته نه وني آيس، هٿائين پر ۾ بيهي ٺوڪيندي چيائينس: ”رن چشکي هري، رکي آرتوار.“
مطلب: جيڪو جنهن طريقي سان کائي ڏسي ٿو، سو سدائين اهو طريقو اختيار ڪري ٿو.
٢- عادت ڇڏي نه عادتي، علت مور نه جاءِ،
اٺ پوي ڪٽڪ ۾، جُواسا چُڻ چُڻ کاءِ.
٣- لالچ بري بلا آهي.

## ٩٥. رنن زالن جا کهڙا جمعا؟ (سنڌ،پهاڪو)

هڪڙي ڳوٺ ۾ جر جو پاڻي ٻاڙو هيو. پيئڻ لاءِ هر ڪو ڳوٺ جي پرسان وهندڙ واتر ڪورس تان پاڻي پري ايندو هو. جڏهن ته ڌوپُ ڌُڙ ۽ وهنجڻ سانجڻُ اتي ئي ڪري ايندو هو.
هڪڙي جمعي تي ڳوٺ جون مايون، وهنجڻ ۽ سانجڻ لاءِ واتر ڪورس تي پئي ويون. هڪڙي رنڙ، سهيلين جي زور پرڻ جي باوجود، هلڻ ڪان پڙُ ڪدي بيهي رهي.
”ادي! جمعي سندي ڏينهن به لڳ نه ٿي آڳهارين!“ هڪڙيءَ سهيليءَ هجائتو ٿيندي چيس: ”جمعي جي پلاري ڏينهن تي وهنجڻ ثواب آهي.“
”ادي کهڙيون تي جمعي ۽ ثوابن جون ڳالهون ڪرين!“ نه هلڻ جو سبب ٻڌائيندي چيائينس: ”رنن

زالن جا ڪهڙا جمعا؟”
مطلب:١- غريب جو ڪهڙو ڪم، اميراڻن ڪتراڻن سان.
٢- غير وسطيدار ماڻهو، معاملي ۾ دلچسپي ئي نه وٺندو آهي.

## ٩٦. ريدار اڳيان رباب، وڄائڻ مان نه وري نه سري. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي مڱڻهار جي ريدار سان سنگت هئي. زماني جي گردش سبب هر ڪو پنهنجيءَ ڪرت ۾ لڳي ويو. ريدار ريڊون چاريندي ڍڻ وڌائيندو، ترقي ڪندو، هڪ ڏينهن خدا جي مهربانيءَ سان هڪ علائقي جو راجا ٿي ويو.
اها ڳالهه، هڪ ڏينهن مڱڻهار ٻڌي ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رباب کڻي راجا جي محفل ۾ اچي پهتو. سمجهيائين پئي: “رباب وڄائي راجا کي ريجهائيندس ۽ هو خوش ٿي مون کي وڏا تحفا، خرافاتون ۽ خلعتون عطا ڪندو.”
راجا جي دربار ۾ ڳائڻ جو موقعو ته ڪيترائي دفعا مليس پر من جي مراد ڪافي وقت گذرڻ کانپوءِ به پوري نه ٿيس. هڪ ڏينهن دربار مان نااميد ۽ نراس ٿي واپس وڃي رهيو هو، جو هڪ درباريءَ پڇيس: “تون سٺو ڳائيندڙ ۽ وڄائيندڙ آهين. تو جهڙا ڳائڻا وڄائڻا ته هتڙين محفلن ۽ دربارن جي سونهن ۽ زينت هوندا آهن. پوءِ چو نراس ٿيو واپس ٿو وڃين؟ ٻاهر ته توکي ڳائڻ وڄائڻ جو موقعو به ڪين ملندو!”
“ريدار اڳيان رباب، وڄائڻ مان نه وري نه سري!” مڱڻهار نااميديءَ جو سبب ٻڌائيندي چيس.
مطلب:١- اڻ ڄاڻ ۽ بيوقوف ماڻهوءَ کي ريجهائڻ/صحيح ڏِگ لائڻ ڏاڍو مشڪل ۽ اوکو ڪم آهي.
٢- رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا. پر موڳيءَ کان نه مليو جواب.
٣- مرليون ته گهڻيون وڄايوسين، پر نانگڻ ڏنگڻ نه ڇڏيو.

## ٩٧. زندگي تنور ۾ به گذري ويندي، سمور ۾ به گذري ويندي. (فارسي، چوڻي)

هڪ شخص سمور جو پهراڻ پايو، سُرخي گهوڙي کي سونين واڳن مان جهليو چڙهيو پئي ويو. گهوڙي جو هنو به سونين تارن سان اُڃيل هئس.
سياري جي رات هئي، لُري پئي لڳي. هڪ پيادو مسڪين شخص به اتان لنگهيو پئي، جنهن کي بدن تي پورو ڪپڙو به نه هيو ۽ سيءَ کان ڏڪيو پئي. گهوڙي سوار متس نظر ئي نه وڌي ۽ اڳتي نڪري ويو.
پيادي ڏٺو: هڪ نانوائي اڱر ڪيئي تنور صاف ڪري رهيو هو. جڏهن اهو هليو ويو ته هيءُ تنور ۾ گهڙي ويو ۽ سڄي رات خوب مزي سان اتي ننڊ ڪيائين. صبح جو ننڊ ڪري تنور مان ٻاهر نڪتو ته ڪنهن پڇيس: “ڏي خبر! رات ڪيئن گذري!”
“رڳو رات نه پر ....” ڪيس وضاحت سان سمجهائيندي چيائين: “زندگي تنور ۾ به گذري ويندي، سمور ۾ به گذري ويندي!”
مطلب:١- وقت، هر حال ۾ گذري وڃي ٿو.
٢- رکا سکا کاءُ، ٿنڌا پاني پيءِ.

نہ ديک پرائي جهوپڙي، نہ ترسا اپنا جي.
۳- گذر گئي گذران، کيا جهوپڙي، کيا مکان/ميدان.
۴- گذري کون ڦِر ياد نہ کر، جا گذري سا چوکي.

## ۹۸. ساهري گهر جا پاتي تہ ويري پر چانئٺ بہ ويري. (هندي، چوڻي)

هڪڙيءَ الهڙ ڇوڪريءَ جي شادي، پراڻهين هنڌ تي ٿي وئي. ساهرين گهر پهتي تہ نئين ماحول ۾ ڏاڍي اوپرائپ محسوس ڪيائين.
گهر جي هر پاتيءَ تي شڪ پئي ڪيائين. هڪ ڏينهن ڪم ڪندي در جي چانئٺ ۾ وچڙي پئي. سورن مٿان سور سٽجي ويس. اٿلي پئي. ڏاڍا اوچنگارا ڏئي رني. جڏهن پيڪن ۾ گهمڻ آئي تڏهن ماءُ سان ڏکَ سورَ اورينديءَ ڊنيڪر ڏئي چوڻ لڳي: "ساهري گهر جا پاتي تہ ويري پر چانئٺ بہ ويري."
"ڇوري تو ڏي بہ ڏوهہ ڪين رکو چانئٺ ڏي!" ماڻس پڇيس.
مطلب: جيڪو پاڻ سنڀالي قدم نہ کڻي ۽ ڏوهہ ٻين تي مڙهي، تنهن کي ٽوڪ طور ائين چئبو آهي.

## ۹۹. سڀ ڪنهن کي خدا اهو تہ ڏئي، جو ان جي لائق آهي. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙو فيلسوف، هڪ باغ ۾ سير ڪري رهيو هو. تفريح دوران ڪيس هڪ ڳالهہ منجهائي وڌو! سوچڻ لڳو: "ٻير جو وڻ، هڪ مضبوط درخت آهي، پر ٻير ننڍڙا اٿس. گدري جي ول تمام ڪمزور آهي پر گدرا تمام وڏا اٿس. هئڻ ائين گهرجي ها تہ گدري جهڙو شاهي ڦل، ٻير جهڙي وڻ ۽ ٻير جهڙو ننڍڙو ڦل، ول ۾ ٿئي ها!"
ٻير جي وڻ هينان ٻيهي اهو سوچي رهيو هو جو مٿان هڪڙو ٻير ڪريو ۽ سندس نوڙهہ ۾ نا تي ويو! نڪاءَ سان، سندس دماغ ۾ تبديلي اچي وئي ۽ چوڻ لڳو: "جيڪڏهن ان ٻير جي جاءِ تي گدرو هجي ها ۽ مٿي ۾ تراٽي وڃن ها تہ اڄ مٿو بہ اڏ هجي ها. شڪر الحمدالله جو ٻير جي وڻ ۾ ننڍا ٻير ٿا ٿين." خداتعاليٰ جي تخليق تي غور ڪندي وڏيڪ چوڻ لڳو: "سڀ ڪنهن کي خدا تعالي اهو تہ ڏئي، جو ان جي لائق آهي."
مطلب: ۱- خدا تعالي سڄاڻي سگ ڏئي ٿو.
۲- ٻليءَ کي پر هجن ها تہ جهرڪين جو جهڻُ ٻچو ناس ڪري ڇڏي ها.

## ۱۰۰. سڄي کي چور جو ڊپ نہ هوندو آهي. (سنڌ، چوڻي/پهاڪو)

گرونانڪ، هڪڙي شش سان واٽ وٺيو پئي ويو. هڪ ٻہ- واٽي تي پهچي گرونانڪ ننڍو رستو اختيار ڪرڻ گهريو ۽ شُش ڊڳهو.
"تون ننڍي رستي سان ڇو نٿو هلين؟" گرونانڪ سمجهائيندي پڇيس: "جڏهن تہ ان سان منزل تي جلدي پهچبو!"
"انهيءَ راهہ تي ڦورو آهن." شش جواب ڏنو.

“اها هڙ کولي ڏيکار ته ڏسان ان ۾ ڇا آهي؟” مٿي تي رکيل هڙ ڏانهن اشارو ڪندي گرونانڪ چيس.
شش هڙ کولي ته ان مان سون جي ريٽي نڪتي.
”اها اڄلاءِ ۽ پوءِ ننڍي رستي تي بي ڊپو ٿي مون سان هل ! ڇو جو ....” گرونانڪ نصيحت ڪندي چيس؛ “سچي کي چور جو ڊپ نه هوندو آهي.”
مطلب: ١- ڏاڙيل به پريل پڪيل گهر ۾ ڏاڙو هڻي ٿو.
٢- شيطان به علم واري کي ورغلائڻ تي وَسُ ڪري ٿو.
٣- ڏڪو نه ڏور، ڇا ڪاهيندو چور.
۴- سچو، سرڪار ڪان به ڏاڍو.

## ١٠١. سرڪار، ڪنهن جي چاچا ماما ناهي. (سرو، چوڻي)

هڪڙي بروهيءَ کي سرڪاري نوڪري ملي ۽ نوڪريءَ سانگي ٻارنهن مهينا ڪن ڳوٺ ڪان ٻاهر رهڻو پيس. ڳوٺ ڪان ٻاهر نئين ماحول ۾ رهڻ جي ڪري، طبيعت ۾ ڪافي ڦيرو به اچي ويس.
ٻارهين مهيني ڳوٺ گهمڻ آيو ته سمورا مٽ مائٽ ملڻ آيس. خوشيءَ ۾ ڪنهن “ماما” پئي سڏيس ته ڪنهن “چاچا”. “چاچا” ۽ “ماما” تي مڙس کي ڏاڍي ٻچان لڳي ۽ سيني کي سٽرڻ لاءِ دڙڪا ڏيندي چيائين؛ “سرڪار، ڪنهن جي چاچا ماما نه ٿيندي آهي.”
مطلب: ١- سرڪار، ڪنهن جي نه ماءُ نه پيءُ.
٢- سرڪار وٽ، ماءُ پيءُ واري پاس خاطري يا بي اصولي ناهي.
٣- سرڪار ري، مان نڪو باپ (ٽر)

## ١٠٢. سور آهن ئي بادشاهن کي. (لاڙ، پهاڪو)

هڪڙي غريب مسڪين کي اندر ۾ غريبيءَ جي ڏکن جا ڍير هئا، جنهن سان سلڻ لاءِ وهي ته اڳلو ڪانئس اڳي ويهي پنهنجا سور پٽي.
هڪ ڏينهن دل ۾ ارادو ڪيائين؛ “سيڪو سورن سان پريو پيو آهي. منهنجي سورن ٻڌڻ لاءِ ڪنهن وٽ به وقت ڪينهي. ڇو نه بادشاهه سلامت سان سور سليان. ڪيس الله امينگ ڏنا آهن. هر شيءِ ارزان اٿس. سور ته وٽس هوندائي ڪين.”
بادشاهه سلامت جي دربار ۾ عرض رکيائين؛ “مون کي سورن سڻائڻ لاءِ ڇڙا پنج منٽ ڏنا وڃن.”
سندس مدعا هڪ شرط تي قبول پئي ته پهرين پنج منٽ پاڻ ڏيندو ۽ بادشاهه سلامت جا سور ٻڌندو، پوءِ پنهنجي روئداد ٻڌائيندو. اهو شرط قبولي، بادشاهه سلامت سان خلوت گاهه ۾ وڃي مليو.
“مون وٽ هر شيءِ آهي.” بادشاهه سلامت پنهنجي روئداد ٻڌائڻ شروع ڪئي؛ “زال به تمام سهڻي آهي. ان مان ڪجهه اولاد به اٿم. ڪيس هڪ دفعي اهڙو مرض لڳو، جنهن لاءِ سمورا حڪيم وس هلائي بيٺا، آخر ڪٿو جواب ڏنائون ته مرض لاعلاج آهي ۽ موت يقيني آهي. راڻيءَ سان دل به ڏاڍي هئم. ان ڪري مٿن ڪان ويهي سندس مرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. راڻيءَ مون ڪان ان دوران

وچن ورتو ته: "مرڻ پڇاڻان سندس ٻچن سان وفادار رهندس." ان وقت ٻي ڳالهه سمجهه ۾ نه آيم. ڪيس يقين ڏيارڻ لاءِ ته ٻي شادي نه ڪندم، مون پنهنجو مخصوص عضوو ئي ڪٽائي ڇڏيو.
ڪجهه ڦت ڪان پوءِ خدا جي قدرت سان راڻي چڱي ڀلي ٿي پئي ۽ مان بيمار جو بيمار ئي رهيس. سندس ڪم جو نه رهيس. ان سبب گهر ۾ روز جهيڙو ٿيڻ لڳو. ٻيون ڳالهيون/ قربانيون سڀ وسري ويس. هاڻي سندس زور ان ڳالهه تي آهي ته ڪيس طلاق ڏيان. يا ٻيءَ صورت ۾ ڪيس ڇڙواڳ ڇڏيان ته جيئن نوڪرن چاڪرن مان پنهنجو پورائو پئي ڪري. هاڻي ٻڌاءِ! تنهنجا سور انهيءَ ڪان وڌيڪ آهن؟"
"منهنجا سور وري ڪهڙا آهن؟" بادشاهه جو داستان ٻڌي، ان همراهه چيو: "سورئي بادشاهن ڪي آهن!"
مطلب:١- جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.
٢- وڏا ماڻهو، وڏا ڏک.
٣- وڏن ڪي، وڏا سور.

## ١٠٣. سونارو ، پنهنجي ماءُ جي نٿ مان به نه ٽري. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙو سگهڙ ماڻهو، هڪڙي سوناري وٽ ويو. ڪيس عينڪ جي فريم جو ڇلو ناهڻ لاءِ چاندي ڏنائين ۽ تاڪيد ڪيائينس: "ٻه روپيا مزدوريءَ جا وڌيڪ ڏيندوسانءِ پر فريم جو ڇلو سنو ڪري ناهجانءِ ۽ مَٿُ نه ملائجانس."
انهيءَ تي سوناري ڀرين ٿهڪ ڏنو، بعد ۾ چيائينس: "فريم جو ڇلو ته سنو ڪري ناهيندس، پر مَٿُ ضرور ملائيندوسانس. ڀلي توهان ڪٽي ڏهوڻي مزوري ڏيو پر ان ڪان نه مڙندم."
"ڇو؟ ڇو نه مُڙندين؟" فريم جو ڇلو جوڙائڻ واري همراهه، سوناري ڪان پڇيو.
"انهيءَ لاءِ ته مائٽن جي پِرَ اها آهي. وڏڙن جي پِرِ ڪين ڇڏيندس." سوناري دليل ڏيندي ٻڌايس.
"ڇو جو اسين جيسين اهو ڪم نه ڪريون تيسين ڪمائيءَ ۾ برڪت به نه پوي. پوءِ ڀلي اسان جي پيڻ يا ماءُ ئي سون نهرائي، منجهس مَٿُ ضرور گڏيندا سين."
مطلب: ماڻهو، عادت آڏو مجبور ٿي ويندو آهي.

## ١٠٤. شاهوڪارن جو ناڻو ويامندو آهي. (هندي، چوڻي)

هڪڙي غريب، امير ڪان ٻڌو ته: "ناڻو ويامندو آهي." ان ڪري سؤ روپيا وياج تي وٺي اچي گهر ۾ انهيءَ آسري تي رکيائين ته: "مهيني کن ۾ ويامي پوندا. ٻچا پاڻ وٽ رکندم ۽ اصل مالڪ ڪي موٽائي ڏيندم."
مهيني گذرڻ بعد جاچيائين ته پئسا اوتري جا اوترا هئا. پئسا نه ويائيا ته اصل ملڪيت ۽ وياج مالڪ ڪي موٽائيندي، ڏوراپو ڏنائينس: "تو چيو هو ته: ناڻو ويامندو آهي، پر هيءُ پئسا ته اصل نه ويامي."
"مون توڪي سؤ ڏنو هو، تو مون ڪي ٻچن سميت واپس ڪيو، ٻي ڳالهه ته غريبن جو ناڻو نه پر وياجيرو الڳ ڪري، ڪيس ڏيکاريندي چوڻ لڳو: "شاهوڪارن جو ناڻو ويامندو آهي."....

مطلب:١- پئسو، پئسي کي ڪمائي ٿو.
٢- گھڻا پئسا، ٿورن پئسن کي ڪمائين ٿا.

## ١٠٥. شينهن شير خدا جو، وڏيس ته بيدو ڏئي، وڏيس ته بچو ڏئي. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي ٻروچ کي واٽ ويندي واٽيو هٿ اچي ويو. ڪيس قُرڻ جي نيت سان اچي آڪيڙا چاڙهيائين. لٽ ڏيکاري دڙڪي سان پڇيائينس: "اڙي واٽيا! ڪلمون پڙ نہ تہ اچئي ٿي لٺ!"
"ڏٽي! مون کي ڪلمي جي ڪهڙي خبر." واٽئي هٿ ٻڌي ايلاز ڪندي چيس: "گروا! تون ڪلمون پڙهندو هل! مان پويان ورجائيندو ٿو هلان."
"واٽيا! ٻاگِ پلا اٿئي! اتان بچيو تو وڃين!" ڪياڙي ڪنهندي چوڻ لڳس: "ڪلمون مون کي بہ پڙهڻ نٿو اچي! چڱو پلا ٻڌاءِ شينهن بچو ڏيندو آهي، ڪن بيدو ڏيندو آهي؟!"
واٽيو ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. جي چوي ٿو تہ شينهن بيدا ڏيندو آهي تہ ٻروچ چوندو: "نہ! بچا ڏيندو آهي." جيڪڏهن چوي ٿو تہ بچا ڏيندو آهي تہ ٻروچ چوندو: "نہ! بيدا ڏيندو آهي!"
سوچي سوچي چيائينس: "شينهن شير خدا جو، وڏيس تہ بيدو ڏئي، وڏيس تہ بچو ڏئي!"
مطلب:١- ڏاڍي /ظالم جي پنهنجي مرضي آهي تہ جيئن وڏيس تيئن ڪري.
٢- اڳيان باهہ، پويان پاڻي.
٣- وات ۾ جهليل ٽُڪَ ڦٽي ڪر تہ پيءُ ٿو مري، اندر ڳِهُ تہ ماءُ ٿي مري.
٤- نانگ جهليو وڇونءَ کي چي: "ڳهانس ٿو تہ پيٽ ٿو ڦاڙي، ڇڏيانس ٿو تہ ڪوڙهيو ٿو ٿيان."

## ١٠٦. عزت لٿي کان پوءِ خيرات ڪرڻ، ڪهڙي ڪم جي؟ (نصيحت ، چوڻي)

هڪڙي ملان جو گذر سفر، جنازا وهنجارڻ، نماز پڙهائڻ ۽ قرآن بخشائڻ تي هئو. هڪ دفعي ڪيس ڪمائي ڪانہ ٿي هئي ۽ گهر ۾ تنگي هئس. پاڙي ۾ هڪڙو اڻ پڙهيو نوجوان رهندو هئس، جنهن وٽ هڪڙو ڳابو هيو. ملان جي نظر في الفور وڃي ان ڳابي تي پئي. ٻئي ڏينهن صبح مردان جو وڃي ان نوجوان جي در تي سڏ ڏنائين. نوجوان گهران نڪتو.
"رات تو وارو پيءُ مرهيات، مون کي خواب ۾ نظر آيو!" ڪيس تلهہ ٻڌي چوڻ لڳو: "هونئن تہ ويچارو حورون جي هنج ۾ خوش هو پر اوچتو الائي ڪيڏانهن، تو وارو ڳابو اچي نڪتو ۽ ڪيس اُڪِين تي اچي ڪنيائين. ڊيڪائي ڊيڪائي، ويچاري جو ٻُندُ ئي ڪڍي ڇڏيائين. جنهن ۾ سندس پٽڪو بہ لهي ويو. بهرحال قصو ڪوتاه! پير زور هيس. جن اچي ڇڏايس. سامت ۾ آيو تہ مون تي نظر پيس. ڏسندي ئي چوڻ لڳو: "جڏهن کان مون واري پٽ اهو ڳابو ڌاريو آهي، تڏهن کان مون سان اها نافت آهي! پٽ مون وارو ملئي تہ نياپو ڪجانس تہ پيءُ جي، عذاب مان جان ڇڏاءِ ۽ اهو ڳابو راهِ خدا ۾ خيرات ڪري ڇڏ."
نوجوان ٻڌڻ شرط، ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ويو ۽ چيائينس: "ملان! ڳالهہ ٻڌ! بابي جي عزت لهڻي هئي سا تہ لهي وئي؟" ملان کي ملان واري لهجي ۾ جواب ڏيندي چيائين: "عزت لٿي کانپوءِ خيرات ڪهڙي ڪم جي؟"
مطلب:١- مصيبت اچڻ کان اڳ خير خيراتون ڪرڻ گهرجن.

٢- گهوڙو چورائجڻ بعد طنبيلي کي تالو هڻڻ مان ڪهڙو فائدو؟
٣- گلاس پيجڻ کان پوءِ، پٽ کي سزا ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو؟

## ١٠٧. عشق نہ ڄاڻي ذات ڪذات. (هندي ، چوڻي)

هڪڙي بادشاھ جو هڪڙي ڌوٻياڻيءَ سان ڏوپار عشق ٿي پيو. چمڙا پوش ڪري لوڪان لڪي، وٽس وڃي نڪرندو هيو. ڪچهري ڪري مُنهن- انڌاري واپس ورندو هيو.
بادشاھ جي هڪڙي عادت هئي: هر وقت وزير کان پڇندو هيو: "وزير! ڪهو ڪيسي بات!"
"مڙيو ئي خير!" وزير هٿ ٻڌي عرض ڪندو هيس.
وزير کي بادشاھ جي اها روز جي ٽُڪ نيڪ نہ لڳندي هئي. جنهن ڪري بادشاھ جا عيب ڄاڻڻ ۾ جنبي ويو.
هڪ ڏينهن بادشاھ شڪار جو ڍونگ رچائي جيئن ولر کان وڇڙي وجي، ڌوٻي گهاٽ پهتو تہ وزير بہ پويان لڳو آيس.
"شڪار تان بڪارو موٽيو آهيان! کائڻ لاءِ ڪپي!" بادشاھ ڌوٻياڻيءَ کي چيو.
"پاروٿو پٽ پيو آهي."
"اهو ئي ڏي!"
پٽ کائڻ بعد بادشاھ وري چيس: "پاڻي پيار!"
"مَٽَ ۾ پاڻي ڪونهي، ڌوٻي گهاٽ تان پري اڃان!"
"اهو ئي ڏي!"
پاڻيءَ جو وٽو پيئڻ بعد بادشاھ ٿڪ محسوس ڪيو ۽ آرام ڪرڻ لاءِ کٽ گهريائينس.
"اها ئي ڇپکل کٽ آهي، جنهن تي وينو آهين!"
"اها ئي سهي!"
ڇپکل کٽ تي رات گذري، بادشاھ ٻئي ڏينهن دربار ۾ پهتو ۽ حسبِ عادت وزير کان پڇيائين:
"وزير ڪهو ڪيسي بات؟!"
"عشق نہ ڄاڻي ذات ڪذات" مڇريل وزير دل جي باھ کان چوڻ شروع ڪيو.
"بوک نہ ڄاڻ باسي ڀات، پياس نہ ڄاڻي ڌوٻي گهاٽ، ننڊ نہ ڄاڻي ٽوٽي کاٽ!"
مطلب: عشق انڌو ٿيندو آهي.

## ١٠٨. فقيرياڻي ٿئي راڻي، چي: "جارا ڏيوٽا، مين ڪاوٽا!" (ساهتي، پهاڪو)

هڪڙو امير ، هڪڙيءَ فقيرياڻيءَ ي عاشق ٿي پيو. شادي ڪري گهر وٺي آيس. فقيرياڻي ڦري اميرياڻي ٿي پئي تہ فقط طلب/حڪم جي دير هئس. هر شيءِ هڪي حاضر، جيڪا شيءِ طلطي، سا موجود پئي ٿي. انهيءَ عيش جهڙي سهوليت هوندي بہ مائي صاحبہ جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ اهڙي بگڙي جو سڌرڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتائين . ڏاڍا ويج طبيب آيا. پر ڦڪين فرق ڪين يو. هينو بہ گذرڻ بعد، نيٺ مائي صاحبہ اوچتو چاق چڱي ڀلي ٿي پئي، خبر نہ پئي تہ ڪهڙيءَ دوا مان چاق ٿي.

هڪ ڏينهن مڙس گهر ۾ آيو. ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ ڏسي ، بين ڪمرن ڳولهڻ لڳو. هڪڙي ڪمري ۾ اچي ڪيس لڌائين.
ڪمري جي هر جاري ۾ ماني پئي هئي. مائي صاحبہ هر جاري وٽ وڃي چيو پئي، ”جارا! خير ڏي!“ ان بعد پراڻمرادو جاري مان ماني ڪٽي هڪڙي ٿانءَ ۾ وڌائين وپئي. جهن هٿ وارو ون ٿانءُ پر جي ويس تہ پوءِ هيٺ ويهي ڪائڻ لڳي. مڙس کي چاق چڱي ٿيڻ جي راز جي خبر پئجي وئي. ڪمري مان نڪري، پنهنجي منهن چوڻ لڳو، ”فقيرياڻي تئي راڻي چي، جارا ڏيوٽا، مين ڪاواٽا!“
مطلب: ١- عادت ، عضوو آهي.
٢- هير واري جي هير ، ٽنگ پڳي بہ نہ وڃي.
٣- عادت مٽي نہ عادتي، علت مور نہ جاءِ.
اٺ پئي کڻ ۾، ڪندا چڻ چڻ ڪاءِ.

## ١٠٩. ڦبيا اهي، جيڪي ڦاتي مئا. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙو هبڇي ملان، هڪڙيءَ خيرات جي دعوت ۾ وِٽَ کان وڌيڪ پَٽُ ڪائي ويو ۽ هلڻ کان هلاڪ ٿي، ڦان ڪري ڍيري ٿي پيو.
ميزبان کي ڳڻتيءَ اچي ورايو! ملان کان پڇيائين: ”پيٽ ۾سور لاءِ ڪو ٽڪي ڦوٽو آڻيون!“
”ايتري گنجائش هجي ها تہ ....“ سهڪندي ملان چيو: ”سٽيو گره نہ هٽان ها!“
ميزبان، ملان جي ڳوٺ وارن کي منٿون ايلاز ڪري ميڙايو تہ ملان کي کٽ تي سمهاري ڳوٺ پهچائيندا.
چار جوان، کٽ کي ڪلهو ڏئي هليا. جڏهن ڳوٺ کي ويجهو ٿيا تہ ڳوٺ جو وڏيرو بہ حال ونڻ لاءِ اڳيرو آيو.
ڪاندين ڏولي هيٺ لاٿي.
”اڙي ملان!“ وڏيري، گهيرت ۾ پيل ملان کان پڇيو: ”ڏي خبر جيئرو تہ آهين؟!“
”ها سائين! الحمدللہ“ جهيڻي آواز ۾ ملان چيو: ”اجا تہ حال حيات آهيان!“
”يلا ڏي خبر!“ وڏيري وڌيڪ احوال ونڻ لاءِ پڇيس: ”پت تي ڦبئين بہ يا اوريان موٽيو آهين!“
”وڏيرا! ڪهڙيون تو خبرون پڇين!.... اسان اجهو پاڻ ڪٽائي پهتا آهيون، باقي .......“ وڏا ساهہ کڻندي، ڪِنجهي ڪِنجهي چيائين: ”ڦبيا اهي جيڪي ڦاتي مئا!“
مطلب: ١- هبڇي ماڻهوءَ جو پيٽ، ڪڏهن بہ پرجڻ جو ناهي.
٢- لنگهو ۽ پيٽ، ڪڏهن بہ نہ پربا.

## ١١٠. ڪارا گهٽا پر ڪارنهن ڪنهن ڪنهن جي لهي. (سرو، پهاڪو)

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙي نوجوان تي ڪارنهن جو الزام لڳو. ڪيس جرڳي ۾ سڏايو ويو. جرڳي جو مهندار، پاڻ بہ عشق مجازيءَ ۾ ڦاتل هئو. عشق بازيءَ جي چالن جي ڄاڻ سبب، نوجوان مٿان مڙهيل ڪارنهن کي سچو ثابت ڪري ويو. الزام ثابت ٿيڻ بعد جرڳي وارن، ملزم /جرم نوجوان کان پڇيو: ”الزام توتي ثابت ٿي چڪو آهي! هاڻي ٻڌاءِ تہ تنهنجي سزا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟!“

گهٻراهٽ ۾ نوجوان جا هڪڙا پگهر لڻا پئي ته ٻيا چڙهيا پئي. دل ۾ چوڻ لڳو: "پوتار ۽ مان، ٻئي سڳي ٻيڙيءَ جا سوار آهيون. مان ڪارو ثابت ٿيو آهيان ۽ هو جرڳي جو مهندار هئڻ سبب ڳاڙهو آهي. ڏوهه نه ٻيئي ڪيون پيا، پر پڪڙجي مان پيو آهيان!"
انهن سوچن ۾ گم ڏسي وري جرڳي وارن ڪانئس ساڳيو سوال دهرايو.
"ڪارا گهڻا آهن، پر ڪارنهن ڪنهن ڪنهن جي لهي!" نوجوان پنهنجي بچاءَ/صفائي ۾ چيو،
"هاڻي جيڪا سزا ڏيڻي اٿو سا ڏيو."
مطلب:١- عيبن کان آجو، فقط هڪ الله آهي.
٢- ڏوهه هر ڪو ڪري ٿو، ڪو لڪي ڪو پڌرو.
٣- ڏوهه گهڻا ڪن ٿا، پڪڙجي ڪو ڪو ٿو.

## ١١١. ڪاهل جي قبر ۾ ٻيا والاري ٿا وجن. (سنڌ، چوڻي)

پيءُ پٽ، گڏيا شهر پئي ويا، جو ڪين وات واري مقام جي پاسي ۾ هڪڙي وڻن واري جاءِ نظر آئي. پيءُ ڪي جاءِ ڏاڍي وڻي وئي.
"ابا!جاءِ ڏاڍي ڀلي آهي." پيءُ پٽ سان دلي اظهار ڪندي چيو: "مان مران ته مون کي اتي پورجو."
انهيءَ ڳالهه کي ڪافي وقت گذري ويو.
هڪ ڏينهن پٽ ڊوڙندو سهڪندو گهر ۾ آيو.
"ابا! خير ته اٿئي؟!" ماءُ پٽ کان پڇيو: "ڊڪندو ٿو اچين! ڪير پنيا ن پيو اٿئي چا؟"
"امان! خير ئي ته ناهي!" پٽ ورندي ڏنس.
"نيٺ ابا! خبر ته پوي! ڪهڙو قِيس ٿيو آهي؟ ياڄُڙِ پئي آهي چا؟" ماءُ ڳراٽڙي پائيندي پڇيس.
"امان! مقام ۾ جنهن جاءِ لاءِ بابا وصيت ڪئي آهي ته مون کي اتي پورجو!" پٽ سهڪندي ماءُ کي ٻڌايو: "اصل ڳالهه هيءَ آهي ته اڄ ماڻهو اتي ٻيو مڙدو پيا پورين."
"ابا ! مُنا ته پٺهين جي انهيءَ سستيءَ سبب آهيون. تڏهن ته چوندا آهن نه ......." ماڻس ويتر شڪايت ڪندي چيس: "ڪاهل جي قبر ۾ ٻيا والاري ويندا آهن."
مطلب: ١. ڪير ڪنهن جي قبر ۾ نه پوندو آهي.
٢ . سستي ڪندڙ هر ميدان ۾ هارائيندو آهي.
٣ . اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نه رکجي.
٤ . جو ڪل ڪرنا هي سو آج، جو آج ڪرنا هي سو ابي.

## ١١٢. ڪتو ڪتي جو ياءُ آهي. (پشتو، پهاڪو)

هڪڙو پناڻ سيارو سنڌ ۾ گذاري، سانوڻ ڪوئيٽا ۾ گذارڻ لاءِ ريل ۾ چڙهي وڃي اتي پهتو. اسٽيشن کان نڪري ، هڪڙي دوست سان رستو ڏيو پئي ويو جو ڪيس اڳيان شهري رولو ڪتو ايندي نظر آيو. ڪتي تي نظر پوندي ئي هٿ واري لٺ سان مٿس ڪُپي ويو.
"يار! هن ڪتي تنهنجو ڪهڙو قصور ڪيو آهي. جو تون ڪيس مارين تو؟!" دوست عجب مان پڇيس.

“مون کي ڏهڙيو هئائين!”
“تون سنڌ ۾ ڇهه مهينا گذاري، بولان ميل مان هاڻي لٿو آهين! هن ڪڏهن توکي ڇَڪِيو؟!”
“سنڌ جي هڪڙي ڳوٺ ۾ ڪپڙو ڪپائڻ لاءِ ويو هئس، اتي ورايو هئائين!”
“تہ پوءِ!.... اهو الائي ڪهڙو ڪتو هئو! هيءُ الائي ڪهڙو ڪتو آهي! تون هن کي ناحق ڇو ٿو مارين؟!” لٽ ۾ هٿ وجهندي چيائينس.
“لٽ مان ڇڏ! مان هن کي نہ ڇڏيندس! ڪوئيتا جو هجي يا سنڌ جو!” لٽ ڇڏائيندي ۽ سهڪندي چوڻ لڳو: “ڪتو ڪتي جو ياءُ آهي!”
مطلب : ١ مينهون، مينهن جون پيٽون.
٢ . جڏهن وڏن سان پڇي نہ سگهبو آهي، تڏهن انهن جي ننڍن / ڪمزور مائٽن کي ڏک هٽي ، دل جي باهہ هلڪي ڪبي آهي.
٣. ڇهڙا ڇهڻ جا پائي.

## ١١٣. ڪتي نہ مُنهن، ڪتي جي ڏٽين مُنهن. (سرو، پهاڪو)

ٻہ دوست هڪڙي ڳوٺ ۾ مهمان ٿي آيا. هڪڙي گهٽيءَ مان لنگهندي هڪڙي در تي بيٺل ڪتي مٿن ڀونڪيو. ڏاڙهڻ تي هڪڙي سنگتيءَ پوندو وهائي ڪڍيس ۽ لٺ اولاريندي چيائينس: “تنهنجي ڏارڻ وارن کي بہ حيف هجي!”
“متان !” ٻئي سنگتيءَ لٺ مان جهليندي چيس: “هيءُ تہ پنهنجي فلاڻي دوست جو ڪتو آهي، تنهنڪري ڏارڻ وارن کي گار نہ ڏي!”
“هان !فلاڻي جو ڪتو آهي! چڱو تيو جو ٻڌائيئي! نہ تہ ٻِہ- هٽڙي لٺ اهڙي مغز واري نڪاءُ تي وجيس ها جو رَٽُ ڪتا نہ چٽينس ها!” اجا وضاحت ڪندي چيائينس: “ڪتي نہ منهن، ڪتي جي ڏٽين منهن.”
مطلب:١ . ڪتا تو نہ لڄ، تنهنجي ڏٽين لڄ.
٢ . تون چڱو نہ هليو آهين، پر تنهنجا مالڪ چڱو هليا آهن. انهن جو خيال ٿو ماري.(جملو)

## ١١٤. ڪم ڪڏو ڪجي تہ ٻہ هٿ مضبوط وجهجن. (لاڙ، چوڻي )

ٻہ ڏاڙهين وارا همراهہ اٺ تي چڙهيا پهاڙي پيچري تان پئي ويا تہ منجهن ڪنهن ڳالهہ تان تلخ ڪلامي ٿي پئي. اٺ تي چڙهئي چڙهئي ڏاڙهي پٽ شروع ٿي وين. اٺ کي هشاياڻون ۽ يڪدم لهڻ جي ڪيائين. هڪڙو هڪڙي پاسي ۽ ٻيو ٻئي پاسي لٿو.
ٻنهي جا ڏاڙهين ۾ هٿ مضبوط هئا. سندن گيڙ ٻگڙي تي، اٺ هشندي وري اتي ٻيهي رهيو تہ همراهہ ٻہ مٿي ڪجي ويا. هاڻي ڏاڙهين مان تا هٿ ڪين تہ پهاڙيءَ تان تا ڪرن. ويتر اٺ ٻہ هلڻ شروع ڪيو، سو هٿ ڪڍڻ ٻنهي لاءِ خطرناڪ ٿي ويو.
“ڪم تہ ڪُڏا ڪيتا هِسي، پر هُڻ هٿ مضبوط گهتين!” هڪڙي همراهہ ٻئي کي نصيحت ڪندي چيو: “ڪم ڪڏو ڪجي، تہ ٻہ هٿ مضبوط وجهجن!”
مطلب :١ ڪم ڪڏو ڪجي تہ ٻہ هٿ مضبوط وجهجي.

۲ . غلط ڪم نہ ڪجي، جي ڪجي تہ مڙس ماڻهو تي ٻيهجي .
۳ . جهيڙو، ڪُهہ پيو جهيڙو، جي جهيڙو تہ پوءِ ڳچيءَ جو هار جهيڙو.

## ۱۱۵. ڪنيءَ رن جا ٻار ، ٿورا تيئن چڱا. (سنڌ ، چوڻي)

هڪڙي عورت پوڙهي ٿي وئي ۽ بيمار بہ رهندي هئي. مڙس ۾ ڪمائي ڪرڻ جو لالڻ ڪين هيس. پاڻ غليظ پورهيا ڪري مڙس ۽ ٻارن جو پيٽ تاتيندي هئي. ٻار بہ تمام گهڻا هيس.
هڪ ڏينهن بيماريءَ وگهڻي هڪڙو ٻار مري ويس. ڪفن دفن ۽ وهنجارڻ لاءِ اوڙو پاڙو اچي گڏ ٿيو. مائيءَ کي ٻار جو ڏک ڏاڍو هئو، تنهن ڪري ڏاڍو روئڻ پٽڻ ويني. انهيءَ تي پاڙي وارا تپرس ۾ اچي ويا ۽ هڪڙو همراه تہ ڪلڻ بہ لڳو. انهيءَ تي هڪڙي فقير- ٽَن همراهہ ٽوڪيندي چيس: "هن جي گهر فوتي ٿي آهي ۽ تون وري بجاءِ ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ جي مٺس ڪلين ٿو."
"ادا! مان ڪلان ان لاءِ ٿو تہ پالي پنهنجو پيٽ نہ ٿي سگهي! بيمار ٻارن جي دوا ڪرائي نہ ٿي سگهي! مالڪ مهرباني ڪري، پٽ جو ٻار هٿايو اٿس تہ ويني تي ٻار ڪدي روئي!" ڪلڻ واري همراه دليل ڏيندي چيس: "ڪنيءَ رن جا ٻار، ٿورا تيئن چڱا."
مطلب: ۱ . پريل اٺ تان وجهي لٿي تہ بہ اٺ ٿيو هلڪو.
۲ . ڪني وهنوار ۾ موراڳو هٿ نہ وجهجي، جي وجهجي تہ مضبوطيءَ سان وجهجي.
۳ . سچائي/ غريبت هوندي وڏن ڪمن ۾ هٿ نہ وجهجي.
۴ . سوڙ سارو پير ڊگهيڙجن.

## ۱۱٦. ڪاٺي ڪِڇٽي، اونڌا طباخ. (سنڌ ، پهاڪو)

هڪڙو همراه ٻاهران ٻک ۾ پاڻُ تي گهر پهتو. سڏ واڪو ڪيائين. گهر ۾ ڪا پهر ئي ڪا نہ هئي. ڪنهن نہ ٻڌس نہ ورنايس. ٽيَان ٽيَان ڪندي ٻورچيخاني ۾ گهڙيو. پَٽَ جو ديڳڙو چلهہ تي ٻڦڪيو پئي. ڪاٺڻ جو ٿانءُ مٿي اونڌو پيو هيو. ڊِڪُ لاهي ڏٺائين تہ ديڳڙي جو ترو ئي لڳي ويو هو. منجهانئس پت جي سڙاند واري تکي ٻُوءِ اچي رهي هئي. ايتري ۾ جوٽس بہ پاڙي مان گهمي ڦري موٽي آئي ۽ اچڻ سان پڇيائينس: "مٺا! ڳريئي پَٽُ! ڪِنِ، اجا وينو تو منهنجو انتظار ڪرين؟!"
"ڪهڙو وري پَٽُ رڌو اٿئي!" جوٽس تي ڪاوڙ ڪندي چوڻ لڳو: "ڪاٺي ڪِڇٽي، اُونڌا طباخ!"
مطلب : ۱ . پَٽُ سڙيل، ٿانءُ اونڌو.
۲ . جيڏانهن تيڏانهن چنداٻ لڳي پئي آهي. (جملو)

## ۱۱۷. ڪيتي ، سِرَ سَيتِي (سنڌ چوڻي)

هڪڙي زميندار کي پتر جي پتي هٿ آئي، جنهن تي لکيل هو: "اُتم ڪيتي، وڏنڊڙ واپار. نيچ نوڪري، پنڻ ٻيڪار."
عبارت تي انڌو اعتبار ڪري تمام گهڻي زمين آباد ڪرايائين. مگر پاڻ ڪڏهن بہ زمين جي نظر داري يا سنڀال تي نہ ويو. ياڻ رونبي، پاٽيءَ، ڪلر بنجهر ۽ جهار جو تہ خيال ئي نہ ڪيائين . اُلٽو آمدنيءَ جي آسري تي عياشين ۾ وقت گهارڻ لڳو.

بڻئيءَ وقت کي بہ کين آيس. وياجي وڏيري جي هاريءَ وانگر، بڻئيءَ واري ڏينهن بہ بوچڻ کلهي تي رکي نڪتو. خرچ سمورا ڳچيءَ پئجي ويس. پيل نقصان سبب گهر ئي پينگ تي ويس، جنهن ڪري روئڻ رڙڻ ۽ قسمت کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو.

”تو زمين کي بيگانو ڪري ڇڏيو! نہ محنت ڪيئي، نہ سار لڌئي! پوءِ ڪيئن ڪمائي ڏيندئي؟!“

بئي زميندار نصيحت ڪندي چيس: ”کيتي، سِرَ سَيتِي.“

مطلب : ١ . مالڪ تہ مالڪي.

٢ . ڏڻ تہ ڏٽي نہ تہ وڪڻ ڪٽي.

٣ . گهڻ پُٽارِ ٻَڪِري، ڪائي وئي جهار .

٤ . اب پڇتائي ڪيا هووت، جب چڙيا چگ گئي کيت.

## ١١٨. گرو گپ جو آهي ئي ڪو نہ. (پهاڪو)

هڪڙي واڻيي جي بيل ګاڏي، دڪان جي وکر سان لڏيل هئي. شهر مان پرائي واهڻ جي وات وٺيو پئي آيو. وات تي گپ ۾ چڪڻ مان لنگهڻو هيس. ګاڏر کي گپ جي خبر ڪا نہ پئي جيئن ڏاندن کي ڌُڪايون پئي آيو، تيئن وجي ګاڏي گپ ۾ ڳپايائين.

واڻيي گروءَ کي ياد ڪري، ڏاند کي وني تڙي چاڙهي. ڊِڳن، ٻانن جي پَوَ کان وڌو زور لاتو. ګتل ګاڏي، ٻاهر نڪرڻ بجاءِ، پاڄاري ئي هر نهن وتان تني پئي ۽ جوڳ، ګاڏيءَ کي گپ ۾ ګتل ڇڏي اڳتي نڪري وئي.

چڱيءَ طرح ڦاسڻ سبب، واڻيي کي گرو تہ ياد آيو پر مدد نہ ملڻ سبب زبان مان رڙ نڪري ويس: ”گرو گپ جو آهي ئي ڪو نہ“.

مطلب: ١. مصيبت ۾ پنهنجا پير ڇڏائين.

٢. گرو، گپ جا ياڙي ڏيندا آهن.

## ١١٩. گيان ڏيان آهي أتي، جُتي آهي جِتِي. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي مقدس جاءِ ۾ هڪڙي واعظيءَ سريلي آواز ۾ واعظ پئي ڪيو. سيئي ماڻهو ٻڌڻ ۾ محو هئا، پر هڪڙو ماڻهو بنا دلچسپيءَ جي ٻڌي رهيو هو. سندس پريشاني، پر وارو همراه تاڙي ويو ۽ يڪدم ڪانئس پڇيائينس: ”چو؟ تون واعظ ڏي ڌيان ئي نتو ڏرين؟!“

”گيان ڌيان آهي اتي، جُتِي آهي جِتِي.“ ڪيس ورندي ڏنائين.

مطلب: ١ . پنهنجي شيءِ پنهنجي اکين آڏو رکجي.

٢ . هر ماڻهوءَ کي پنهنجي شين ڏانهن ڌيان هوندو آهي.

٣ . سجدي ڏي ڌيان ڪر تہ جُتي تي وجي.

جُتيءَ ڏي ڌيان ڪر تہ سجدو تو وجي.

## ١٢٠. گهتو ڏارجي ان لاءِ هتان چري ڪپاه. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي هاريءَ أنَ / ڏاسَ هٿ ڪرڻ لاءِ هڪڙو گهتو ڏاريو. گهتو هڪ ڏينهن تَنگَ چنائي وجي

وونئڻن ۾ پيو. هاري پيرو کڻي وڃي ڏسي ته ڏينو / گوگڙا وينو ٿو چري. اها حالت ڏسي، حيرت مان چوڻ لڳو: ”گهٽو ڏاريم اُنَّ لاءِ، هٿان چري ڪپاهه.“
مطلب: ١ . نوڪر ڪم لاءِ رکيم، هٿائين خدمت ڪرائي.
٢ . گادر آڻ اُنَّ ڪو، بڻني چري ڪپاس. (هندي)
٣ . جنهن ڪم مان فائدي بجاءِ نقصان پوي، تنهن لاءِ ائين چيو ويندو آهي.

## ١٢١. گهر ۾ ڪنهن جو به قدر نه ٿو ٿئي. (اردو، پهاڪو)

هڪڙي درويش تان گهر- واريءَ جي ڪاوڙ لهندي ئي ڪانه هئي. وقت تي نه ماني ملندي هيس ۽ نه ڪپڙا ڏوپي ملندا هيس. سهمن جو ساڳ ۽ موچڙن جي ماني، هر وقت هڪي حاضر هوندي هيس.
”جيڪر گهر- واريءَ ڪي بزرگيءَ واري ڪرامت ڏيکاري ڇڏيان ته چڱو!“ هڪ ڏينهن دل ۾ چوڻ لڳو: ”سدائينءَ لاءِ مرعوب به رهندي ۽ خدمت به پئي ڪندي.“
اهي خيال پچائي، صبح سان سوير گهران نڪتو ۽ گهڙيءَ ڪان پوءِ گهر جي مٿان اڏامندو نڪري ويو. مٿس گهٽن ماڻهن جي نظر پئي. ڳوٺ ۾ چئوبول ٿي ويو. سندس گهر- واريءَ به آسمان ۾ اڏامندڙ جيئرو جاڳندو بزرگ ڏسي ڏاڍا عجب ڪاڏا ۽ ڪلما پڙيا.
شام جو درويش گهر ۾ جيئن پهتو، تيئن گهر- واري مٿس ڏاڪا ٻڌي چڙهي وئي: ”مئا! روز ڏاڙون هٽندو آهين ته مان بزرگ آهيان. اڄ صبح هجين ها ته ڏيکارياڻءِ ها ته ڪيئن ٿيندا آهن بزرگ! هڪڙو الله جو پهتل پانهڙو، سڄي ڳوٺ جي مٿان اڏامندو نڪري ويو. جڳ جهان ڏٺو، پر تو بدبخت ڪي اهو ڏسڻ به نصيب نه ٿيو.“
”شڪر آهي!“ ٿڏو شوڪارو پريندي، جوءِ کي چوڻ لڳو: ”جو تون بزرگن جي بزرگيءَ کي مڃين ته ٿي!“
”چو؟!“ جوٽس تارا ڦوٽاريندي چيس: ”مان ڪا ڪافرياڻي آهيان چا؟ خدا جا سچا بزرگ هجن ته چونه مڃيندس.“
”خبر اٿئي! اهو ڪير هئو!“ درويش وضاحت ڪندي ٻڌايس: ”اهو مان ته هيس.“
”هون! لاشڪ تون ئي هئين! مئا.... “ جوٽس ويتر چڙ ڪائيندي ۽ تارا ڦوٽاريندي چيس: ”مان به چوان ته ٽيڏو ٽيڏو پئي اڏامئين!“
”گهر ۾ ڪنهن جو به قدر نه ٿو ٿئي!“ بزرگ ٿڏو ساهه پري چيس.“
مطلب: ١- گهر جو پير، چلهه جو مارنگ.
٢- گهر ڪي مرغي، دال برابر.
٣- ويجهو، ڪوجهو.
٤- دور ڪا ڍول، سهانا بجتا هي.
٥- ويجهڙائپ سبب، هر شيءِ/ماڻهوءَ جي عزت/رعب/محبت، دل مان نڪري ويندي آهي.

## ١٢٢. گهڻا پئسا، ٿورن پئسن کي ڪمائيندا آهن. (واپاري، چوڻي)

هڪڙي غريب، هڪڙي شاهوڪار آڏو گهڻا پئسا رکيل ڏٺا ته دل ۾ خيال آيس: "پئسو پئي کي ڪمائي ٿو! ڇو نه پنهنجي پئسن سان انهيءَ جا پئسا ڪمائي وٺان!"
اهي پور پچائي، پنهنجا ٿورڙا پئسا، شاهوڪار جي گهڻن پئسن ۾ اڇلايائين. گهڻي انتظار بعد، جڏهن نه منافعو موٽيو ۽ نه مور، ته پريشاني ٿيس.
"ڪهڙن خيالن ۾ پريشان آهين!" شاهوڪار، پريشان ڏسي پڇيس.
"پئسو پئسي کي ڪمائي ٿو." وضاحت ڪندي چوڻ لڳس: "انهيءَ لالچ تي پنهنجا پئسا، تو وارن ۾ اڇليا اٿم، هن وقت تائين منافعو منافعي جي ماڳ، مُور ئي نه موٽيو آهي. ان ڪري پريشان آهيان."
"ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ پئسو پئسي کي بلڪل ڪمائيندو آهي! مون وارا پئسا تو وارن پئسن کي ڪمائي ويا!" واپار جو اصول بيان ڪندي چوڻ لڳيس: "گهڻا پئسا، ٿورن پئسن کي ڪمائيندا آهن."
مطلب:١- خالي هٿن تي، پيٽ گذر ڪان وڌيڪ دولت هٿ نه ٿي اچي.

## ١٢٣. ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٽ. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو شخص شهر مان وڪر وٺڻ پئي ويو ته هڪڙي دوست واٽ ويندي، واتين ويٺين، چيس: "مون لاءِ فلاڻي شيءِ آڻجانءِ؟!"
ٻئي دوست ٻه ٽڪو ڏيندي چيس: "يار شهر وڃين ٿو ته مون لاءِ ٽڪي جا موٽ آڻجانءِ!"
شهر گهمي موٽيو ته ٻئي دوست مليس. جنهن دوست ٽڪو ڏنو هيس، تنهن کي موٽ ڏنائين. ٻئي کي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻڌايائين.
"هن لاءِ موٽ آندئي ۽ منهنجي لاءِ سودو نه آندئي! ڇو؟" پهرئين دوست پڇيس.
"هن پئسا ڏنا هئا، تو ڪئي هئي رڳي ڳالهه! تنهن ڪري ...." وضاحت ڪندي ٻڌايائينس: "ڳالهين سنديون ڳالهيون ٽڪي سندا موٽ."
مطلب:١- ڳالهه ڪرڻ سان ڪم نه ٿيندا آهن. پر هَڌُ هلائڻ سان/خرچ ڪاپار ڪرڻ سان ٿيندا آهن.
٢- نينهن نياپي نه ٿئي.

## ١٢٤. لالچ ڇڏڻ سان عزت ملي ٿي. (هندي، چوڻي)

هڪڙي گروءَ پنهنجي چيلي کي نصيحت ڪندي چيو: "دنيا کي ٺُڏي ڇڏ! ڇو جو دنيا سان محبت ڪرڻ واري جو ڇوٽڪارو نه ٿيندو!"
هڪڙي ڏينهن اهو چيلو، گروءَ جي ڪچهريءَ ۾ آيو. گهڻي رَش سبب ڪيس ويهڻ لاءِ جاءِ نه مليس. وينل چيلن مان هڪ کي مُهرُن جي مُٽِ آچي، جاءِ ورتائين.
جڏهن گروءَ جي ويجهو ٿيو ۽ راز نياز ٿيو ته ڪيس چيائين: "اوهان ته چيو هو: دنيا کي لت هڻي ڇڏ! اڄ ته دولت هئڻ سبب، اوهان سان ويجهڙائي نصيب ٿي آهي."
"جنهن دولت ورتي، ان ڪان اها جاءِ وئي! تو دولت ڇڏي، توکي اها جاءِ ملي. دولت هئڻ سبب عزت نٿي ملي پر ڇڏڻ سبب! گروءَ چيلي جي ڳالهه کي سنئون ڪندي چيو: "لالچ ڇڏڻ سان عزت ملي

تي.”
مطلب:١- دنيا جي پنيان ڊوڙبو تہ ڊوڙندي ويندي. دنيا کي ڇڏبو تہ پويان ايندي.
٢- جيکي دنيا جي پويان ويا، سي موٽيا ئي ڪين.

## ١٢٥. لالچ، ڪتن سان گڏ ڪارائي. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙو بادشاهہ شڪار ڪندي رستو ڀلجي ويو ۽ جهنگ ۾ هڪڙي ڀڪرار جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي نڪتو. ڀڪرار ماني وغيره کارايس.
بادشاهہ ڀڪرار جي ڪتي جي ڳچيءَ ۾ موتي ڏٺو، جيڪو ڏاڍو وڻيس. ڀڪرار کان ان بابت پڇيائين: “ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ڇا ٻڌو اٿئي؟!”
“هتي پرسان ڪڏ آهي، اها اهڙن مٽيل سان ڀريل آهي. هڪڙو مٽيو ڪٽي ڪتي جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو اٿم!”
“مون کي انهن مٽين واري ڪڏ ڏيکار!” بادشاهہ هِرکُ هاريندي چيس.
“جيڪو منهنجي ڪتي سان، ان جي چَٽِ ۾ کير لڪيندو، تنهن کي اها مٽين سان ڀريل ڪڏ ڏيکاريندس!” ڀڪرار شرط رکندي چيس.
بادشاهہ ڀرين تتايو. نيٺ پنهنجي دل ۾ دليل ڊوڙائيندي چيائين: “هينئر تہ کير ڏسي بہ ڪونہ ٿو! ڀڪرار کي بہ خبر ناهي تہ مان بادشاهہ آهيان. بهتر آهي تہ جهڙي نموني سان موتين ملڻ جو موقعو ملي. سو سجايو ڪيان!”
دل مَنُ جاچي، ڪتي سان گڏ کير لَڪِڻ لاءِ تيار ٿي ويو. جڏهن ڪتي سان کيرُ لَڪَي دنگ ڪيائين تہ ڀڪرار ٻڌايس: “سائين! مٽيا بہ ڪڏن ۾ ٿيندا آهن ڇا؟.... مون فقط اوهان جو امتحان پئي ورتو!”
“ڪهڙو امتحان؟!”
“اهو امتحان تہ لالچ ۾ اچي، توهان ڪيترو ڪري سگهو ٿا. بيشڪ پڪ ٿي وئي تہ .... ” ڀڪرار امتحان جو سبب ٻڌائيندي چيس: “لالچ ڪتن سان گڏ ڪارائي!”
مطلب: لالچ ۾ اچڻ بعد، ماڻهو هر ڪنو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي.

## ١٢٦. لک ڪٽيا ڏُومٽيءَ، جي ڏُوم سلامت آيو. (هندي، پهاڪو)

هڪڙي ڏُومٽيءَ /لنگهياڻيءَ/ مڱڻهارڻ جو مڙس، وڏي ڏِسُ تي ڪمائڻ ويو. گهڻو وقت گذرڻ پڄاڻان، ڏُومُ هڪ ڏينهن هٿين خالي اچي گهر پيڙو ٿيو. ڏُومٽي ڏاڍي خوش ٿي ۽ منايون ورهايائين. منائي ونڊ ويل پاڙي وارين ڏُومٽيءَ کان پڇيو: “مڙسنهن وڏي وقت ڪانپوءِ آيو آهي! آندو ڇا اٿئين جو ڪٽي خوشي ڪئي اٿئي؟!”
“شڪر آهي ! جيئرو سلامت موٽي آيو آهي! انهيءَ کان وڌيڪ ڪهڙي خوشي؟!” ڏُومٽيءَ خوشي ملهائڻ جو سبب ٻڌائيندي چين: “لک ڪٽيا ڏومٽيءَ جي ڏوم سلامت آيو.”
مطلب: جان بچي، لک ڪمايو.

## ١٢٧. لوڀيءَ سندي راڄ ۾، نوڳي مري نه بک. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي هندوءَ کي پٽ جي شاديءَ جو ڪاڄ ڪرڻو هيو. پر وٽس پئسا ڪين هئا. گهرواريءَ کان پڇيائين: "ڏياڻي! پُٽ ته پرڻائين ٿي. پر ڪاڄ لاءِ ڪو ڏوڪڙ پئسو به اٿئي ڪين نه؟!"
"نڪو!" جوٽس وراڻيس: "ڏوڪڙ پئسو ته آهي ئي ڪونه!"
"پلا!" مڙس اڳ ڏئي پڇيس: "گهر ۾ ميڙي چوندي گهٽي ٿيندي؟!"
"ميڙي چوندي وري ڪهڙي هوندي! سوٽي پوٽي ڪمائيءَ مان الائي ڪيئن ٿو وقت گذري!"
جوٽس ويچارو منهن ڪندي ٻڌايس: "ها! البته هڪڙو ٽڪو آهي، جيڪو گهر ۾ پيو آهي!"
"مون کي آڻي ڏي!" مڙسس ٺپُ ڏيندي چيو: "ٽڪو وڏا ڪم ڪندو!"
زال کان ٽڪو وٺي. هڪڙي هَٽَ- واڻيي وٽ پهتو. ڪيس چيائين: "پائي! مهيني لاءِ روپيو اڌارو ڪپي!"
"وياج تي ڏيندس!" دڪاندار چيس: "مهيني جو وياج ٽڪو ٿيندو."
"اهو ته اڳوات ئو ڏيان!" ٽڪو ڏيکاري، لالچائي وڌائينس.
واڻيي به لالچ ۾، ٽڪو وٺي روپيو چوڙي ڏنس.
شهر مان روپئي جا ٻتيهه ٽڪا مٽائي، هڪڙي وياج- خور وٽ آيو. ڪيس چيائين: "وياج تي مهيني لاءِ پئسا اڌارا ڪپن!"
"وهنوار تي ڪوڙ پئسا!" وياج- خور، ڪيس گراهڪ سمجهي چيو: "روپئي تي ٽڪو وٺندس. جيترو پاڻ ۾ وياج ڏئي سگهڻ جو پُوتو پائنين اوترو قرض ڪڻ!"
"وياج جو نرخ ته وڏو آهي! پر چا ڪجي! پٽ جي ڪاڄَ لاءِ ٽيهن روپين جي سوڙهه تي پئي آهي."
وياج- خور کي شيشي ۾ لاهڻ لاءِ ٽيهه ٽڪا اڳوات ڏيندي چيائين. "سِيڌو به توکان ڪٽندس! هيءَ وٺ ٽيهه ٽڪا وياجيرو."
مٿيان ٻه ٽڪا، وياجيءَ جي پٽ کي خرچيءَ طور ڏنائين. واڻيي پٽ جي ٻه ٽڪا خرچي ۽ ڳرو وياج، اڳوات ايندي ڏٺو ته يڪدم ڪير لاهي ٻيهي رهيو. جهٽ ۾ ٽيهه روپيا ڪڍي ڏنائينس.
هندوءَ پنهنجي پٽ جو ڪاڄ وقت سارو ڏاڍيءَ ڌام ڌوم سان ڪيو. جڏهن وياج ۽ موڙي موٽائڻ جو وقت آيو ته ٻنهي وياجين آڏو پڙُ ڪڍي ٻيهي رهيو. ٻئي رڙندا رهيا.
ڳوٺ واري واڻيي کي هڪڙو ٽڪو ۽ شهر واري دڪاندار کي پٽ جي خرچيءَ سميت ٻتيهه ٽڪا ڦٻيا. اها ڳالهه ٻڌي هڪڙي سالڪ چيو: "لوڀيءَ سندي راڄ ۾، نوڳي مري نه بک!"
مطلب: جتي لوڀي هجن، اتي نوڳي بک نه مرن.
پيٽيو: ديگڙا وپامندا آهن ته ديگڙا مرندا به آهن.

## ١٢٨. ماٺ ڏاڍي مني آهي. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي بادشاهه جو وزير، ڏاڍو سياڻو هو. بادشاهه کي دل ۾ خيال آيو: "هيءُ هيترو هوشيار آهي ته پٽس ته الائي ڪيترو سياڻو هوندو؟"
اهو خيال ايندي ئي وزير جي پيءُ سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. مَڃاڻ وزير جو پيءُ چرڙيو هيو. پهرين ته وزير به ٽنايو، پر نيٺ حڪم جي تعميل ڪرڻي پيس.

هڪ ڏينهن پيءُ کي سنبرائي، دربار ڏانهن وٺي پئي آيو. رستي ۾ هڪڙي دڪان تان مصري ۽ ڳڙي وٺي ڏنائينس. پٽس کي مصري ڏاڍي مٺي لڳي، تنهن تي پڇيائينس: "ابا! هيءَ ڇا هي؟"
"ابا! اها ماٽ آهي!" وزير، مصريءَ بابت پيءُ کي ٻڌايو.
جڏهن بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتا ته ڪچهريءَ ۾بادشاهه وزير جي پيءُ کان پڇيو: "ڪهڙي شيءِ ڏاڍي مٺي آهي؟!"
"ماٽ ڏاڍي مٺي آهي!" وزير جي پيءُ، تازي تجربي مان ڪيس مستفيض ڪندي ٻڌايو.
مطلب: صبر ڪرڻ واري کي ٻنهي جهانن ۾ سک ملي ٿو.
٢- صبر جا سورنهن، تڪڙ جا تيرنهن آهن.
٣- صبر جن جو سِيرُ، تِيرُ نه ڳسي تن جو.

## ١٢٩. مالڪ وڃن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وڃن غوطا کائيندا. (هندي ۽ پهاڪو)

ٻن ڌرين جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿيو ۽ وڃي ڪورٽن ۾ پيا. شاهديءَ لاءِ ڪورٽ سڀوريءَ ٻنهي ڌرين کان شاهد گهريا. هر ڌر پنهنجي شاهديءَ لاءِ گواهه تيار ڪيا. ريهي ريبي، ڏنا آسرا ڏئي، ڪين ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون. جڏهن شاهديون پوريون ٿيون ۽ موٽ تي ته رستي تي درياهه پار ڪرڻ وقت، مالڪ اڳوات وڃي ٻيڙين ۾ چڙهيا. شاهد خالي ڪيسن سبب مولهاٽا ڏيئي چڙهيا. ڪين غوطا ڪائيندو ڏسي. ٻيڙيءَ جي ملاح چيو:
"مالڪ وڃن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وڃن غوطا ڪائيندا."
مطلب:١- ڪم نڪرڻ ڪانپوءِ ڪير ڪنهن کي ڪين ليکيندو آهي.
٢- ڪرهيي جي ميلي ڪانپوءِ ڪپڙن کي ڏجي باهه.
٣- ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو.
٤- ڪم لٿو، ڪاڳر ڦاٽو.
٥- ندي پار ٿيڻ کان پوءِ، تون ڪير مان ڪير؟

## ١٣٠. مرشد لاءِ دال، ته خليفن لاءِ خال. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو مرشد سڳورو خليفن جي لوڏ ساڻ ڪري غريب مريدن جي مٿان اچي ڪڙڪيو. مريد ويچارا مسڪين مارو ماڻهو هئا. وڏي مٿا ڪُٽ ڪانپوءِ مرشد سڳوري لاءِ دال جو بندوبست ڪري سگهيا. سمجهيائون ته غريباڻي حال سارو مرشد سڳوري جي چڱي ضيافت ٿيندي.
مرشد جي پيٽ جو الڪو پلي، خليفن جي پيٽ پرڻ لاءِ دل مَنُ هٽڻ لڳا. ڪجهه نه سُجهين ته مرشد سڳوري سان مشورو ڪرڻ آيا: "سائين اوهان لاءِ ته دال رڌرائي آهي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته خليفن لاءِ ڇا رڌٿو پوندو!؟"
دال جو نالو ڪن تي پوندي ئي مرشد سڳورو تپي باهه ٿي ويو. چي: "مرشد لاءِ دال ته خليفن لاءِ خال."
مطلب: جتي وڏن جو مان ئي ڪونهي، اتي ننڍن جو ڪهڙو حال هوندو؟

### ١٣١. مڙس بنا ويهون کير نہ کري. (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي مائيءَ، هٿن جا پورهيا ڪري، پيٽ ڪاٽي، اوڏيهہ روپيا گڏ ڪيا هئا. سَڏَ هيس تہ ويهارو روپيا پورا ٿين. وڏيءَ ڪوشش جي باوجود ويهہ روپيا پورا نہ پئي ٿيس.

ٿورن ڏينهن ۾ مڙسهنس چڱا پئسا ڪمائي آيو. گهر جي خرچ پکي لٿي، هڪڙو رپيو بچيو ۽ هاڻي مائيءَ وٽ ويهہ روپيا پورا ٿي ويا.

"ادي! مهيني ڪان ويهہ روپيا پورا نہ ٿي ٿيا." هڪڙي پاڙيواريءَ کي ڏاڍ هٽندي ٻڌايائين: "اڄ مڙس ڪمائي آيو، تڏهن ويهہ روپيا پورا ٿي ويا."

"ادي! سچ ٿي چوين!" پاڙيواريءَ تائيد ڪندي چيس: "مڙس بنان ويهون کير نہ ڪري."

مطلب: مڙس ئي عورت لاءِ اجهو آهي.

### ١٣٢. مفت جو شراب، قاضيءَ کي بہ حلال. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙو قاضي، مئخاني وٽان لنگهيو تہ تاڙي /شراب پيئندڙن، کيس پيئڻ جي صلاح ڪئي.

"پيئڻ سخت گناهہ آهي ۽ غير واجب آهي!" قاضيءَ دليل ڏيندي چين: "۽ ٻي ڳالهہ تہ اهڙا شوق ٿيندا آهن پئسي تي، جيڪي مون وٽ تہ آهن ئي ڪونہ!"

"پئسي جي پرواهہ نہ ڪر!" شرابين زور ڀريندي چيس: "اسان پنهنجي پئسن سان ٽا توکي پياريون."

"پوءِ ترسو تہ مان پنهنجي وڏي پٽ کي بہ وٺي اچان! قاضيءَ آماده ٿيندي چين. "مان ان کان سواءِ پيئندو ناهيان!"

قاضي پٽ وٺي آيو. ٻيئي پيئڻ لڳا. هڪڙي همراهہ رڙ ڪري چين: "مفت جو شراب، قاضيءَ کي بہ حلال."

مطلب: مفت جو بڇو بہ، پلو آهي.

### ١٣٣. مُنڍِيل هٿن سان، وڙهي ڪين سگهبو. (ڪوهستان، پهاڪو)

هڪڙو اٻوجهہ نوجوان ڪنهن طرف ٿي ويو. کيس هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي ۾ ڍال هئي، رستي ويندي هڪڙو اڙٻنگ جوان گڏجي ويس. جيڪو ڏکو هٽي تيڙ تاڙي تہ ڦري ويس پر ڍال ۽ تلوار بہ ٽڳايون ويس.

"توسان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي!" ڳوٺ وارن ڦُرِ جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيس: "هٿيار تہ تو وٽ مضبوط هئا، پوءِ وڙهئين چو ڪين؟ بچاءُ چو نہ ڪيئي؟ مقابلو چو نہ ڪيئي؟....."

"ادا! ڪهڙي ٽا ڳالهہ پڇو؟ مان چو-ڪنيو سڪ هئس! هڪ هٿ تلوار ۾ هٿيڪو هيو تہ ٻيو ڍال ۾ ٻڌل! وڙهان تہ ڇا سان وڙهان؟ منهنجا تہ ٻئي هٿ مُنڍِيا پيا هيا." ڦُرجي اچڻ جو سبب ٻڌائيندي چيائين: "مُنڍيل هٿن سان وڙهي ڪين سگهبو."

مطلب: ١- مون پرين، مون ٻڌي وڏو بار ۾.
ايا ائين چون: مڃڻ ! پاند پسائين . (شاهہ)
٢- ڦاتل ماڻهو، مقابلو ڪين ڪري سگهندو.

## ١٣٤. موت جي منهن ۾ وجهڻ لاءِ بہ حوصلو کپي. (سنڌ،چوڻي)

هڪڙي پوڙهي زندگيءَ مان اچي بيزار ٿي ۽ روز وڻ تي چڙهي پئي باڏائيندي هئي: " ڏاٽي منهنجا! گهڻو ٿي ڪاڻم پيٽم ! هاڻي عزرائيل کي موڪلي، ستت مون کي پاڻ وٽ گهراءِ!"

هڪڙيءَ رات، پاڙي وارن جي ڳابي، اٽي جي پاري ۾ ٻوت وجهي وڌو تہ سڱن سبب ٻوتاڙ ان ۾ ڦاسي پيس ۽ انڌن وانگر هيڏي هوڏي ڦرڻ لڳو. هڪڙي اونده ٻيو اکين تي پاري جو اڪياڙ چڙهيس تہ ڳابو هراسجي ونئي پڳو ۽ ڪراڙيءَ جي گهر جي اڱڻ تي اچي بيٺو. ڪراڙي، اونده ۾ ڳابي جي کڙکڙ ٻڌي ۽ هيولا ڏسي سراپجي وئي.

پنهنجون گهريل دعائون دل تي تري آيس. اندر ۾ وسي ويس تہ پڪ ڏاٽيءَ ملڪ الموت کي موڪليو آهي.

من ۾ اهو گمان ويهڻ شرط گهبرائجي وئي.

"ميان عزرائيل!" ڳابي کي چوڻ لڳي: "ڏاٽيءَ، جنهن عورت جو ساهہ آڻڻ لاءِ توکي مُڪو آهي، سا مان ناهيان. اها منهنجي مهاندي منهنجي پيڻ آهي. تون اجايو منهنجي گهر پلجي آيو آهين!"

انهيءَ شور تي ڪراڙيءَ جو وڏو پٽ بہ سجاڳ ٿي پيو. ڪيس بہ ماءُ جون گهريل دعائون ياد هيون. ڳابي جي هيولا کي ڏسي. انهيءَ کي پڻ ڏپ وڪوڙي ويو. ايتري ۾ ڳابي جو مالڪ بہ ڳابي کي ڳوليندو، اتي اچي نڪتو. تنهن لٺ سان ڳابي جي ڳچيءَ ۾ پيل پاري کي پڳو تہ ڳابو ڳچيءَ ۾ پيل ڳرنهن سميت ٽاهہ ڪائي ونئي پڳو. انهيءَ تي ڪراڙيءَ کي لڱن ۾ ساهہ پيو.

"مئو ابو ڏاڏو ڳابي جو!" ڪراڙيءَ سهڪندي چيو: "ابا ڳابي تہ موراڳي ساهہ ئي سڪايو هيو!"

"موت جي منهن ۾ وجهڻ لاءِ بہ حوصلو کپي!" پٽهنس چيو.

مطلب:١- موت، هر شيءِ کان سخت آهي.

٢- ساهہ سڀ کي پيارو آهي.

## ١٣٥. موت، نہ وقت ڏسندو آهي نہ هنڌ. (سنڌ ، چوڻي)

هڪڙي ٻيڙيائت ملاح جي ٻيڙي جڏهن ڪُنَ مان بچي نڪتي تہ هڪڙي مسافر ڪانئس پڇيو: "تنهنجي پيءُ جو موت ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ ٿيو؟"

"منهنجي پيءُ جي ٻيڙي، هڪڙي ڪُنَ ۾ ڦاٿي ۽ غرق ٿي وئي. پاڻ بہ ان ۾ ٻڏي مري ويو!"

"تنهنجي ڏاڏي جو موت، ڪهڙي سبب جي ڪري ٿيو؟"

"سندس ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل وهٽن، وچ سِيرَ ۾ پهچڻ وقت ٽاهہ ڪاڏو تہ ٻيڙي هڪ پاسي اوهرجي، اونڌي ٿي پئي، جنهن سبب ڏاڏي جو موت ٿيو."

"پوءِ تون اجا بہ درياهہ تي ٻيڙي هلائڻ کان نٿو مڙين!؟!"

ملاح گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويو. سوچي سوچي ڪانئس پڇيائين: "تنهنجي پيءُ جو موت، ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ ٿيو؟"

"بيماريءَ سبب، بستري تي!"

"تنهنجي ڏاڏي جو!؟"

“ان جو به بستري تي، بيماريءَ سبب.”
“پڙ ڏاڏي جو؟”
“ان جو به ائين ئي، کٽ تي.”
“پوءِ تون اجا کٽ تي سمهين ٿو؟!.... خير ائين ڪونهي....” همراهه کي سوچ ۾ غرق ڏسي، ملاح وري چوڻ لڳو: “موت، نه وقت ڏسندو آهي نه هنڌ.”
مطلب: موت جو ذائقو، هر ساهدار کي چکڻو آهي.

## ١٣٦. مئي ڪتي، پرچهه نه وڃائجي. (سنڌ، پهاڪو)

هڪڙي همراهه کي پنهنجي دوست جو ڪتو ڏاڍو وڻندو هو. سدائين دل ۾ خيال ڪندو هو: “فلاڻي جو ڪتو ڏاڍو عمدو آهي، جيڪر ڪانئس گهران!”
هڪ ڏينهن نهي سنبري انهيءَ لاءِ نڪتو. دوست وٽ پهتو ته خبر پيس، ڪتو مري ويو آهي. تنهن هوندي به دوست کي چيائين: “مون کي تو وارو ڪتو ڏاڍو وڻندو هيو. مان اڄ سنبري ان لاءِ نڪتو هيس ته توکان اهو گهران! پر افسوس ... اهو مري ويو آهي.”
“يار! ڪتو ڏاڍو لاجواب هيو! ۽ ڏيڻ جهڙو ئي نه هو. اڄ هجي ها ته شايد توکي ته ڇا ڪنهن کي به نه ڏيان ها!”
“يار!عجيب دوست آهين! وِيلَ وَٽُ لاءِ پيو اکيون پورين.” دوست طعنو ڏيندي چيس: “مُئي ڪتي پرچهه نه وڃائجي!”
مطلب: ١- اجائي ڳالهه تي ضد بڌي، دوستي نه ڦٽائجي!
٢- ڏجي نه، ته ڏکوئجي به نه.

## ١٣٧. نه اڳلا نه پڇلا، مال ڪاڳيا وڇلا. (سرائڪي، پهاڪو)

هڪڙي جبل جي غار ۾ هڪ بزرگ ويني رياضت ڪئي. غار مان ميداني علائقو صاف ۽ چٽو پئي نظر آيس. ميدان ۾ هڪ کوه هيو، جنهن مان راهگيرن پاڻي به پئي پيتو ۽ پر واري نندي وڻ جي ڇانءَ ۾ ٽڪ پيجي، تازو توانو ٿي، پنهنجي منزل ڏانهن وک به پئي وڌائي.
هڪ ڏينهن هڪڙو گهوڙي سوار مسافر آيو. چيلهه سان بڌل ناڻي جي هِمياڻي چوڙي هيٺ رکيائين. پاڻي پي آهِليو ته اک لڳي ويس. اک کلڻ تي پاڻ کي تازو توانو سمجهندي، يڪدم گهوڙي تي چڙهيو ۽ منزل ڏانهن رخ رکيائين. اُبهرائپ ۾ اشرفين سان پريل هِمياڻي کڻڻ وسري ويس.
جيڏانهن ويو، اوڏانهن کان ٻيو گهوڙي سوار مسافر آيو. جنهن کوه تي لهي، پاڻي پيتو. وڻ جي ڇانءَ هينيان آساس وننڊي هِمياڻيءَ تي نظر پيس. کڻي چيلهه سان ٻڌيائين ۽ ان طرف روانو ٿيو، جنهن طرف کان پهريون مسافر آيو هئو.
پني ئي نه ڏنائين جو هڪڙو ڪانير جهنگ مان ڪانين جي پري مٿي تي رکيون، شهر وڪڻڻ لاءِ ويندي کوه تي آيو. پري لاهي پاڻي پيتائين ۽ وڻ جي ڇانءَ ۾ ٽڪ پيجڻ لاءِ آهليو مس ته ننڊ کڻي ويس.

ايتري ۾ پهريون مسافر موٽيو ۽ لت هڻي ڪانير کي ننڊ مان اٿاريندي پڇيائين: "اشرفين جي هِمياڻي ڪاٿي آهي!"

"مون کي خبر ناهي!"

ڪنو جواب ڪيس نه وڻيو. هڪدم مياڻ مان تلوار ڪڍي، سندس سِرُ قلم ڪيون هليو ويو.

"نه اڳلا نه پڇلا، مال ڪاڳيا وچلا!" ٽڪريءَ جي غار ۾ رياضت ڪندڙ بزرگ جي واتان بي اختيار نڪري ويو.

مطلب: اڳيان محنت ڪري ويا، وچن قل ڪاڏو ۽ پويان لوڙين تا پيا.

## ١٣٨. نه اڳلا نه پڇلا، واه جا وچلا. (سرائيڪي ، پهاڪو)

هڪڙي بادشاهه کي ٽي ڌيئر هيون. وڏي ڌيءُ رنگ جي سانوري ۽ عُمرِ ۾ چڙهيل هئس. وچين رنگ جي موچاري ۽ جوانيءَ سبب سهڻي نظر پئي آئي. ٽين ننڍي هئي ۽ اجا رنگ نه ڪڍيو هئائين.

هڪ ڏينهن محلات مان سير لاءِ نڪتيون ته رستي ۾ هڪڙو درويش نظر آين، جيڪو چوندو پئي ويو: "نه اڳلا نه پڇلا، واه جا وچلا."

هنن اهو جملو پاڻ ڏانهن منسوب سمجهيو ۽ موٽڻ مهل پيءُ کي دانهن ڏنائون. درويش کي دربارِ ۾ پيش ڪيو ويو. ڪانئس انهيءَ جملي جو مطلب پڇيو ويو ته ٻڌايائين: "مان هن وقت ڪراڙو ٿي ويو آهيان ۽ هلڻ کان لاچار آهيان. ٻين جو محتاج ٿي پيو آهيان. هيءُ منهنجو پويون وقت آهي. اڳئين وقت ۾ ٻار هئس ۽ ٻين جو محتاج هئس. ٻنهي دورن کان وچون وقت ڀلو هو. جوان ۽ خوبصورت هئس. هاڻي ٽئي دور اکين سان ڏسڻ ڪانپوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان!" درويش ڳالهه جو نچوڙ پيش ڪندي چيو: "نه اڳلا نه پڇلا، واه جا وچلا."

مطلب : ٻارائپ ۽ ٻڍائپ کان، جوانيءَ جو وقت تمام گهڻو شاندار آهي.

## ١٣٩. نه پرڻ ۾ پاڻي ايندو، نه ئي ڏوڙِ ڏاٽيون وٽبيون. (ساهتي، پهاڪو)

هڪڙي ڳوٺ وارا ٻئي ڳوٺ مان گهوٽ پرڻائڻ پئي ويا ته ڳوٺ جي ڪراڙي ۽ پريي مڙس به ڪين ايلاز ڪيو: "مون کي به ساڻ وٺي هلو!"

"ڪراڙا ! تون سفر ۾ تنگ ڪندين! تنهن ڪري تنهنجي هلڻ مان اسان کي تڪليف ٿيندي!"

ڪيس ائين چئي، ڳوٺ ۾ ڦٽي ڪري ويا.

ڪراڙو به نه مڙيو. ٽڙي ڦڙي، ڪنهن ذريعي سان وڃي اتي نڪتو. وڃي ڏسي ته جڃ ڪنهن مسئلي ۾ منجهي ويني آهي ۽ گهوٽ ته پرڻجي ئي ڪو نه پيو.

"جڃ ڇا ۾ مُنجهي آهي." ڪراڙي پاسِرو ڏئي، هڪڙي همراه کان پڇيو.

"ڪراڙا ! ڪنواريتا ٿا چون: ڏوڙِ ڏاٽيون وٽي ڏيو ته ڪنوار توهان جي حوالي ڪيون!" ان همراه ڪانئس پڇيو: "هاڻي تون ٻڌاءِ؟ ڏوڙِ مان ڏاٽيون وٽبيون آهن؟"

"ابا! ان ڳالهه جو جواب ته سولو آهي!" ڪراڙي ڪيس چيو.

پوڙهي جي اها ڳالهه ٻڌي سڄي جڃ متوجه ٿي وئي.

“اهو ڪيئن سولو آهي؟” ڪنواريتن پڇيس.
“پرڻ ۾ پاڻي آڻي ڏيو! مان تو توهان کي ڏوڙ جون ڏاٽيون وٺي ڏيان!”
“پرڻ ۾ پاڻي ڪيئن ايندو؟” ڪنواريتن اعتراض واريندي چيس: “ڪراڙا! مت ته ڪا نه وئي اٿئي!”
“منهجي مت نه وئي آهي! پر توهان جي وئي آهي!” ڪراڙي جرح ڪندي چين: “نه پرڻ ۾ پاڻي ايندو، نه ئي ڏوڙ ڏاٽيون وٺبيون.”
مطلب: ١ . پرڻ ۾ پاڻي نه پوندو ته ڏوڙ جون ڏاٽيون به نه وٺبيون.
٢ . نه نَوَ مڻ تيل ايندو، نه راڌا نچندي.
٣ . نه عراق مان ترياق ايندو، نه نانگ ڏنگيل بچندو.
۴ جنهن محفل ۾ پير مرد ناهي، ان محفل ۾ ڪو نه ڪو ڪم ضرور ڪرندو.

## ١۴٠. نَرُ ننگو، ناري لڄ. ( چوڻي )

هڪڙو شهزادو، هڪ گهٽيءَ مان لنگهيو ته هڪ در تي سهڻي ضائفان نظر آيس. ڏسڻ شرط، مٺس عاشق ٿي پيو. عورت حياءَ ڪان يڪدم اندر هلي وئي. مرد پاڻ نه پلي سگهيو. اڻ پڇيو ۽ ريءَ سڏيو سندس پويان، گهر ۾ گهڙي پيو.
عورت گهر ۾ هڪڙي ننيڙي پار سان ترسيل هئي. مرد ماڻهو ڪين هيس. غير مرد کي گهر ۾ آيل ڏسي چيائينس: “مون توکي اندر چڙ جو اشارو نه ڏنو آهي! پوءِ ڪيئن اڻ پڇيو گهر ۾ گهڙي آئين!؟”
“مان توتي عاشق ٿي پيو آهيان!” مرد دليل ڏيندي چيس: “تولاءِ پاڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان!”
“عورت کي، مرد ڪان چاليهه ڀيرا نفساني خواهش هوندي آهي.” عورت رَدُ ڏيندي چيس: “تنهن هوندي به مان صبر سان پنهنجي گهر ۾ ويني آهيان ۽ تون لوڙها لتاڙيندو تو وتين!؟”
“مان پاڻ نه تو پلي سگهان!” مرد وراڻيو.
“نَرُ ننگو، ناري لڄ.” عورت رهڙ ڏيندي چيس: “ان ڪان اڳي جو منهنجو مڙس پهچي، هتان هليو وڃ! نه ته پاڻ ته ويل ۾ پوندين پر مون کي به ڏچي ۾ وجهي ڇڏيندين.”
مطلب : ١ عورت کي لڄ / حياءُ آهي. جڏهن ته مرد بي صبرو / اُبهرو آهي!
٢ . مرد جي سونهن مردانگيءَ ۾، عورت جي سونهن حياءَ ۾ آهي.

## ١۴١. نقصان پوڻ کان پوءِ نصيحت ڪرڻ ، ڪهڙي ڪم جي؟ (فارسي، پهاڪو)

هڪ ماڻهوءَ پنهجي پٽ کي سڏ ڪري چيو: “مهمان لاءِ شيشي جي گلاس ۾، پاڻي ڀري آ!”
چو ڪرو تعميل ڪرڻ لاءِ وڃڻ لڳو ته کيس واپس سڏي زوردار ٿڦڙ هڻندي چيائينس: “گلاس خيال سان کڻجانءِ! متان ڪيرائي وجهين!”
ان تي مهمان چيس: “گلاس ڀڃي ها ته پوءِ، کيس ٿڦڙ هڻين ها! اڳي جو هنيسي؟!”
“نصيحت خاطر کيس ٿڦڙ هنيم! گلاس ڀڃڻ کانپوءِ سزا ڏيڻ مان کهڙو ڪم فائدو؟” وضاحت ڪندي ٻڌايائينس: “نقصان پوڻ کان پوءِ نصيحت ڪرڻ، ڪهڙي ڪم جي!؟”

مطلب: نقصان پوڻ کان پوءِ روئڻ مان ڇا فائدو؟
٢_ هارئي کير لاءِ روئڻ مان کهڙو فائدو!

## ١٤٢. نکمو، پکيءَ ٻير هينان ٻه بک مري. (سنڌ پهاکو)

هکڙو تونٽي همراهه پريل ٻير هينان ستو پيو هو. اٿڻ لاءِ دل ئي نه پئي گهريس. اوري پري، کيترا ئي ٻير ڇٽيا پيا هئا، پر سستيءَ سبب ڪٽي نه پئي کاڌائين. هکڙو ٻير ته سندس پيٽ تي ٻه اچي ڪريو، ته ٻه مڙس ڪٽي نه کاڌو.
ايتري ۾ سندس پرمان هکڙو گهوڙي سوار اچي لنگهيو. متس نظر پوندي ئي ڪيس سڏيائين.
گهوڙي سوار، همدرديءَ خاطر گهوڙو جهلي، لهي آهو.
"ادا ! چؤ! تو کي هکڙي مدد جي ضورت آهي!" گهوڙي سوار پڇيس.
" ادا! بک ٿو مران! جيڪر کائڻ لاءِ کجهه هجئي ته ڏينم!" پيٽ تي پيل ٻير ڏانهن اشارو کندي چيائينس: "ٻيو نه ته هيءُ ٻير ئي وات ۾ وجهينم ته وات چگو ٿئينم!"
"ادا! تو کي ٻه شابس آهي! بک مرڻ تهنجو حق آهي! "گهوڙي تي لانگ ورائيندي چيائينس: "نکمو، پکيءَ ٻير هينان ٻه بک مري!"
ملطب : سست / تونٽي / نکمو ماڻهو، هر حال ۾ ٻين جو محتاج رهي ٿو.

## ١٤٣. نوٽن جي پٽ نهرائڻ سولي، سرن جي اولي. (سرو، چوڻي)

عالومل نالي هک هندو، شهداد کوٽ شهر ۾ وڏو سينيو هيو. بختاور اهڙو هيو جو مٽيءَ ۾ هٿ وجهي ته مٽي سون ٿي پوي. هک دفعي گهر جي پٽ ڍهي پيس. نهرائڻ لاءِ رازي کي گهرايائين. پٽ ڏيکاري، مٽيريل ۽ خرچ بابت پڇيائينس.
"ديوان! ٻه چار ٻوريون سيمينٽ جون، مڻ کن سريو، ٻه ٽي مڻ بجرو ۽ ريتي، سرن جا ٻه ٽي هزار، چُوني جي ٻوري اڌ ايندي." رازي، سبز باغ ڏيکاريندي چيس: "اميد ته ڏينهن- اڌ ۾ پٽ تيار ٿي ويندي."
عالومل سهکندو، ٻڌايل سامان شهر مان وٺي آيو. کم شروع ٿيو. کڏهن ٻه ٻوريون سيمينٽ جون پيون گهرجن. کيڏيءَ مهل ريتيءَ جو گاڏو ڍکي پيو اچي ته کيڏيءَ مهل چُونو پيو کٽي. عالومل جي اچ وڃ هجي. اجا ڍکي ڍکي گهر نه پهچي ته وري سهکندو سامان وٺڻ وڃي. ڍکي ڍکي مڙس جي ڏوتي ئي کسي پئي.
"سيٺ آهي ته خير!؟" ريتيءَ بجريءَ واري دکاندار پڇيس: "نهرائين ته چڙي پٽ ٿو، صفا کٽ تي پيو آهين!"
"ادا خبر ئي نه پڇ! پٽ پڃي لاٿو آهي. بينک مان پئسا کڍائڻ سولا آهن......" نرڙ تان ڏوتيءَ جي پَلوَ سان پگهر اگهندي چوڻ لڳو: "نوٽن جي پٽ نهرائڻ سولي، سرن جي اولي!"
مطلب : ١ . هر کم، محنت کانسواءِ نه ٿو ٿئي.
٢ . پئسو خرچ کرڻ سولو، کمائڻ ڏکيو آهي.

## ١٤٤. واڻکو ٻار بہ نفعي جي لالچ ۾ ڏک کائيندو آهي. (هندي ۽ چوڻي)

هڪڙي واڻيي جو ڇوڪرو، چاڪيءَ کان تيل جي ڏڪِي انين آني ۾ وٺي، مٿي تي کنيو دڪان تي ٿي آيو جو رستي ۾ هڪڙي سوني اشرفي نظر آيس. دل ۾ چيائين: "جڪڏهن جهڪي اشرفي کڻندم تہ گهٽا مالک تي پوندس! اشرفي بہ ڇڏڻي ناهي!"

اهو پور پچائي کڻي پاڻ چڙيائين. مٿي تي رکيل تيل جي دکي ٽُکر ٽُکر ٿي وئي. تيل هارجي ويو. ماڻهن جي پهچڻ کان پهرين هاريل تيل منجهان واڻيي اشرفي کڻي کيسي ۾ وجهي ڇڏي. آيو ويو کيس اتارڻ ۾ لڳي ويو ۽ تيل نقصان لاءِ آتت ڏيڻ لڳس.

واڻيي جو هڪڙو دوست پٽس جو نقصان ڏسي، دڪان تي پهتو. ڇوکر هتان پيل نقصان کان پيءُ کي آگاهہ ڪيائين ۽ پٽس جي هڏ- رک هئڻ جي ڳالا بہ ڪيائين.

واڻيي اطمينان سان ٻڌڻ بعد چيس: "خير آهي، منهنجو پٽ آهي! ائين نقصان نہ ڪيو هونداين! اڇي تہ ڪائنس پڇون ٿا!"

ايتري ۾ پٽس بہ تيل جي دکي پراڻيون دڪان تي پهتو. پيءُ پٽ کان رستي ۾ ڪِرڻ جو سبب پڇيو. پٽس کيس سموري ماجرا ڪري ٻڌائي. ٻڌڻ بعد دڪاندار پنهنجي سنگتيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ چيائينس: "واڻکو ٻار بہ نفعي جي لالچ ۾ ڏک کائيندو آهي."

مطلب : ١ . هوشيار ۽ چالاک ماڻهو اهو ڪم ڪندو، جنهن ۾ ٻن رپين جو فائدو هوندس. جڏهن تہ ڏسڻ وارا سمجهندا آهن تہ نقصان وارو ڪم ڪيو اٿائين.

## ١٤٥. واڻيا ٺڪجن تہ مٿي ڪڍن. (ساهتي ۽ چوڻي)

هڪڙيءَ جاءِ جي اڏاوت تي مزدورن مزدوري پئي ڪئي. منجهن هڪڙو واڻيو بہ هيو، جيڪو ڏينهن ۾ ڪيترائي پيرا، جهنگ جي خيال جي بهاني سان موڪل وٺي چڪو هئو. سندس انهيءَ حرڪت تي ٺيڪيدار جي منشيءَ کي ڏاڍي ٻجان بہ آئي. ٽيهريءَ ڏاري وري جڏهن ان مزدور ساڳئي عذر سان موڪل ورتي تہ منشيءَ کي شک پيو.

"اڙي تون هن جي پويان وڃي اک ٽيٽ ڪري ڏسي آ تہ ........؟" منشيءَ ٻئي مزدور کي پويان موڪليندي چيو: "جهنگ جو خيال تو ڪري يا ڪ ٻي لنجهڻ اٿس!"

"مٿيءَ جي ڍيري ناهي، مٿس جهنگ جي خيال واري نموني سان وينو هو!" اک ٽيٽ تي ويل مزدور منشيءَ کي موٽي اچي ٻڌايو: "جهنگ جي خيال جو بهانو هئس!"

"تون ڪم کان ٽٽائين ٿو! واڻيو موٽيو تہ منشيءَ دٻ پٽيندي چيس: "هتان موڪل جهنگ جي خيال جي تو وٺين، اتي وڃي مٽيءَ جي ڍيري ناهي، مٽان تو ويهينس! هن مزور کي، مون اک ٽيٽ لاءِ موڪليو هئو." انهيءَ مزدور ڏانهن اشارو ڪندي چيائينس: "انهيءَ ائين اچي ٻڌايو آهي! اهڙي ٺڳي ڪرڻ تي توکي شرم نہ ٿو اچي!"

"سائين! منهنجو عرض ٻڌو! منهنجو سنگتي بلڪل صحيح ٿو چئي تہ مان مٽيءَ مٿان وينو هئم، پر حقيقت هيئن آهي؟........" واڻئي هٿ ادب جا ٻڌي، وضاحت ڪندي عرض ڪيو: "واڻيا ٺڪجن تہ مٿي ڪڍن!"

مطلب : ١ . واڻيو / دڪاندار هک هنڌ ويهڻ سبب ٺوٺي ٿيندو آهي. ڪائنس محنت مزدوري ڪين

ٿيندي.
٢ . ڪمزور ماڻهوءَ وٽ، ڪمزور بهانا هوندا آهن .

## ١۴٦. وجهي شادي شهيد تي ته ٿورو نه ٿڦجي لونگ فقير تي. (سرو، پهاڪو)

لونگ فقير جو هڪڙو دوست يا دوستيءَ جي دعويٰ ڪندڙ، جيڪو شادي شهيد تي گهڻا پيرا ڪندو هيو. لونگ فقير ۽ شادي شهيد جا مقبرا، ضلعي خيرپور ۾ آهن.
شادي شهيد تي ويندي واٽ ۾ لونگ فقير جو ڳوٺ ايندو هيو. هيءُ يار به اتي لونگ فقير وٽ ترسي، مانجهاندو ڪندو هيو ۽ لونگ فقير تي ٿورو ٿڦيندي چوندو هيو: "تنهنجي سڪ لڳي، بس اچي نڪتس ! پراڻي ياري به ته نباهڻي آهي."
ماني ٽڪي ڪائي، رات ترسي، ٻئي ڏينهن شادي شهيد تي وڃي حاضري ڀريندو هيو.
هڪ ڏينهن اهو راز، لونگ فقير تي کلي پيو. جنهن دوست کي منهن تي چئي ڏنو: "وجهي شادي شهيد تي ته ٿورو نه ٿڦجي لونگ فقير تي!"
مطلب : ١ . منهن ڪري مڪڻ جو، جهوري ڪري جهڻ جي!
٢ . مِنهن مکڻ جو ڪرڻ، جهوري جهڻ جي لڳڻ. (ورجيس).
٣ . شادي شهيد تي وڃڻ، ٿورو لونگ فقير تي ٿڦڻ. (ورجيس)

## ١۴٧. وڏن آئي، ننڍا وسريو وڃن. (سنڌ ، چوڻي)

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو ڪفن چور ساماڻو، جيڪو مُردن جا ڪفن لاهيو هليو ويندو هئو. ماڻهو سندس انهيءَ حرڪت کان ڏاڍا تنگ تي پيا هئا. هڪ ڏينهن اهو مري ويو ته ماڻهن سک جو ساهه کنيو. ٻه چار مهينا نه گذريا ته ٻيو ڪفن چور ساماڻو. جيڪو ڪفن ته لاهي ويندو هيو، پر قبر به اگهاڙي ڦٽي ڪري ويندو هيو. ماڻهو وري ٻيڻا بيزار ٿي پيا ۽ چوڻ لڳا: "اڳيون چڱو هئو، جو فقط ڪفن لاهيندو هيو. خفي ۾ ته نه وجهندو هيو. هيءُ ته موراڳو مُردي کي جهنگ جي مِرُن حوالي ڪيون هليو ٿو وڃي."
"وڏو ڏوهاري پيدا ٿئي ته ننڍا وسريو وڃن!" هڪڙي درويش ائين چيو: "وڏن آئي، ننڍا وسريو وڃن!"
مطلب : ١. وڏن هوندي، ننڍا وسريو وڃن.
٢ . وڏو ڏوهاري، ننڍي ڏوهاريءَ جي تعريف ٿو ڪرائي.
٣ . پويان، اڳين جي تعريف ڪرائين ٿا.

## ١۴٨. وَرُ ته پهريون وَرُ، ٻيو آهي ڪارنهن جو نِڪرُ. (ساهتي، چوڻي)

هڪڙيءَ مائيءَ جي، هڪڙي غريب نوجوان سان شادي ٿيل هئي، جنهن مان ٻه ٻار هئس. مڙس محنت مزدوري ڪري پنهنجو ۽ ٻچن جو پيٽ پاليندو هو پر غربت سبب وقت ڏاڍو تنگ گذرندو هين. ماين جو مذهب آهي، چلڪو. غريب مڙس سندس اهي سڌون پوريون نه ڪري سهگيو، جنهن سبب مائيءَ جهيڙا ڪري ڪانئس طلاق ورتي.

مائي جوان ٿي هئي ۽ سهڻي ٿي. سونهن ۽ جوانيءَ تي ناز ٿي هيس ته مڙس جو کپُ ٿي هئس. طلاق جو داغ لڳڻ سبب ڪير ٿي ساڻس تڪڙ ۾ شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئو. جنهن سبب منهن وجي پٽِ سان لڳس. آخر هڪڙي شادي شده ۽ اڌڙوٽ عمر واري دولتمند سان شاديءَ لاءِ راضي ٿي وئي.
مڙس ته کيس ڏاڍو گهرندو هو ۽ ٻچن جو ٻه ڏاڍو خيال ڪندو هئس. تنهن هوندي ٻه مائي دلي طرح راضي نه هئي. ڪڏهن ڪڏهن صبح جو اٿي ڪَهات ڪري چوندي هئي: ”هاءِ پهريان مڙس!“
”امان! بابا ته توکي روزانو ماريندو هو! ڏک ڏيندو هيئهِ! اسان کي ٻه ان کان وچوڙيئي. تنهن هوندي ٻه تو کي اهو ياد آهي؟ آخر ڇو؟!“ هڪ ڏينهن اڳيئن مڙس مان ڄاول پٽ چئي ڏنس.
”ابا مارون ٻه مڙس ڏيندا آهن! تڏهن تي چوان!...!“ پٽ کي سمجهائيندي چيائين: ”وَرُ ته پهريون وَرُ، ٻيو آهي ڪارنهن جو نڪر.“
مطلب : ١. نعمت کسجڻ ڪانپوءِ ئي، ان جو احساس ٿيندو آهي.
٢ . هر ڪنهن کي پنهنجو ماضي ڏاڍو پيارو لڳندو آهي.
٣ . اڳي جهڙا مرد، هاڻي ناهن.

## ١٤٩. وَرَ راڄ، ٻَرَ راڄ، پُٽَ راڄ، ميچ راڄ. (پنجابي، چوڻي )

هڪڙيءَ عورت جو مڙس مري ويو هو پر پُٽَ جوان هئس، جن جي سهاري پئي جيئندي هئي. پٽن جي شادي ڪرايائين ته ننهن گهر ۾ ايندي ئي اچي ڏنبي ڏنس. ننهن جي تاڻ تپاڻ سبب، مڙس وارا ڏينهن ياد ڪري پئي روئندي هئي. هڪ ڏينهن نندي هوندي جي سهيلي گهمڻ آيس. سندس حال ڏسي، ڏکن سورن جون ڳالهوين پڇڻ لڳس ته ڇلڪي پئي.
”ادي! ڪهڙيون تي سورن جون ڳالهيون پڇين! مڙس وئي جا اندر ۾ ڦٽ اٿئي ڦٽ! اندر ئي جليو پيو اٿئي تون پيڻ آهين، توسان تي اندر جي ڳالهه ڪيان! هونئن ته سڄو ڏينهن زبان تي مهر اٿم. گونگن وانگر تي جيئانءِ! پر هڪڙي ڳالهه ٻڌي ڇڏ!“ دردن جو داستان، ڳوڙهن جي مينهن ۾، ٻڌائيندي چوڻ لڳس: ”وَرَ راڄ، ٻَرَ راڄ، پٽ راڄ، ميچ راڄ!“
مطلب: ١ . خاوند راڄ، بلند راڄ، پُوت راڄ، ڌُوت راڄ. (پنجابي)
٢ . مڙس جو راڄ ائين آهي جيئن رام ۽ سيتا، ايوڌيا ۾ برهه وارن ڏينهن ۾ حڪومت ڪئي. پٽ جو راڄ آهي ميچ / اشاري جو راڄ. يعني پٽ جوءِ جي اشارن /ميچن /چوڻ تي هلي ٿو.
٣ . ڌيءَ کان اڳي ڪائي ونجي، ننهن کان اڳي چوڙي ونجي.
٤ . ماڻِ چوڙِ، جيسن ننهن اچئي! ڪاءُ پيءُ، جيسين ڌيءَ ٿيئي.

## ١٥٠. وڻ وڻ کي، اُڳهاڙ نه ڏيکاربي (سنڌ / ساهتي، چوڻي )

هڪڙي مولوي صاحب وٽ، وضوءَ ۽ استنجا لاءِ هڪڙو ئي نڪر جو ڪونئرو هيو، جنهن ۾ چڱي مقدار ۾ پاڻي ماپندو هيس. اهو ئي سبب هيو جو پراڻو ٿيڻ جي باوجود ٻه ان مان هٿ ڪيڻ لاءِ تيار نه هئو. هڪ دفعي پاڻيءَ پريندي هٿ مان ڇڏائجي ويس ۽ پچي پورَ تي پيس. ان تي ڏاڍو ملال ڪيائين.
”سائين! ڪونئري جهڙي شيءَ آهي! نڪر اڄ جُڙيو، سيان ڊهي ويو! ان لاءِ ايڏو رنج ڪبو آهي؟!

جڏهن ان جهڙا ڪيئي بازار ۾ پيا ملن ته ان جي وڃڻ جو ڪهڙو ڏک؟!" هڪڙي جماعتيءَ چئي ڏنس.
"ڪونئري پڄڻ جو رنج نه اٿم! پر چوان ٿو ته اوگهڙ هڪ کي ڏيکاري هئي. هاڻي ٻئي کي ڏيکارڻي پوندي." ڏک جو سبب ٻڌائيندي چوڻ لڳو: "وڻ وڻ کي، اگهاڙ ته ڪانه ڏيکاربي."
مطلب: هر ڪنهن آڏو، پنهنجا عيب ظاهر نه ڪبا آهن.

## ١٥١. هارئي ڪان پيتو پلو. (هندي، پهاڪو)

هڪڙو ماڻهو شهر مان ٻئي سودي سميت شربت جو شيشو وٺيو پئي آيو ته رستي تي ٺيڙ اچڻ سبب شيشي ۾ سِيرَ پئجي ويس. سِيرَ مان شربت وهڻ لڳو. ڪٽي هلڻ سان ڳوٺ تائين وهي پورو ٿي وڃي ها! حفاظت سان ڪٽي هلڻ لاءِ ٻيو ٿانءُ ٻه نه هيس، جو ان ۾ لاهي ڪٽي هلي.
اهو ويچارُ ڪري، شربت جو شيشو ئي پي ويو. گهر پهتو ته جوءِ آڏي پڇا ڪيس. ڪيس سموري ماجرا ڪري سڻايائين ۽ آخر ۾ شربت پيئڻ جو سبب ٻڌائيندي چيائين: "هارئي ڪان پيتو پلو."
مطلب: مال ملڪيت بين لاءِ ڦتي ڪري وڃڻ کان، پنهنجي هٿن سان پاڻ تي ۽ خدا جي راه ۾ خرچ ڪري وڃجي ته چڱو آهي.

## ١٥٢. هجئي واندڪائي ته وڃ وڏيراڻي اوطاق. (سرو، چوڻي/پهاڪو)

هڪڙي وڏيري جي اوطاق تي ڪچهري لڳي پئي هئي. مهمان مڙا ٻه ٽڪيل هئا، جيڪي هنڌ وڃائڻ جي آسري في الحال ڪچهريءَ ۾ مگن هئا. ايتري ۾ ڳوٺ جي هڪڙي واندي نوجوان اچي مُنهن ڪڍيو. ڪيس ڏسندي ئي وڏيرو متس ٽُٽِي پيو.
"اڙي واه ڙي ولو واه! هونءَ ڪم نه هجي ته سڄو ڏينهن وينو اوطاق جو حقو چڪين ۽ ڪٽون چنين! اڄ مهمان آيا آهن ته وري گهر تڙ وارو ٿي ويو آهين." اها تمهيد ٻڌڻ کان پوءِ وينس ڪم ڳڻائڻ: "شام کان ڊڳا ٻڪ تهي بينا آهن، انهن کي گاه ۽ ڪتر وجهڻي هئي، سا تو ڪانسواءِ ڪنهن نه وڌي. ڊلا ته ڊلا ٻه گهڙامنجيءَ تي رڪئي رڪئي سڪي ويا آهن! تنهنجي آسري اهي ٻه ڪنهن نه پريا آهن. مهمان ته مهمان آسري ۾ وينا آهن، ته اجها ٿي حويليءَ تان ماني اچي. هنڌ ديري تان الڳ ڪٽي اچڻا آهن. حقو ته، حقي جو مزو چڏائي ويو آهي! اهو ٻه تازو ڪرڻو آهي."
ولو ماڻهن سان هٿ ملائي، اجا ڪٽ تي وينو پئي ته وري وڏيري ٻوهر ڪيس: " اڙي ! وري ويهين ٿو! ... اٿ بابا اٿ!...... پهرينءَ سٽ ته ڪوه تان پاڻي پري آءُ! پوءِ ٻيا ڪم ڪري اڳو پوءِ اچي ڪچهريءَ جو مزو وٺ! اٿ شاباس ! ڏاهو ٿيءُ اُٿ! جلدي ڪر!"
وڏيري جي جهاڙ ٻڌي ولو پنهنجو ويهڻ وهُ سمجهندي، ڪم لاءِ اٿيو ۽ پنهنجي منهن ٻٽڪندو ويو: "هجئي واندڪائي ته وڃ وڏيراڻي اوطاق."
مطلب: وڏيري جي اوطاق تي غريب کي نه وڃڻ گهرجي. ويندو ته رڳو ڪم ئي ڪم ڪرڻو پوندس.

## ١٥٣. هر ڪنهن جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪانه ڪا وات آهي. (هندي، چوڻي)

هندو پنچائت هڪڙي معاملي تي غور ڪرڻ لاءِ ڪٺي ٿي. هلندي ڪچهريءَ ۾ هڪڙي پنچ چيو: "اسين هندو ته روز رام جو نام جپيون ٿا، ان ڪري سرڳ ۾ وينداسين. ويچارن مسلمانن جو ڇا ٿيندو؟! انهن جو نرڳ کان ڪيئن بچاءُ ٿيندو؟"
سڀئي پنچ انهيءَ سوال ڏانهن متوجه ٿي ويا. ڪنهن کي به مسلمانن ويچارن جي بچاءَ جي واٽ نظر نه آئي.
"وڏي پنچائت ڪوٺائجي، ان ۾ اهو مسئلو پيش ڪجي." هڪڙي پنچ وڏي سوچ بعد چيو، جنهن تي سمورا متفق ٿيا.
وڏي پنچ ڪوٺائي وئي. مقرر وقت تي جڏهن سمورا پنچ ڪٺا ٿيا ته ڪين مسئلو وڏو گنڀير نظر آيو. سمورا متو ٽيڪي سوچڻ کي جنبي ويا.
"ويچارن مسلمانن جي بچاءَ ۽ ڪاميابيءَ لاءِ ٻي ڪا به واٽ نه ٿي نظر اچي پر هڪڙي آهي..."
هڪڙي مهاپنچ ۽ دانيءَ وڏي متي- ويڙهاند بعد چيو: "اُها اِها آهي ته جڏهن مسلمين، ڪچهري ڪري ٿڪبا آهن ته اٿڻ وقت چوندا آهن: هلو ته هلي آرام ڪيون. ان وقت جيڪو رام جو نام جپيندا آهن، اتي ڪاميابي ٿيئن ته ٿيئن، نه ته ٻي واٽ نظر نه ٿي اچي."
"پاڻ ته خوامخواه خفي پئي ٿياسين." هڪڙي پنچ پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي چيو: "هر ڪنهن جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪانه ڪا واٽ آهي."
مطلب: ١ . اميدن تي جهان قائم آهي.
٢ . خدا تعاليٰ هر ڪنهن لاءِ، سولائي خلقي آهي.

## ١٥٤. هر ڪو دولت سان محبت ڪري ٿو. (ساهتي، چوڻي)

"مون وٽ ماڻهو تمام گهٽا تا اچن، جنهن ڪري عبادت ۾ هر وقت خلل رهي ٿو." هڪڙي مريد پنهنجي مرشد کان هدايت وٺندي عرض ڪيو: "مون کي اهڙي ترڪيب يا وظيفو عطا ڪيو، جنهن سان ماڻهن مان جان ڇٽي پوي ته جيئن پوري توجه سان عبادت ڪري سگهان."
"ان جو علاج تمام سولو آهي!" مرشد نسخو ڏسِيندي چيس: "امير ماڻهن کان قرضُ وٺ ۽ غريبن/گهرجائن کي ڏي."
"ائين ڪرڻ سان ته معاملا اجا وڌندا!" مرشد سان دل جو حال ڪندي چوڻ لڳو: "جان ته ڪا نه ڇُٽندي."
"ائين ڪرڻ سان تنهنجي بلڪل جان ڇٽي ويندي." مرشد کولي سمجهائڻ لاءِ ٻڌايس: "امير، قرض گهرڻ ٽنئون ۽ غريب / گهرجائو قرض موٽائڻ ٽنئون، تو وٽ ايندا ئي ڪو نه!"
"دولت ٽُهِن کان ماس وڇوڙي ٿي. ائين بلڪل ٿيندو! ڇو جو .... " مرشد وضاحت ڪندي چيس: "هر ڪو دولت سان محبت ڪري ٿو."
مطلب: ١ . اوڙر، محبت جي قئنچي آهي.
٢ . زن، زمين ۽ زر، جهيڙي / قضيي جا گهر.
٣ . زر، زمين ۽ زن، ٽيئي جهيڙي جوڙنُ.
٤ . زر، زمين ۽ زن، ٽيئي پرائين پَنَ.

پيٽيو: دولت، ٺهڻ کان ماس وڇوڙي.

## ١٥٥. هر ڳالهه جي مصلحت، خدا تعالي ئي ڄاڻي. (ساهتي، چوڻي)

هڪڙي ڪراڙي درويش- صفت ۽ نيڪ- مرد کي ٻه ڏيئر هيون. هڪڙي، ڪنير جي گهر ۾ ڏنل هئس ۽ ٻي هاريءَ جي گهر ۾.

اونهاري واري مينهوڳيءَ جي مند جا ڏينهن هيا. برسات اڃا نہ پئي هئي. ڪراڙي کي ڏيئن سان ملي اچڻ لاءِ، زال سنبرائي موڪليو.

پهرين ڪنيارڻ وٽ پهتو. رات ترسي، ٻئي ڏينهن موڪلائڻ لڳو تہ ڌيءُ دعا ڪرڻ لاءِ چيس: "بابا ! اسان جا ٿانءَ اڃا آويءَ مان نہ نڪتا آهن، ٻي آويءَ جيترا ڪچا ٿانءَ بہ ڪلئي آسمان هيٺ انتظار ۾ پيا آهن. مٿان جهڙ بہ پريو بيٺو آهي. دعا ڪجانءِ تہ هفتو- بہ برسات نہ پوي تہ جيئن اسان جي محنت ضايع نہ ٿئي."

"ها بابا! مولا خير ڪندو!" آسرا دلاسا ڏئي، ڪانئس موڪلائي، ٻيءَ ڌيءُ وٽ آيو. هارياڻيءَ بہ رات ٽڪائي ٻئي ڏينهن موڪلائڻ ويل چيس: "بابا! مينهن بہ ڪيترن ڏينهن کان پريو بيٺو آهي. ٻنيءَ کي بہ ريج ڪونہ آيو آهي. برسات نہ پئي تہ هيل فصل نہ ٿيندو. نہ مال لاءِ گاهہ ايندو ۽ نہ گهر لاءِ اَنُ ايندو. اسان جو جيئڻ ئي جنجال ٿي ويندو. دعا گهر تہ برساتڙي پوي. پوءِ ڪجهہ مينهاڻي ڪجهہ ريجاڻي، فصل لڳي ويندو ۽ ڏُرڻُ ڏولائو بہ لهي پوندو!"

"ها بابا! الله سٺائي ڪندو!" هارياڻيءَ کي آٿت ڏيندي چوڻ لڳو: "هر ڳالهہ جي مصلحت، خدا تعالي ئي ڄاڻي."

مطلب: سموري نظام کي خدا تعالي پنهنجي حڪمت سان هلائي ٿو. اها ڳالهہ ماڻهوءَ جي سمجهہ کان مٿي آهي.

## ١٥٦. يارن سان پنبئون نہ ڪجي. (لاڙ، پهاڪو)

هڪڙو همراهہ قتل جي ڪيس ۾ جهلجي پيو. هيٺينءَ ڪورٽ ڦاسيءَ جي سزا ٻڌايس تہ مٿينءَ ڪورٽ ۾ وڃي اپيل وڌائين.

وڪيل سڄو ڪيس پڙهي چيس: "ڪيس ۾ ڪا جان ڪانهي! توکي ڦاسي لڳي ئي ويندي!"

"جيترا پئسا لڳن، لائيندم!" وڪيل کي لالچائيندي چيائين: "ڪيسُ چڱيءَ طرح پڙهہ! من ڪٿان ڪا گنجائش نڪري اچي!"

وڪيل ڪيس تي وڏي مٿا ماري ڪئي. ڪٿي بہ گنجائش نظر نہ آيس، سواءِ انهيءَ جي تہ مجرم پاڳل ثابت ٿي پوي. ان لاءِ بہ سوچي سوچي هڪڙو رستو ڪڍيائين. اصيل کي چيائين: " آڌي پچا وقت، ڪو بہ جواب نہ ڏجانءِ!"

"صفا وات بند ڪري ويهان!" مجرم پڇيس.

"ائين بہ ناهي ڪرڻو! چو جو چريا ائين ناهن ڪندا!" وڪيل، عقل پڙهائيندي چيس: "هر سوال جي جواب ۾ هڪڙو ئي اکر چوڻو آهي!"

"ڪهڙو؟!"

" ڪورٽ سڳوريءَ ۾ جيڪو بہ تو ڪان سوال ڪن، تون ڪين موٽ ۾ چوندين: پنبئون!"
ڪيس هليو ۽ مجرم آڏي پچا ۾ ائين چيو. ڪورٽ سڳوريءَ ڪيس پاڳل قرار ڏئي، بري ڪري ڇڏيو.
آزاد ٿيڻ بعد وڪيل پنهنجي فيءَ جي تقاضا ڪيس تہ ان کي بہ چيائين: "پنبئون!"
"ٻين سان تہ پنبئون پر اسان استادن سان بہ! پنبئون!" وڪيل ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس ۽ چيائينس: "يارن سان پنبئون نہ ڪجي."
مطلب: ١ . لالچي، يارن سان بہ ٺڳيون ڪندو آهي.
٢- پيٽيو: ٻين سان تہ ٺڳُ، پر يارن سان بہ ٺڳُ!؟!

## ١٥٧. يارن سان ڪهڙا ليکا؟ (سنڌ، چوڻي)

هڪڙي وڻ هيٺان، چار ڪير وڪٽنڊڙ عورتون، ڪير وڪٽي ٽڪ پيڄڻ لاءِ اچي ويٺيون. ڪڇهريءَ ڪندي هڪڙيءَ ٻيءَ کي چيو: "وسائي! ڏي خبر پنهنجي يار جي! ڪهڙي پاٽيءَ ۾ آهي!"
"ٻيڻ ڪهڙيون ٿي سورن جون ڳالهيون پڇين؟! مئي کي چيو هيم تہ ٻانهين گهڙائي ڏي! پر ادي لنوائي ويو!" وسائيءَ وراڻيندي چيو: "مون بہ ڳالهائڻ کان ڪئي اٿس بس!"
"سيائي! تون پاڻ واري همراه جو حوال ڏي؟!" پهرينءَ، ٽينءَ کان پڇيو.
"ياڙيو! چيومانس تہ ميلو تو اچي، سوسيءَ جي سٿڻ وٺي ڏي! چيائين: مرچن جي ٻارِ ڪٽان تہ لٽا ڪوڙا!" سيائيءَ صفائي پيش ڪندي چيو: "هاڻ مئيءَ سٿڻ لاءِ ڪو ست- ويهان ڪپن جو ٻارِ ڪٽندو تہ وٺي ڏيندو. مون بہ نهارڻ ئي ڇڏي ڏنو اٿس."
"قاپل! تون پنهنجي پنهل جي ڪا خبر ڪر؟!" پهرينءَ، چوٿينءَ ۽ ننڍيءَ کان پڇيو.
"ائي ادي! ٽيا جو يار تہ پوءِ، ڪهڙي ويهي ڳلا ڪجين!...!" قاپل دليل ڏيندي چيو: "يارن سان ڪهڙا ليکا؟!!"
مطلب: ١ . ياري رکجي تہ توڙ نڀائجي.
٢ . يار جي ياريءَ سان ڪم، خواريءَ سان نہ.

# مددي ڪتاب


-1 آڏواڻي، پيرومل، مهرچند: پهاڪن جي پيڙهه، پريميئر پرنٽنگ پريس حيدر آباد، ١٩١٧ ع.

-2 آڏواڻي، ڪيولرام،سلامتراءِ ديوان: گلشڪر، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ 1979ع، ڇاپوستون.

-3 آنچلاند، جان ڪي ديوي: ٽري ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو، ايم فل لاءِ لکيل مقالو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

-4 بروهي، علي احمد: سڏن متي سڏڙا، سنڌي ساهت گهر، حيدر آباد.

-5 بلوچ عنايت، پرديسي کهڙا پرين: بزمِ تعميرِ ادب ڪراچي/حيدرآباد.

-6 ٻگهيو، عزيزالرحمان: سنڌي چوڻيون (ڳالهيون ڳوناڻن جون –١)، ماهوار نئين زندگي، اپريل مئي 1977ع، ص ٣٣.

-7 ٽالپر، الله بخش: پهاڪن جي پيڙهه، آر ايچ احمد ايند سنز، شاهي بازار حيدر آباد.

-8 سلمان، محمد اقبال: ڪهاوتين، قومي ڊائجسٽ (اردو) آڪٽوبر 1999 ع.

-9 سمون، الهبچايو يار محمد: سيرِ ڪوهستان، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٧١ ع .

-10 سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر: پهاڪن جي پاڙ، س ا ب ڄامشورو سنڌ 1989 ع.

-11 سنڌي، حافظ حبيب: ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدر آباد.

-12 شيخ، الطاف: رڻي آهي گهوٽ سان، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد.

-13 شيخ، اياز: ڪٿي نہ پجبو ٽڪ مسافر، جلد ١، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد ص ١٩٩۴ ع.

-14 نور عباسي: واٽ ويندي، عبرت بوڪ ڪلب حيدرآباد، جولاءِ ١٩٩۴ع.

-15 ڪشناڻي، سنتداس پنهومل، سنتل: سنڌي پهاڪا ۽ محاورا ڪوش، پي وي ڪشناڻي ٽرسٽ پٽي، مهاراشٽر ، پارٽ ١٩٩٣ع.

-16 پراڻو سوشلسٽ: سوشلزم جو سومنات، محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي سنڌ، ڪمرو نمبر ٣٨ مهراڻ سينٽر سکر

# ڏسٽي

١. آپ سکي، جگ سکي. (هندي، چوڻي)
٢. آپ ڪمائيءَ ۽ باپ ڪمائيءَ ۾ فرق آهي. (هندي ، چوڻي)
٣. آڏا چُوڙا، آڏا ٻُورا، مال ڪُوڙا، مراد پُورا. (هندي، پهاڪو)
۴. آفيسر ڪي، پٽيوالا ئي ڪٽند آهن. (سرو، پهاڪو)
۵. اُٺ، الائي ڪهڙي پاسي ليٽي؟ (سنڌ ، پهاڪو)
٦. اُٺ نہ رسن، ٻورا رسن. (سنڌ، پهاڪو)
٧. اُٺي، ٻُهه چُني. (سنڌ پهاڪو)
٨. آپٽي گهوڙجي تہ نشا ٿيوي. (سنڌ ، پهاڪو)
٩. اڄ نہ ڏنو لال، تہ سياڻي ئي صحيح. (هندي ، پهاڪو)
١٠. اڇي پڳ مَ پس اندر مڙيئي اگهڙيون. (چوڻي)
١١. اک ڏنيءَ ڳالهہ تي ٻہ، ويچار ڪجي. (سنڌ، چوڻي)
١٢. اک ڏنيءَ ڳالهہ لاءِ، ڪهڙو پڇڻ؟ (سنڌ، چوڻي)
١٣. اڪين وارا، دنيا ۾ ٿورا آهن. (ساهتي ، چوڻي)
١۴. اڪيين لونگ لڳن، جعفر وسري وڃن. (هندي، پهاڪو)
١۵. اميدن تي جهان قائم آهي. (ساهتي ، چوڻي)
١٦. اڻ هوند ۾ پئسي پلو مهانگو، هوند ۾ رپئي پلو سستو . (ساهتي ، پهاڪا)
١٧. اهو چوڻ ئي مري ويو، جيڪو چٽا ڪپائيندو هيو. (وچولو، پهاڪو)
١٨. ايمان ناهي تہ تلهائپ بہ ڪم جي ناهي. (سنڌ، چوڻي)
١٩. باپ ڪمائيءَ ۽ آپ ڪمائيءَ، سَنڌو آهي. (هندي ، چوڻي)
٢٠. ٻک نہ پڄي ڳُنڊڻ، ننڊ نہ پڄي اوڇڻ. (سنڌ ، چوڻي)
٢١. ٻکيي چکي چيو: "ٻقال ڪر! يا ٻقال جي زال ڪر!" (سرو، پهاڪو)
٢٢. ٻگهڙ ڏسڻ ڪانپوءِ، قاضي تہ چيلي ڪي چڏي پر چيلو قاضيءَ کي نہ ڇڏي. (ساهتي، پهاڪو)
٢٣. ٻاليتو، نہ ماليتو. (هندي/چوڻي)
٢۴. ٻڏيءَ ٻيڙي جون، هريڙون بہ پليون. (سنڌ، پهاڪو)
٢۵. ٻن ٻيڙن ۾ جيڪو چڙهي، چڏا تنهن جا چيرجن. (هندي ،پهاڪو)
٢٦. ٻن جوين جو وَرُ، تنهن جو جيئري ئي جهنم ۾ گهر. (سنڌ ، چوڻي)
٢٧. ٻني سائي جي سائي، ڳاهي ٻکئي جو ٻکيو. (سرو، پهاڪو)
٢٨. ٻيلي کي باهہ لڳي، راڪن پڪاريو، ٻارهين مهيني ورندي آئي: "وِسائي ڇڏيو!" (سرو، پهاڪو)
٢٩. ٻين سان پلي نِڄُ ڪجي پر استادن سان نہ ڪجي. (هندي، چوڻي/پهاڪو)
٣٠. ٻاڙين مٿان پِتِ، ڪانون وڏي ڪيري. (سنڌ، پهاڪو)
٣١. ٻريءَ ٻيڙيءَ ۾، واٽيو ڳورو. (سنڌ ، پهاڪو)

۳۲. پُلي پُلي پاڻ آئي، سا به نه پلي. (سنڌ پهاڪو)
۳۳. پنگان چيز بڏن ته به لندي رووي ڪٽڪ ڪون. (هندي، پهاڪو)
۳۴. پونتريا پونءِ ۾، ته گُهنا به گهوڙي نه چڙهيا. (لاڙ، پهاڪو)
۳۵. ٺگ ٺڳي جڳ ڪي، سياڻو ٺڳي ٺگ ڪي. (سنڌ ، چوڻي)
۳۶. ٺلهن ٺڪرن تي ڏڪا ڪير نه جهليندو. (ساهتي، پهاڪو)
۳۷. ٽڪو ڏيئي پرائو ٻار نه ڪارجي. (سنڌ، پهاڪو)
۳۸. ٽڪي جي ٻوڙ ۾ مک ئي ملندي. (سنڌ، پهاڪو)
۳۹. ٽنگ پڳو ڪم ڪري، ٻانهن پڳو ڪم ڪري، دل پڳو هرگز ڪم نه ڪري. (سنڌ، چوڻي)
۴۰. پاڻي پي ذات نه پڇجي. (هندي/بنگالي، چوڻي)
۴۱. پرائي ڏيءَ تان ڪارڪ به ڇڱي. (سنڌ، پهاڪو)
۴۲. پرائي ڏيوَ تان ڪارڪ به ڇڱي. (هندي، پهاڪو)
۴۳. پنڻ کان وڏيڪ کهڙو نياڳ آهي! (ساهتي ، چوڻي)
۴۴. پنڻ وچان، پڙهڻ ياد ئي ناهي. (سنڌ، چوڻي)
۴۵. پهلي آپ پهلي آپ ڪبو ته گاڏي ڇٽي ويندي. (اردو، پهاڪو)
۴۶. پيادي مان هسوار، هسوار مان پيادو، خدا تو ڪري. (سنڌ ، چوڻي، پهاڪو)
۴۷. پَير کُپي ته جانو به لڳي. (سنڌ، پهاڪو)
۴۸. جاتي پاڻي، تاتي پاڻ. (هندي ، چوڻي)
۴۹. جنهن جو ڪم سوئي ڪري، ٻيو ڪري ته نقصان پري. (سرو ، چوڻي)
۵۰. جنهن جي ڳالهه، پنهنجي پيٽ ۾ نه ٽي ٽڪي، تنهن جي ڳالهه، ڪاتي به ڪين ٽي لڪي. (اردو، چوڻي)
۵۱. جنهن جي ناني نياڳي، تنهن جا ڏوهٽا کهڙا ڏاتار ٿيندا. (سرو، چوڻي)
۵۲. جنهن جي هيڪار، ڪيائين ڪوڙي ٿئي، تنهن تي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهان. (هندي ، چوڻي)
۵۳. جنهن رين جو مزو ورتو، تنهن کان ٻيا مزا وسري ويندا. (ساهتي، چوڻي)
۵۴. جنهن کي پنهنجي حال جي خبر نه ٽي پوي، تنهن کي ٻئي جي سال جي خبر نه پوندي. (هندي، چوڻي)
۵۵. جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي؟ (اردو، چوڻي)
۵۶. جنهن ويني نه ڄاتو، سو بيني کهڙو ڄاڻندو؟ (سنڌ ، پهاڪو)
۵۷. جوش به، وقت تي ڪم ايندو آهي. (سرو، چوڻي)
۵۸. جو گهٽي جي لالچ ڪري ٿو، سو موچڙا گهري وني ٿو. (لاڙ، چوڻي)
۵۹. جو وَڙُ جڙي جن سين، سو وَڙُ سيئي ڪن. (سنڌ، چوڻي)
۶۰. جوئر جُوءِ ۾ نه هوندي، ته رهو رانديون ڪندو. (سنڌ، پهاڪو)
۶۱. جهڙي نيت، تهڙي مراد. (سرو، چوڻي)
۶۲. جيتري جهار هڪلبي، اوتري اٿندي. (سرو، پهاڪو)

٦٣. جيسي جيسيءَ جي ٻولي سمجهندو آهي. (سرو،چوڻي)
٦۴. جيسين ڪاني اثر ڪري، تيسين ٻياني سر نِيئي. (سرو، پهاڪو)
٦۵. جيڪو نانگن جي ٻرڙن ۾ هٿ وجهندو، سو ٻہ نہ بچيو. (سنڌ ، پهاڪو)
٦٦. جيڪي ڪلهو ڏيندا آهن، سي توڙ ٻہ رسائيندا آهن . (سرو، پهاڪو)
٦٧. جيڪي ونڻ سڪيا آهن، سي ڏيندا ڪين آهن. (لاڙ ، چوڻي)
٦٨. جٽ، پادر سان سڌو هوندو آهي. (سنڌ، پهاڪو)
٦٩. جٽيءَ سُٽُ پسايو، واٽيي وڌس وٽي. جٽيءَ ليڪي واٽيو قريو، واٽيي ليڪي جٽي. (سنڌ، پهاڪو)
٧٠. چاڪر مٽان چوڪيدار نہ رکجن. (هندي، چوڻي)
٧١. چُتِ تي چوٽا، مدعي رد. (هندي ، چوڻي/پهاڪو)
٧٢. چگن پنيان چُٽُ ۽ چُٽَن پنيان چگا. (سنڌ، چوڻي)
٧٣. چور ٻہ جهڙو ڪاڪو (ساهتي، پهاڪو)
٧۴. چور تي ايتري چٽي رکجي، جيتري پاڙو برداشت ڪري سگهي. (اردو، پهاڪو)
٧۵. چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک! (سنڌ، پهاڪو)
٧٦. چور چور ٿيندو آ، ٻلو ٻلو ٿيندو آ. (سنڌ، پهاڪو)
٧٧. چورن سان چاھُ پئي، جي من ميڙ ڪيئي. پوندو تہ ڪاٿِ، نہ تہ ڪوٺائبو تہ سهي. (ساهتي، چوڻي)
٧٨. چا رب، چا بسم الله. (ٿر، پهاڪو)
٧٩. چا ڪول ، چا ڪول جو وزن؟ (اردو، پهاڪو)
٨٠. حرام جيڪي ڪائيندا، بک ۾ سيئي اونائيندا. (ساهتي، چوڻي)
٨١. خدا تعاليٰ چپر ڦاڙي ڏئي ٿو. (هندي ،چوئي )
٨٢. خيراتون اهي ڪن، جيڪي ڪجين تي چڙهن! (سرو، پهاڪو)
٨٣. دانگي تپي ڇهہ مهينا تہ ضدي مهمان ڪپي ٻارنهن مهينا. (سرو، پهاڪو)
٨۴. دعا ٻہ لچڻ واري کي لڱندي آهي. (سرو، چوڻي)
٨۵. دنيا ۾ دوڏ ڪان دوڏ، پاني ڪا پاني آهي. (هندي ، پهاڪو/چوڻي)
٨٦. دولت ڏُهن ڪان ماس وڇوڙي. (هندي، پهاڪو/چوڻي)
٨٧. ديگڙا ويامندا تہ مرندا ٻہ. (سنڌ، پهاڪو)
٨٨. ڏٽي تعالي هر هنڌ موجود آهي (هندي، چوڻي)
٨٩. ڏوٻيءَ جي گهران وڃي چوو، ڪپڙو ڦاٽي مالڪ جو. (سنڌ، پهاڪو)
٩٠. ڏاند تہ ڪاهي ويو جمعو، اسان ائين ٻہ نہ چئون. (پهاڪو)
٩١. ڏوهاريءَ جي من ۾ سڀ ڪو سندس گلا ٿو ڪري. (ساٽي، پهاڪو)
٩٢. ڏوهٽا وڏندي جا ويري آهن. (ساهتي، چوڻي)
٩٣. ربُ ريجهائڻ سولو، رنان ريجهائڻ ڏکيو. (سرو، چوڻي)
٩۴. رن چشڪي هري، رکي آرتوار. (هندي ، پهاڪو)

٩٥. رنن زالن جا کهڙا جمعا؟ (سنڌ،پهاڪو)
٩٦. ريڊار اڳيان رباب، وڄائڻ مان نہ وري نہ سري. (هندي، پهاڪو)
٩٧. زندگي تنور ۾ بہ گذري ويندي، سمور ۾ بہ گذري ويندي. (فارسي، چوڻي)
٩٨. ساهري گهر جا پاتي تہ ويري پر چانئٺ بہ ويري. (هندي، چوڻي)
٩٩. سڀ کنهن کي خدا اهو ئو ڏئي، جو ان جي لائق آهي. (سنڌ، چوڻي)
١٠٠. سچي کي چور جو ڊپ نہ هوندو آهي. (سنڌ، چوڻي/پهاڪو)
١٠١. سرڪار، کنهن جي چاچا ماما ناهي. (سرو، چوڻي)
١٠٢. سور آهن ئي بادشاهن کي. (لاڙ، پهاڪو)
١٠٣. سونارو ، پنهنجي ماءُ جي نٿ مان بہ نہ ٽري. (سنڌ، چوڻي)
١٠٤. شاهوڪارن جو ناڻو ويامندو آهي. (هندي، چوڻي)
١٠٥. شينهن شير خدا جو، وٽيس تہ بيدو ڏئي، وٽيس تہ بچو ڏئي. (هندي، پهاڪو)
١٠٦. عزت لٽي کان پوءِ خيرات ڪرڻ، کهڙي ڪم جي؟ (نصيحت ، چوڻي)
١٠٧. عشق نہ ڄاڻي ذات ڪذات. (هندي ، چوڻي)
١٠٨. فقيرياڻي ٽئي راتي، چي: “جارا ڏيوٽا، مين ڪاوٽا!” (ساهتي، پهاڪو)
١٠٩. قبيا اهي، جيکي قاتي مئا. (سنڌ، چوڻي)
١١٠. ڪارا گهٽا پر ڪارنهن ڪنهن ڪنهن جي لهي. (سرو، پهاڪو)
١١١. ڪاهل جي قبر بہ بيا والاري تا وڃن. (سنڌ، چوڻي)
١١٢. ڪتو ڪتي جو ياءُ آهي. (پشتو، پهاڪو)
١١٣. ڪتي نہ مُنهن، ڪتي جي ڏٽين مُنهن. (سرو، پهاڪو)
١١٤. ڪم ڪڍو ڪجي تہ بہ هٿ مضبوط وجهجن. (لاڙ، چوڻي )
١١٥. ڪنيءَ رن جا ٻار ، تورا تيئن چڱا. (سنڌ ، چوڻي)
١١٦. ڪاٽي ڪِڇٽي، اونڌا طباخ. (سنڌ ، پهاڪو)
١١٧. ڪيتي ، سِرَ سَيتِي (سنڌ چوڻي)
١١٨. گرو گپ جو آهي ئي ڪو نہ. (پهاڪو)
١١٩. گيان ڏيان آهي اُتي، جُتِي آهي جِتِي. (هندي، پهاڪو)
١٢٠. گهٽو ڏارجي ان لاءِ هٿان چري ڪپاه. (هندي، پهاڪو)
١٢١. گهر ۾ ڪنهن جو بہ قدر نہ ٿو ٿئي. (اردو، پهاڪو)
١٢٢. گهٽا پئسا، ٿورن پئسن کي ڪمائيندا آهن. (واپاري، چوڻي)
١٢٣. ڳالهين سنديون ڳالهيون، تکي سندا موٺ. (سنڌ، پهاڪو)
١٢٤. لالچ ڇڏڻ سان عزت ملي ٿي. (هندي، چوڻي)
١٢٥. لالچ، ڪتن سان گڏ ڪارائي. (سنڌ، چوڻي)
١٢٦. لک ڪتيا ڏومٽيءَ، جي ڏوم سلامت آيو. (هندي، پهاڪو)
١٢٧. لوپيءَ سندي راڄ ۾، نوڳي مري نہ بک. (سنڌ، چوڻي)
١٢٨. ماٺ ڏاڍي مٺي آهي. (سنڌ، چوڻي)

۱۲۹. مالڪ وجن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وجن غوطا کائيندا. (هندي ، پهاڪو)
۱۳۰. مرشد لاءِ دال، تہ خليفن لاءِ خال. (سنڌ، پهاڪو)
۱۳۱. مڙس بنا ويهون کير نہ ڪري. (سنڌ، چوڻي)
۱۳۲. مفت جو شراب، قاضيءَ کي بہ حلال. (سنڌ، پهاڪو)
۱۳۳. مُنڊِيل هٿن سان، وڙهي ڪين سگهبو. (ڪوهستان، پهاڪو)
۱۳۴. موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ بہ حوصلو کپي. (سنڌ ،چوڻي)
۱۳۵. موت، نہ وقت ڏسندو آهي نہ هنڌ. (سنڌ ، چوڻي)
۱۳٦. مئي ڪتي، پرچھ نہ وڃائجي. (سنڌ، پهاڪو)
۱۳۷. نہ اڳلا نہ پڇلا، مال ڪاڳيا وڃلا. (سرائڪي، پهاڪو)
۱۳۸. نہ اڳلا نہ پڇلا، واه جا وڃلا. (سرائيڪي ، پهاڪو)
۱۳۹. نہ پرڻ ۾ پاڻي ايندو، نہ ئي ڏوڙ ڏاڏيون وٺبيون. (ساهتي، پهاڪو)
۱۴۰. نرُ ننگو، ناري لڄ. ( چوڻي )
۱۴۱. نقصان پوڻ کان پوءِ نصيحت ڪرڻ ، کهڙي ڪم جي؟ (فارسي، پهاڪو)
۱۴۲. نڪمو، پڪيءَ ٻير هينان بہ بک مري. (سنڌ پهاڪو)
۱۴۳. نوڻن جي پٽ نهرائڻ سولي، سرن جي اولي. (سرو، چوڻي)
۱۴۴. واڻڪو بار بہ نفعي جي لالچ ۾ ڏک کائيندو آهي. (هندي ، چوڻي)
۱۴۵. واڻيا ٽڪجن تہ مٽي ڪڍن. (ساهتي ، چوڻي)
۱۴٦. وڃجي شادي شهيد ٿي تہ ٿورو نہ ٿڦجي لونگ فقير ٿي. (سرو، پهاڪو)
۱۴۷. وڏن آئي، ننڍا وسريو وڃن. (سنڌ ، چوڻي)
۱۴۸. وَرُ تہ پهريون وَرُ، ٻيو آهي ڪارنهن جو نِڪرُ. (ساهتي، چوڻي)
۱۴۹. وَرَ راڄ، ٻَرَ راڄ، پُٽَ راڄ، ميچ راڄ. (پنجابي، چوڻي )
۱۵۰. وڻ وڻ کي، اُگهاڙ نہ ڏيکاربي (سنڌ / ساهتي، چوڻي )
۱۵۱. هارئي کان پيتو پلو. (هندي، پهاڪو)
۱۵۲. هجئي واندڪائي تہ وڃ وڏيراڻي اوطاق. (سرو، چوڻي/پهاڪو)
۱۵۳. هر ڪنهن جي ڪاميابيءَ لاءِ، ڪانہ ڪا واٽ آهي. (هندي، چوڻي)
۱۵۴. هر ڪو دولت سان محبت ڪري ٿو. (ساهتي، چوڻي)
۱۵۵. هر ڳالھ جي مصلحت، خدا تعالي ٿو ڄاڻي. (ساهتي، چوڻي)
۱۵٦. يارن سان پنبئون نہ ڪجي. (لاڙ، پهاڪو)
۱۵۷. يارن سان کهڙا ليکا؟ (سنڌ، چوڻي)